
(شاعري)
خانہ بدوش لفظن جا قافلا
ادل سولنگي

# خانہ بدوش لفظن جا قافلا

(شاعري)

## ادل سولنگي

سرسوتي ساهت گھر_ ڏوڪري

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

حق واسطا ليکک وٽ محفوظ آهن

15

| | |
|---|---|
| ڪتاب نمبر: | پندرهون |
| ڪتاب جو نالو: | خانہ بدوش لفظن جا قافلا |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | ادل سولنگي |
| ڇاپو: | پهريون - 17 جنوري 2015ع |
| ٽائيٽل: | ڪپتان ابڙو |
| ڪمپوزنگ | غلام مرتضيٰ، عبدالمنان ميربحر |
| | ڪاتب پريس اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو. |
| ڇپائيندڙ: | سرسوتي ساهت گهر – ڏوڪري. |

مُلھ =/150 رپيا

---

رابطي لاءِ: عيسيٰ ميمڻ
ڪانياواڙ بوڪ اسٽور
بندر روڊ لاڙڪاڻو

Email: essa.memon1985@gmail.com
Cell#: 0333-75553879

سرسوتي ساهت گھر ڏوڪريءَ جا ڪتاب آن لائين پڙهڻ لاءِ هيٺين ويب سائيٽ تي وزٽ ڪري سگهجي ٿو.
www.sindhikitab.net

---

هي ڪتاب عيسيٰ ميمڻ، سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران حيدرآباد مان ڇپرائي ڏوڪريءَ مان پڌرو ڪيو.

# ارپنا

رهبرِ اعظم

سائين جي ايم سيد

مها ڪوي: شيخ اياز

ديش ڀڳت: ڪيرت ٻاٻاڻي

۽ محترم عبدالواحد آريسر جي

فڪري قافلي جي نانءِ

## ادل سولنگي

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(321)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. شاعريءَ جو هي ڪتاب **”خانہ بدوش لفظن جا قافلا“** خوبصورت شاعر ۽ صحافي **ادل سولنگي** جي تخليقن جو مجموعو آهي. عبد الغفار تبسم لکي ٿو:

”شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جي سواد سان گڏ ادل جي شاعراڻي اسلوب سان سنڌ جي ماڳن، مڪانن اُڌمن، اُمنگن، ڪمند جي واڍين کان وٺي تماشامن ۽ روپلن، سيارن سانوڻن، وارن جي چڳن کان وٺي جي هوائن جا حسين احساس ۽ زندگيءَ جون بي پناهہ تنوارون جڻ لونءِ لونءِ مان تنوارينديون هجن، سندس هائيڪن ۽ بيتن ۾ سنڌ جي سونهن جو ڀرپور منظرنامو موجود آهي.“

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪريءَ** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون عيسىٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، رايـن، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسان**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ○ اداري پاران | ادارو | 7 |
| ○ ادل سولنگي؛ مختصر تعارف | مجيب نواب ميراڻي | 8 |
| ○ مهاڳ | رڪيل مورائي | 13 |
| ○ امهاڳ | عبدالغفار تبسم | 30 |
| ○ زندگيءَ جهڙو شخص | ڪلثوم سولنگي | 34 |
| ○ ادل سولنگيءَ کي پيتا | نويد سنديلو | 35 |
| ○ شاعر جي قلم مان | ادل سولنگي | 36 |

| | |
|---|---|
| ❋ نظم | 44 |
| ❋ غزل | 161 |
| ❋ وايون | 176 |
| ❋ بيت | 187 |
| ❋ هائيڪا | 190 |
| ❋ گيت | 193 |

# اداري پاران

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ جو هيءُ پندرنهون ڪتاب جيڪو سنڌ جي خانہ بدوش شاعر ادل سولنگي جي ڪوتا ”خانہ بدوش لفظن جا قافلا“ جي عنوان سان اوهان جي هٿن تائين پهچايو اٿئون. ادل سولنگي نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جو خوبصورت ۽ برجستو شاعر آهي پر هن جي سموري زندگي قومي تحريڪ سان آزاد سنڌ لاءِ جدوجهد ڪندي گذري آهي. ادل پنهنجي زندگي سماج سان ويڙهہ ڪندي گذاري آهي. هن ڪي زندگيءَ سان هزارين شڪايتن هوندي بہ هن زندگي ڪي ٻيڙيءَ جو اڌڙ سمجهي، ڏسڻ ۽ وائسڻ کان اڳ ٺوڪارڻ ڪي ڪفر پئي سمجهيو آهي. اڄ بہ هن جي زندگي سينواريل سماج ۾ نيل ڪنول پاسندي آهي. اڏول ۽ اٽل هالار جيان اوچو ڪنڌ ڪڍي جيئندڙ ادل سماج جو ideal ڪردار آهي.

ادل جي زندگي، پيٽ گذر خاطر خانہ بدوش رهي آهي. هن جي لفظن ۽ خيالن جا سلسلا بہ خانہ بدوش ئي رهيا آهن. جڏهن هن جي شاعري شايع ڪرائڻ لاءِ اداري جي صلاحڪاري بورڊ فيصلو ڪيو تڏهن بہ هن جي شاعري خانہ بدوشن وانگر وکريل ۽ بي ترتيب نظر آئي. هن جي ان خانہ بدوشيءَ ڪي سهيڙي اوهان تائين پهچائڻ نہ صرف پنهنجو فرض سمجهيو سين پر قرض بہ سمجهيوسين. اها ميار مناسب نہ سمجهي سين تہ سنڌي قوم جيئري قدر ڪرڻ سڪي ناهي. ادل جي هن شعوري پورهئي ڪي اوهان تائين پهچائڻ ۾ اداري جي رهنمائي ڪندڙ سائين ناصر زهراڻي ڪي وسارڻ پنهنجو وس ناهي. ان ڪري ادارو هميشہ وانگر سائين ناصر زهراڻيءَ جي خلوص، محبت ۽ سهڪار ڪي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسي ٿو.

اميد تہ اسان جون هي محبتون اوهان ڪي ساب پونديون. اوهان جون محبتون اسان جي ڪُل ڪائنات آهن.

**ادارو: سرسوتي ساهت گهر – ڏوڪري**

تاريخ 25 ڊسمبر 2014

# ادل سولنگي: مختصر تعارف

نالو: لعل بخش
ولد: محمد حسين سولنگي
ادبي نانءُ: ادل سولنگي
جنم: 08 مارچ 1966ع (محرابپور تعلقو باکراڻي)

## تعليم

پرائمري: گورنمينٽ پرائمري اسڪول محرابپور
مئٽرڪ: گورنمينٽ هاءِ اسڪول مخدوم بلاول ضلعو دادو
لکڻ جي ابتدا: 1982ع کان.

## ادبي خدمتون

- اسسٽنٽ ايڊيٽر: ماهوار ”پارس“ ڪراچي1990ع کان1995ع تائين
- اسسٽنٽ ايڊيٽر: هفتيوار سرتاج بدين 1995ع
- سب ايڊيٽر: روزانہ ”پڪار“ ڪراچي 1996ع
- سب ايڊيٽر: عوامي آواز 2007،2008 - 2011ع
- سب ايڊيٽر: سنڌ ٽي وي نيوز ہ سال.
- ايڊورٽائيزنگ شعبو: ماهوار ”لهرون“ ڪراچي 1996ع
- سرڪيوليشن مئنيجر: ماهوار ”رچنا“ ڪراچي 1999ع
- چيف ايڊيٽر: سلسليوار سمبارا، 2006ع کان.
- ايڊيٽر: ماهوار ”سارنگ“ ڪراچي 2010ع کان 2012ع تائين.

## ادبي  وابستگي

- جوائنٽ سيڪريٽري: س اس شاخ شاھ آباد دادو 1983ع
- خزانچي: س ا س شاخ دادو 1984ع
- سيڪريٽري: خزانچي ۽ ڪائونسلر س ا س شاخ محرابپور 1990ع کان 1992ع.
- جوائنٽ سيڪريٽري: س ا س شاخ ڏوڪري 2005- 2004.
- سيڪريٽري ۽ آڊيٽر: س ا س ڪراچي 1995ع کان.
- ميمبر صلاحڪاري بورڊ: سرسوتي ساھت گھر - ڏوڪري 2012ع کان.

## سياسي وابستگي:

- ميمبر: جيئي سنڌ محاذ سان 1985ع کان 1995ع تائين.
- ميمبر: جيئي سنڌ قومي محاذ 1995ع کان اڄ تائين.
- ميمبر ليڪچر ڪاميٽي: جسقم تعلقو ڏوڪري 2005ع ۽ 2006ع.
- سيڪريٽري: جسقم ضلعو لاڙڪاڻو 28 ڊسمبر 2014ع کان.

## سماجي وابستگي:

- صدر ۽ سيڪريٽري: وليج ويلفيئر سوسائٽي محرابپور 1986ع کان 1990ع.
- پريس ترجمان: سماجي تنظيمن جي ايڪشن ڪاميٽي تعلقو ڏوڪري.
- ميمبر مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي: ڳوٺ سڌار سنگت 1994ع
- سيڪريٽري ۽ انچارج: شاھ عنايت شھيد لائبريري محرابپور.
- چيئرمين - سيڪريٽري: مُھين جو دڙو اڪيڊمي آف سنڌ (مختلف وقتن تي).
- گلوبل فائونڊيشن هيومن رائيٽس نيٽورڪ اسلام آباد جو ميمبر.

## سياسي سفر جا يادگار لمحا:

- سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران دادوءَ ۾ ساٿين سان گڏ ٽريلرس کي ساڙڻ، ڪورٽ، ريلوي اسٽشين ۽ جيل ساڙڻ جا ڪيس داخل ٿيا ۽ ڪيترو ئي وقت روپوشيءَ ۾ گذريو.
- 2001ع ۾ مورو باءِ پاس تي سنڌو درياءَ تي اڏجندڙ ڊيمن خلاف هنيل جسقم جي ڌرڻي مان گرفتار ڪيو ويو ۽ هڪ هفتي ڪان وڌيڪ مورو، گڇيرو ۽ گولاڙچي ٿاڻن تي قيد ڪيو ويو.
- 2014ع ۾ 23 فيبروي ڪان 20 مارچ تائين جسقم جي آزادي مارچ ۾ سکر ساڌ ٻيلي کان ڪراچي تائين پيرين پنڌ مارچ ڪيو، وک وک تي سنڌ کي نئين رخ کان ڏسڻ جو موقعو مليو.

**شادي:** 11 جون 1983 ماساتِ سان.

**اولاد:** 1 سورٺ راڻي 2 سونهن راڻي 3 رابيل راڻي 4 مخدوم بلاول 5 ڄام سارنگ 6 سرمد 7 دارا شڪوه 8 فرحان

## مليل ايوارڊ

1. ادبي خدمتن عيوض س ا س شاخ ڏوڪري 2001ع
2. بهترين شاعر ايوارڊ: س ا س شاخ ڏوڪري پاران 2002ع
3. ادبي خدمتن عيوض سنگت شاخ ڏوڪري پاران 2002ع ۾ رهاڻ رچائي وئي.
4. 2007ع ۾ نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ سنڌ پاران سماجي خدمتن عيوض سَنَدَ ڏني وئي.
5. 2007ع ۾ اسوا ڏوڪري پاران ادبي ۽ سماجي خدمتن عيوض مجتا سَنَدَ ڏني وئي.

## چپيل ڪتاب:

1. خانہ بدوش لفظن جا قافلا (شاعري) 2015ع

## اڻ چپيل مجموعا.

- چيٽ جي چانڊاڻ (شاعري)
- پريالو جي گلابن جهڙا پرين (خاڪا)
- سرت سنگهرين نہ قيد ٿيندي آ - (ڪتابن تي تبصرا)
- آزادي مارچ جون يادگيريون.

## ڏس پتو:

ٽپال گهر محرابپور تعلقو باقراڻي، ضلعو لاڙڪاڻو.
فون نمبر: 0344-8389326

**مجيب نواب ميراڻي**

# تصويرون تاريخ ٽين ٽيون



لاڙڪاڻو: ساڄي کان خالد چانڊيو، استاد خالد چانڊيو، ياسر منگي، ادل سولنگي، ادل سومرو، آزاد انور ڪانڌڙو، عيسيٰ ميمڻ ۽ زاهد منگيءَ سان يادگار لمحا (تاريخ: 25 نومبر 2014)



لاڙڪاڻو: ساڄي کان ادل سولنگي، ناميارو ليکڪ مدد علي سنڌي ۽ عيسيٰ ميمڻ
(تاريخ: 9 ڊسمبر 2014)

مهاڳ

# ادل سولنگيءَ جي خانہ بدوش لفظن جا قافلا

رڪيل مورائي

سنڌي ٻوليءَ جي مها ڪوي شيخ اياز لکيو آهي:

سنڌ ڪي مون آڇيو ايڏو سُڪار،
ڏات جو ڪوئي ڏُڪار،
ڪو نہ پوندو.

شايد اياز جي اها نيڪ خواهش ئي آهي، جنهن سبب سنڌ شاعريءَ جي حوالي ۾ ايتري خوشحال آهي، سُڪاريل آهي جو اها ڪنهن شاعراڻي ڏڪار جي ويجهو وڃي ئي نٿي سگهي. اياز جي ان نيڪ خواهش جي تناظر ۾ ڏسبو تہ ادل جي شاعري پڻ ان سڪاريل سنڌ جي سڪار ۾ حصيدار آهي. جنهن کي الڳ نٿو ڪري سگهجي. واڌو اهو تہ سنڌ جي شاعراڻي ادب ۾ هڪ نظم اهڙو بہ آهي، جيڪو ادل سولنگيءَ جي نالي ۽ حوالي سان سڃاتو ويندو، اهو نظم اهڙو آهي جنهن نظم ۾ اڪثر پنهنجي ان ماضيءَ جي تلاش آهي، جيڪو بظاهر اهم نہ آهي تڏهن بہ ماضي آهي، ان ڪري اهو عزيز آهي.

جڏهن حال سنو نہ هوندو هي تہ سنو نہ هوندي بہ ماضي عزيز لڳندو آهي، اهو انسان ذات جو گڏيل الميو آهي، جيڪي قومون، گروهہ ۽ طبقا، پنهنجي آڪاس تي اڏامندڙ حال ۾ جيئن ٿا، انهن لاءِ شايد ماضي ايترو اهم نہ آهي، جيترو انهن لاءِ اهم آهي، جن وٽ حال ڏنڌلو آهي ۽ مستقبل اونداهو آهي.

شخص ان سڄي سفر ۾ جيئن تہ موجود آهي، ان ڪري هو الڳ شڪلين ۾ ماضي، حال توڙي مستقبل تي ويچارڻ ڪان پوءِ جيڪو ڪجهہ ماڻي يا ڀوڳي ٿو، اهو هو پنهنجي حافظي ۾ محفوظ ڪري ٿو ۽ پوءِ وقت اچڻ تي ان سڀ کي پنهنجي تخليق ۾ اظهاري ٿو. تخليق جيڪا هن جي اندر جي آتم ڪٿا بہ آهي تہ ٻاهر جو وهي ڪاتو بہ!

ائين هر شخص پنهنجو وهي ڪاتو ناهي ٿو، قلم سان، برش سان، چيٽيءَ سان يا ڪنهن ٻئي وسيلي/واهڻ جي معرفت.

ادل سولنگيءَ پنهنجي حافظي ڪي قلم وسيلي اظهاريو آهي، چاڪاڻ ته فائن آرٽ جو اهو شعبو ڪيس راس آيو آهي ۽ مستقل ڪيس راس آيو آهي، جيتوڻيڪ هو ننڍپڻ ۾ ڪن پنن تي ڪي وڻندڙن/اڻ وڻندڙ تصويرون به ناهيندو هئو، پر اهو شايد سندس ننڍپڻ هئو، جيڪو وقت ڪانئس پنن سميت ڪسي ورتو آهي، هاڻ هو اڌ صديءَ جو سفر ڪري جنهن هنڌ تي پهچو آهي، اهو اهڙو هنڌ آهي، جيڪو ڪيس، جيڪا به سڃاڻپ ڏيندو، اُها ئي سندس اولين ۽ آخرين سڃاڻپ هوندي.

اج تائين جيڪا هن جي سڃاڻپ سامهون ايندي رهي آهي اها هڪ نظم جي شاعر واري آهي ۽ اهو شاعراهڙو آهي، جيڪو موجوده سڀ ڪجهه کان باغي آهي، بيزار آهي، نااميد آهي. ايندڙجيڪي به ڪجهه آهي ان ۾ سندس اميد آهي، جيڪي ڪجهه هُن ماضيءَ ۾ وڃايو آهي، ان جي حاصل ڪرڻ جي تمنا آهي، غير اهم ماضيءَ کي اهم مستقبل ۾ تبديل ڪرڻ جو خواب آهي، جيڪو هن جي اکين جي ماڻڪين مان نڪرڻ وارو نه آهي، ان جي ساپيان کهڙي ٿيٽي آهي، ان جو پتو نه آهي پر هو هڪ اهڙو شاعر آهي، جيڪو ان ساپيان جي اوسيئڙي ۾ پنهنجا سڀ جنم ارپڻ ڪرڻ جو خواهشمند آهي، شايد هن پٽائيءَ سائين جي پوئلڳي ۾ سندس ان سٽ جو مقصد پنهنجو ڪيو آهي ته:

جي قيام مڙن، ته اوڏا پانئج سپرين.

ادل سولنگيءَ پنهنجي اڌ صديءَ جي عمر کي رسڻ واري وقت ۾ تازو هڪ نظم لکيو آهي ”وڃايل ڳوٺ جي ڳولا“ جنهن نظم کي ڪٽي مان سندس شخص توڙي شاعر جون ڪجهه وضاحتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. اهڙي ڪوشش جنهن جو مقصد هن جي انهن نظمن، غزلن، گيتن ۽ واين جو پيرو کڻڻ هوندو، جن ۾ هن جو ماضي لڪل آهي ۽ جنهن جو سبب هن جو شاعر بڻجڻ آهي. چاڪڻ ته سندس ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ ڪيترائي نقاد سندس شاعريءَ تي لکندا، پر مان انهن ڪِٽن/پلن

تي لکڻ چاهيان ٿو، جن ڪِٽن/پلن ۾ هن اهي نظم لکيا، جيڪي ڪِڙ/پَلَ منهنجي آڏو گذريا آهن ۽ جن جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان، شايد اهڙو شاهد هُو (ليکڪ) پاڻ بہ نہ هجي. ۽ جيڪڏهن ڪو ٻيو ان سڀ کي سمجهڻ يا ڳولڻ چاهي تہ اهو سندس نظم ”وڃايل ڳوٺ جي ڳولا“ ۾ مرڪز بڻيل هي سٽ پڙهي سگهي ٿو:

جڏهن ناري ڪناري سان اسان جو ڳوٺ هوندو هو.

مون کي گمان نہ پر پڪ آهي تہ ادل سولنگيءَ جو هيءُ نظم اهڙي ڪوشش آهي، جنهن ڪوشش پويان ڪنهن بہ شخص جي منشا فقط وقت جا پيرا جاچڻ نہ هوندي آهي، پر انهيءَ پنڌ ۾ هو پنهنجي ڳوڙهن کي بہ تلاش ڪندو آهي، جيڪي هن جي ڪيترن ئي نسلن وهايا هوندا آهن.

ادل جي هن نظم ۾ ان ماضيءَ جي تلاش آهي، جيڪو ماضيءَ هن هڪ جو ئي نہ بلڪہ هن جي سموري خاندان جو ماضي آهي. اهڙو ماضي جيڪو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ انهن ٻن حصن جي وچ ۾ سنڌو درياهہ وهي ٿو. اهو سنڌو درياهہ، جنهن جي ڪنارن تي دنيا جا پهريان گرنٿ/ويد لکيا ويا هئا، ۽ انهيءَ ئي سنڌو درياهہ جي ڪناري تي ادل جي وڏن، پنج هزار سال اڳ هڪ شاندار تهذيب جوڙي هئي، جن جي پيروي ڪندي اڄ هو انهيءَ تهذيب کي محفوظ رکڻ لاءِ شاندار گيت جوڙي رهيو آهي. حيرت جي حد تائين اڄ بہ ادل پنهنجي ان ماضيءَ کان ٽٽو ناهي. اڄ بہ هو پنهنجي ماضيءَ کي اکين ۽ دل ۾ سانديي وينو آهي. شايد سندس دل جڏهن پنهنجي هلچل پوري ڪندي تہ هو پنهنجو اهو ماضي پنهنجي نئين نسل ڏانهن منتقل ڪندو، جيڪر هڪ ڪتاب جي روپ ۾ هوندو، جنهن ڪتاب جو نالو هوندو ” خانہ بدوش لفظن جا قافلا“ هيءُ اهي قافلا آهن جيڪي مسلسل سفر ۾ آهن.

پراڻي ناري ڪناري تي اڏيل ڳوٺ، جنهن جي اڄ ادل سولنگيءَ کي تلاش آهي ۽ هو ان کي ماضيءَ جي جهروڪن مان جانچي رهيو آهي، دراصل اهو ڳوٺ ان ”حوا“ جو ڳوٺ آهي، جنهن کي ڪيئي صديون

اڳ پنهنجو ”آدم “ اڪيلو ڇڏي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئو ۽ ”حوا“ اڄ ڏينهن تائين، پنهنجي ان آدم جي تلاش ۾ آهي.

۽ اهو آدم صدين ڪان پوءِ جڏهن واپس آيو ته اهو ادل جي روپ ۾ هئو. پر اڄ نہ اها ”حوا“ هئي ۽ نہ ئي اهو تصور وارو ڳوٺ هئو. جيڪو ناري جي ڪناري تي موجود هئو، هاڻ تہ فقط اهو هن جي تصور ۾ موجود آهي، جنهن تصور ان ڳوٺ ڪي تلاشڻ لاءِ شاعريءَ جو روپ ورتو آهي.

اڄوڪو آدم، ادل سولنگي ان ”حوا“ جو پاڇو بہ آهي تہ پُٽ بہ!

اڄ هُن جو نئون جنم آهي ۽ هن کي ڪنهن نئين ”حوا“ جي تلاش آهي. جيڪا فقط هڪڙي هئي، باقي تہ سڀ ان جا پرتوا آهن، پاڇا آهن، جن لاءِ اياز چيو هوتہ:

حسين هن دنيا ۾ بہ ڇا ڇا هيا،
ڇـتـائي ڏنــوسيــن تہ پاڇا هيا.

پوءِ بہ هو ان پاڇي جو پيڇو ڇڏي نہ سگهيو آهي. ۽ اڄ بہ ان جي سار پسار کي پنهنجي زندگي سمجهي ٿو.

پراڻو نارو ۽ ان جي ڪناري تي وسيل ڳوٺ محرابپور. ادل جو جنم هنڌ آهي، شايد مرڻ هنڌ بہ! هن کي اتي ئي دفن ٿيڻو آهي، ڇو تہ اتي ئي سندس تهذيب دفن آهي جنهن کي ”موهن جو دڙو“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

ٻيو سبب اهو آهي تہ هيءُ ڳوٺ هن جي ماءُ جو ڳوٺ بہ آهي تہ محبوبہ جو ڳوٺ بہ.

انساني سڀاءُ اهو آهي تہ ڪو بہ شخص بہ ڳوٺ ۽ بہ ٻوليون ئي پنهنجون ڪندو آهي، يا تہ اهي ماءُ جون هجن يا محبوبہ جون ۽ ادل سان تہ مٿيان ٻئي رشتا هن ڳوٺ جا جڙيل آهن.

هن ڳوٺ ادل جي دل ۾ ماءُ جي مامتا کان پوءِ محبت جي اها ڇڻنگ دڪائي هئي، جيڪا سندس دل مان اڄ تائين وساڻي نہ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان آڳ ٻرندي ٻرندي پنهنجا ڪيئي روپ ظاهر ڪيا آهن،

جيڪي شايد سنسار نہ ڏنا هوندا پر ڪڏهن ڪڏهن اُهي سڀ روپ سهيڙي ادل پنهنجي شاعريءَ جي روپ ۾ ظاهر ڪيا هوندا ۽ سندس زندگيءَ جي ٽيهن سالن جي ڊگهي شاعراڻي سفر ۾ اهي سڀ سانديل شعر جڏهن اڄ ظاهر ٿي رهيا آهن تہ، سچ پچ سندس اهو سمورو سفر ڄڻ ظاهر ٿي پيو آهي، جيڪو هن ناري ڪناري تي اڏيل هڪ ڳوٺ (جيڪو هاڻ نندي شهر جو ڏيک ڏيندڙ آهي) کان شروع ڪيو هئو.

اڄ هو زندگيءَ جي اڌ صدي اورانگهي وري پنهنجي امڙ جي ان ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو آهي. جيڪو ڳوٺ بہ موجود آهي. ادل بہ موجود آهي. پر نہ اهو نارو آهي ۽ نہ اهو ماضي آهي، جنهن کي ادل پاڻ سان ڳنڍي هڪ بيحد خوبصورت نظم لکيو آهي :

جڏهن ناري ڪناري سان اسان جو ڳوٺ هوندو هو.

گذريل اڌ صديءَ جي اڌ جيترو حصو، ادل پنهنجي هن ڳوٺ کان پري رهيو آهي. پري رهڻ جا سبب ڪيترائي آهن، ڪڏهن روزگار سانگي، هُو ڳوٺ کان پري رهيو آهي تہ ڪڏهن ڳوٺ هن کي پاڻ کان پري رکيو آهي. ائين نندي توڙي وڏي جلاوطني ڪڏهن انسان پاڻ قبولي ٿو ۽ ڪڏهن اڻ قبوليل جلاوطني کيس ڀوڳڻي پوي ٿي.

ادل سولنگيءَ جو ناناڻو ڳوٺ ۽ ڏاڏاڻو ڳوٺ سنڌوءَ جي الڳ الڳ ڪنارن تي آهن، وچ ۾ آيل فاصلي ۾ سنڌو درياهہ جي تيز وهڪري سان گڏ مزاجن جو فاصلو بہ شامل آهي. جيڪو گڏجي ادل جي مزاج جو اپائيندڙ رهيو آهي. ادل جي مزاج ڏاڏاڻو ڳوٺ قبول ڪو نہ ڪيو ۽ سندس ڏاڏاڻي ڳوٺ جي مزاج، سندس ناناڻي ڳوٺ جي مزاج کي قبول ڪو نہ ڪيو، وچ ۾ ادل ۽ سندس روح پيڙبا رهيا آهن.

مون کي لڳندو آهي تہ اهو ئي سبب آهي جو هو ذهني، روحاني، توڙي جسماني طور سموري ڄمار بيچين رهيو آهي ۽ مسلسل ڏاڏاڻي ڳوٺ ۽ ناناڻي ڳوٺ جي وچ ۾ سفر ڪندو رهيو آهي. سندس شاعري ان سفر جي روحاني، ذهني توڙي جسماني ڪٿا آهي. سندس شاعريءَ جا ٻيا پهلو الڳ آهن، جن تي ٻيا ڪيترائي ليکڪ/ نقاد لکندا.

ادل زندگيءَ ڳڻائڻ جيترا سال دادوءَ ۾ گذاريا آهن. ڪجهه وقت هالا ۾ گذاريو آهي. باقي وقت ڪراچيءَ ۽ پنهنجي ناناڻي ڳوٺ ۾ گذاريو آهي، ننڍڙو وقت هن ڏاڏاڻي ڳوٺ ۾ پڻ گذاريو آهي. جتي سندس ذهني، جسماني ۽ سماجي واڌ ويجهہ ٿي آهي. چڱي وقت لاءِ هو دادوءَ ۾ رهيو. پنهنجي خاندان جي آجيوڪا لاءِ. جتي سندس سياسي ۽ ادبي اوسر شروع ٿي. هو شاعر بڻيو، سياسي ڪارڪن بڻيو. هن دنيا مان هليو ويندڙ پنهنجي شاعر ۽ عاشق ناني لعل بخش جي نالي پنيان رکيل ماءُ پيءُ جي نالي بدران، پاڻ بابت رکيل شاعراڻي تخلص ادل سولنگيءَ جي نالي سان هن لکڻ جي شروعات ڪئي. چو تہ سندس روح ۾ سندس شاعر نانو وينل آهي. جيڪو پنهنجي دور جو ناميارو عالم پڻ هئو.

مان پايان ٿو تہ سندس پهرين ادبي دوستن مان اهم دوست اسان جو دلبر دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماڊرن ڪهاڻيڪار نور گهلو، اهم نقاد ۽ اسان جو مرحوم دوست ڊاڪٽر شمس سومرو ۽ نهايت خوبصورت شاعر ياءُ اظهر منگي آهن، جن جي گڏيل محبت ۽ صحبت ادل کي نصيب ٿي، اهو گڏيل صديءَ جو اسيءَ وارو ڏهاڪو هئو.

سندس همعمر ۽ همعصر دادوءَ جي دوستن ۾ سقراط سيتائي، وزير منگي، مقبول گهلو ۽ ٻيا شامل آهن. جيڪي هاڻ ادب ڪان پري، پنهنجي پنهنجي دنيا وسائي وينا آهن ۽ ادل پنهنجي صحافتي دنيا ڇڏي، ادبي ۽ سياسي دنيا وسائي وينو آهي، ان ڳوٺ ۾ جيڪو ناري ڪناري تي اڏيل آهي. جنهن دنيا ۾ هو ڪيترو خوش ۽ ڪيترو ناخوش آهي، اهو سڀ سندس شاعري ٻڌائي ٿي جيڪا ”خانہ بدوش لفظن جا قافلا“ جي نالي سان اڄ اسان سيني جي هٿن ۾ آهي.

۽ هاڻ ادل سولنگيءَ شاعر بابت ڪجهہ اهم ۽ ڪجهہ غير اهم ڳالهيون.

*

اڪثر شاعرن جيان بي ترتيب زندگي جيئندڙ ادل سولنگيءَ جي شاعريءَ جا سڀ بي ترتيب پنا.

جن کي پنو نالو ڏيڻ بہ پني سان زيادتي ٿيندي.

رديءَ ڪاڳر، گهرو وڪر جي بلن تي ۽ سگريٽن جي پاڪيٽن جي اڇي پاسي لکيل شعر جڏهن هن ترتيب ڏنا آهن تہ، مون کي معجزو لڳي رهيو آهي ۽ پڪ سان جڏهن هي ڪتاب ڇپبو تہ منهنجو معجزن ۾ ويساھ وڌي ويندو. ٻيءَ طرح ڪو بہ اعليٰ شعر هڪ معجزو ئي تہ آهي. ائين ادل سولنگيءَ جا ڪيترا نظم، گيت، غزل ۽ وايون پنهنجو پاڻ ۾ تخليقي معجزو سانديندڙ آهن. سندس شاعري سنڌي شاعري جي حصي ۾ اهڙو واڌارو آهي، جيڪو سندس نالي سان اظهاريو/ياد ڪيو ويندو. هن جي شاعريءَ جا سڀ پاسا سندس شخصيت ۽ ذهن جي آس پاس جا آهن، اهي جيڪو پيغام ڏين ٿا. اهو ادل پنهنجي شعور تي رسندڙ عمر کان وٺي اڄ تائين عملي طور بہ پهچائيندو رهيو آهي.

ادب ۾ چيو ويو آهي تہ ڪا بہ باغي لکٽي، ان ليکڪ جي عمل طور سڃاتي ويندي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن ليکڪ جو لڳاتار لکڻ ئي سندس لڳاتار عمل آهي. پر ادل سولنگي اهڙو ليکڪ آهي، جنهن قلمي ويڙھ ۾ بہ پنهنجو حصو ڳنڍيو آهي تہ عملي ويڙھ ۾ بہ سندس اڄ جي تاريخ تائين موجودگي سندس هڪ واڌو ويڙھ آهي.

ادل جي سياسي ۽ ادبي شعور واري عمر اسيءَ واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن کان ٿئي ٿي، جڏهن هن ملڪ سميت سموري سنڌ فوجي لانگ بوٽن جي هينان لتاڙجي رهي هئي. هيءُ اهڙو دور هو جنهن لکندڙن جو هڪ نئو نسل پيدا ڪيو، جنهن کي ”باغي نسل“ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي، ادل ان نسل جو هڪ ليکڪ آهي ۽ ساڳئي وقت هڪ قومي سياسي ڪارڪن پڻ!.

هن نہ فقط اهي نظم لکيا آهن، جيڪي هن ڪتاب ۾ محفوظ ٿي ويا آهن پر هن اهي نعرا بہ لکيا هئا، جيڪي اڄ سنڌ جي شهرن جي ديوارن تان ميسارجي ويا آهن، جن جي جڳهہ اڄ انهن نعرن والاري آهي، جيڪي ٽڪي اگهہ تي وڪامجي وڃڻ وارا آهن پر ادل اهي نعرا لکيا، جيڪي، جيتوڻيڪ اڄ ديوارن تان تہ ميسارجي ويا آهن، پر سنڌي ماڻهن

جي روح ۽ زبان تان، تيستائين شايد نہ ميسارجي سگهن، جيستائين سنڌ پنهنجو پنج هزار سال اڳ وارو مان ۽ مرتبو حاصل نہ ڪيو آهي.

ادل جا اهي آواز جيڪي وقت جي پيهہ ۽ گوڙ شور ۾ گم ٿي ويا آهن، اهي ئي آواز هن پني تي اتاري رکيا هئا تہ انهن جيڪو روپ اختيار ڪيو آهي اهو هن طرح آهي:

مون کي معاف ڪلجان او سائڻ!
مان تنهنجو پوڄاري هوندي،
توکان ئي انڪاري ٿيندي،
تنهنجو ئي ڏوهاري ٿيندي،
توکي هٿ ٻڌان ٿو سائڻ!
مون کي هاڻ وساري ڇڏجان.

ڌرتيءَ ماتا جي ٿَج عيوض،
پنهنجي سگهہ سهيڙڻ ڪارڻ،
گهاٽن ٻيلن جي هُن پاسي،
پنهنجو ساٿ سموهڻ ڪارڻ،
تنهنجو ساٿ ڇڏڻ ٿو چاهيان.

(نظم فيصلو)

۽ سچ پچ هن پنهنجو ساٿ سموهڻ ڪارڻ، ڪيترن ئي زماني جي ساٿن کي ڇڏي ڏنو ۽ اڄ تائين هو ان سفر تي هلي رهيو آهي. جيڪو سفر ڪٺي ڪٺڻو آهي، اها سُڌ اسان مان ڪنهن کي بہ نہ آهي، پر هو پنهنجي ڌُن جو پڪو آهي. هن جو ماڳ شايد سندس اکيون ڏسي رهيون آهن، تڏهن تہ پڪي ويساهہ مان چوي ٿو:

سوچيان ٿو او منهنجي سائڻ!
پنهنجي پريت نہ مرڻي آهي،
ويس مٽائي ورڻو آهي،
ها! پر،

هن جنم ۾ شايد،
پنهنجو پاڻ ملڻ بہ شايد،
ناممڪن جيئن اٽٽر ناهي،
ها! هيءُ صرف جدائيءَ ويلو،
ڇاٽي سگهجانءِ،
ٻئي يُگ ويلي پوءِ بہ ملبو،
هن ڌرتيءَ تي،
جيڪا تنهنجي منهنجي هوندي،
وڏڙن جيان آسيس بہ ڏيندي،
تيستائين جي تون چاهين،
مون کي هاڻ وساري ڇڏجانءِ.
(نظم ساڳيو)

متئين نظم ۾ ادل جو اظهار انقلابي رومانويت وارو آهي. جيڪا انقلابي رومانويت فيض احمد فيض وٽ هن طرح هئي:

مقام فيض ڪوئي راھ ۾ جچا هي نهين،
جو ڪوءِ يار سي نڪلي تو سوءِ دار چلي.

۽ ساڳي انقلابي رومانويت اياز وٽ هن ريت آئي آهي:

ڪو ڪئين نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪئين نہ موتي زندان ڏي، تا ذلف ڇڪن زنجيرن جا.

ادل ان انقلابي رومانويت کي پنهنجو ڪندي جيڪي نظم لکيا آهن، اهي سڀ هن ڪتاب ۾ موجود آهن. ائين ادل جو نظم ”نتد، ڪتارو، ڪنڌ“ هڪ ويڙهاڪ دور کي اظهاري ڪري ٿو. هن نظم ۾ ادل اهي اديب، شاعر، باغي، سياستدان ۽ انقلابي گڏ ڪيا آهن، جن پنهنجي پنهنجي ديسن ۽ ديس واسين جي آزاديءَ لاءِ ويڙھ ڪاڏي.

ادل بہ ان ويڙھ ۾ جٽيل آهي. اُن لاءِ هو مسلسل لکي رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ لکڻ سندس زندگي آهي، پابلو نرودا لکيو هو تہ ”لکڻ مون لاءِ

ائين آهي جيئن ساهہ کڻڻ، جيئن مان ساهہ کڻڻ کان سواءِ زندهہ رهي نہ ٿو سگهان، تيئن لکڻ کان سواءِ بہ جيئرو نہ رهي سگهندس“.

پابلو جهڙا ڪردار ادل جي آدرشي ڪردارن ۾ شامل آهن، جن کان هو سڌي يا اڻ سڌي طرح متاثر رهيو آهي. دنيا جا هيءُ سڀ ويڙهاڪ/شخص/ليکڪ هڪ نظم ۾ آڻي، ادل ان نظم جي اهيمت کي تہ وڌايو آهي پر پاڻ ۾ پنهنجي جدوجهد کي بہ چٽو ڪيو آهي تہ هو زندگيءَ ۾ جيڪا عملي جدوجهد ڪر رهيو آهي، ان جو ماضي ڪهڙو آهي، جنهن مان انهن ملڪن ۾ ماڻهن جو سونهري مستقبل ڦٽي نڪتو هئو. هو اڄ سنڌ ۾ پڻ اهڙن شخصن/ليکڪن جي تلاش ۾ آهي. پر ان سڀ کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن ۾ پنهنجي تصور واري محبوبہ لاءِ هو ڪهڙو سماج اڏڻ چاهي ٿو. اهو بہ هو ٻڌائي ٿو. ۾ ان سماج ۾ زندگي ڪيئن هوندي اهو بہ ٻڌائي ٿو. ڇو تہ هو سمجهي ٿو تہ:

محنتن ۾ محبتن جو ماڳ آهي زندگي،
ڪنوار جيان ڪوري نڪوري،
ماڪ ورني زندگي،
مُرڪ مينديءَ رنگ،
مٽي جا موڙ آهي زندگي،
ڪارونجهر جي ڪور،
نچندڙ مور آهي زندگي،
زندگي ڄڻ شاهہ جي آ شاعري.

(نظم زندگي آهي ٽڙيل رابيل جيان)

۾ ان زندگيءَ جي سنوارڻ لاءِ ممڪن جتن ڪرٽا آهن، ڇاڪاڻ تہ وري بہ زندگي اهم آهي، جيڪو شخص/ ليکڪ/ شاعر زندگيءَ جي اهميت جيتري وڌيڪ سمجهي ٿو، اهو ايترو ئي زندگيءَ جي ويجهو بہ آهي تہ زندگيءَ سان پيار بہ ڪري ٿو. ائين ادل بہ زندگيءَ لاءِ اهوموهہ وارو رويو رکي ٿو. سندس ويچار ۾:

زندگي ايڏي ڪساري ۾ ڪڙي ناهي پرين!

جو ڏسڻ ۽ وائسڻ کان،
اڳ ڪٽي ٿوڪارجي.
(نظم ساڳيو)

۽ پڪ جنهن شخص/ ليکڪ زندگيءَ جي اهيمت کي ڄاڻي ورتو. اهو هن ڪائنات کي فتح ڪرڻ جي سگهہ حاصل ڪري وٺي ٿو.

ادل زندگيءَ ۾ جيڪو ڀوڳيو آهي. اهو پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاريو آهي. هن ان ڀوڳڻ کي جيڪو اظهار ڏنو آهي اهو نج سندس پنهنجو آهي، سندس ٻولي ان جو لهجو، ان جون تشبيهون، تمثيلون، هن پاڻ تراشيون آهن، جيڪي سندس روز مرهہ جي زندگيءَ مان ڪڇي اچن ٿيون، جن جي پويان سندس مشاهدو آهي/ تجربو آهي، هو ان زندگيءَ مان گذريو آهي. هن ڪتابن ۾ پڙهيل جو ورجاءُ نہ ڪيو آهي.

ها هن پڙهيل جو اثر ضرور قبوليو آهي، جيڪو اثر هر سنجيده پڙهندڙ قبوليندو آهي.

هُن پنهنجي پلئہِ پيل عذابن کي شاعراڻو اظهار ڏنو آهي، هن جو اظهار ان ڪري پنهنجو آهي ڇاڪاڻ جو هن جي محسوس ڪرڻ جو انداز پنهنجو آهي.

هر گهڙيءَ جو گهاءُ ٿو ماري وجهي،
پيار جو پڇتاءُ ٿو ماري وجهي.

*

سپنو سپنو گلاب وانگي آ،
ساڀيا ساڀيا، عذاب وانگي آ.

*

ڪير ڪنهن جي نٿو ٻڌي هاڻي،
لوڪ بي قياس ٿي ويو آهي.

*

جيون جهڙو زهر جا ڍُڪ،
پوءِ بہ پيان پيو پريو ٻُڪ.

*

اوچتو اوچتو مليس هُن سان،
دل تي پٿر رکي کليس هُن سان.

هُن چيو رنجشون گهٽائي ڇڏيون،
مان بہ ڇڻ سمهتي ٿيس هُن سان.

مٿين غزلن جا شعر ادل سولنگيءَ جي شاعراڻي ساک پرين ٿا، جيتوڻيڪ شاعر جي سڃاڻپ شعر آهي، شعري صنف نہ آهي، شعر ڪهڙي بہ صنف ۾ آهي اهو پوءِ آهي. اهو اول شعر هجڻ گهرجي. پوءِ بہ صنفن جي حوالي ۾ جيڪڏهن ڪنهن شاعر جو ڪاٿو ڪيو وڃي تہ پڪ سان ادل نظم جو شاعر آهي ۽ اهو بہ طويل نظم جو، ڇاڪاڻ تہ سندس طبعيت وانگر نظم اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪجھ انگهائي ڇئي سگهجي ٿو، جيڪا گنجائش غزل ۾ نہ آهي ۽ وائي ۾ تہ بنھ بہ!

ادل وايون، بيت، غزل ۽ نظم هن ڪتاب ۾ ڏنا آهن ۽ ڪجھ هائيڪا/ٽيڙو پڻ! پوءِ بہ هو مڪمل نظم ۾ ٿئي ٿو.

شاعري زندگيءَ ڪن عڪسن کي ئي اظهاري سگهي ٿي، شايد ڪو بہ آرٽ زندگيءَ جي ڪن عڪسن کي ئي اظهار ڏيئي سگهي ٿو. خود زندگيءَ کي اظهار ڏيڻ ڪنهن بہ آرٽ ۾ ممڪن نہ آهي، زندگيءَ جون باريڪيون، ڪائنات جي وسعتن جيترين گهريون آهن، خود تخليقڪار پنهنجي پوڳنائن جي ڪن لمحن کي مڪمل اظهار ڏئي ۽ اهو محسوس ڪرائڻ جي سگهہ رکي تہ، اها سندس وڏي حاصلات آهي.

ائين ادل جا گهاريل ڪي لمحا ۽ انهن جا عڪس سندس الڳ الڳ شعرن ۾ آهن پوءِ بہ ٻڌي ليکي هن کي عشق ۽ انقلاب جو شاعر ڪوٺي سگهجي ٿو ۽ ٻنهي حوالن ۾ هو سموري ڄمار اعتماد سان بيٺو رهيو آهي. مٿس اهي ٻئي ڪيفيتون پنهنجي سموري شدت سان حاوي رهيون آهن، جنهن شدت سبب هن ڪٿي ڪٿي شاعريءَ جي باريڪين کي بہ نظرانداز ڪيو آهي يا انهن کي اورانگهي ويو آهي. سبب اهو

آهي تہ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ بيهڻ جي گنجائش گهٽ رکي آهي، چاڪاڻ تہ هو نظم جو شاعر آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ذهين ليکڪ لعل پشپ چيو آهي ۽ لکيو بہ آهي تہ ”شاعريءَ جي صنفن ۾ نظم ۾ بيهڻ جي گنجائش گهٽ آهي ۽ غزل ۾ ڊوڙڻ جي گنجائش گهٽ آهي.“

ٻيءَ طرح ادل جا نظم پڙهي، انهن جي رواني/ترنم ڏسي، اندازو ٿي ويندو تہ هن جي طبعيت ۾ ڪيتري رواني/ترنم آهي، ان لاءِ ٻاهر نهارڻ جي ضرورت گهٽ پوندي، ذڪر طور علم عروض توڙي چند وديا جو ذڪر واڌو ذڪر ٿيندو! جنهن جي هروڀرو شعر ڪي ڪاڻ ڪڍڻ جي گهرج گهٽ آهي، ۽ اهڙي رد عمل ۾ ئي نثري نظم جهڙي سگهاري صنف وجود ۾ اچي چڪي آهي. ۽ وري ادل تہ سدائين جديد شاعريءَ جي امام شيخ اياز جي هنن سٽن جي پوئلڳي ڪئي آهي تہ:

ٿو ڪري پيو ڏينهن رات، فائلاتن فائلات،
چو نہ ٿو سوچي تہ آهي، ديس جي چا ۾ نجات.

شايد ادل لاءِ هي حوالو بہ سندس آڏو آهي تہ:

وڏا بحرزون وڏو شاعر پيدا نہ ڪندا آهن، پر وڏو شاعر وڏا بحرزون پيدا ڪري سگهندو آهي.

چا بہ هجي ادل جي شاعري، خاص طور نظم، هن جي پنهنجي سڃاڻپ جو هڪ مضبوط حوالو بڻبو. جنهن تي سندس لهجي جي مهر آهي، سنڌي شاعريءَ ۾ ادل جو نظم هڪ هڪ ننڍڙو ئي سهي حوالو اُٽيندو تہ اها سندس وڏي حاصلات هوندي اهڙي پڪ آهي.

نظم جنهن ۾ هُن جو ڏک آهي، حالتن جو مشاهدو، مشاهدي مان جوڙيل تشبيهون، تمثيلون، استعارا آهن، جيڪي سڀ هن جا پنهنجا آهن، جيڪي شايد سندس همعصرن وٽ گهٽ نظر ايندا. انهن نظمن ۾ سندس غصو بہ پنهنجو آهي، جيڪو هن سماج، نظام ۽ رياستي دائري ۾ شامل ڏاڍاين ۽ ٻيڇاين تي آهي. جيڪو ڪنهن بہ سوچيندڙ جي من ۾ رهي ٿو. خاص ڪري سنڌ تي سوچيندڙجي من ۾!

هڪ وقت هئو جيڪو اڄ کان ٽيهہ ورهيہ اڳ هئو، جنهن وقت ادل وائيءَ ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو هئو تہ هن جو خيال هئو تہ اها اسان جي پنهنجي صنف آهي، تنهن ڪري اسان ان ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ ڏيئي سگهون ٿا. هن نهايت سٺيون وايون لکيون هيون، جن مان ڪجهہ وايون هن ڪتاب ۾ بہ شامل آهن، هڪ وائي تہ مان هتي ڏيڻ کان سواءِ پاڻ کي روڪي نٿو سگهان، ڇاڪاڻ تہ اها وائي جيتوڻيڪ لکي گذريل صديءَ جي نائين ڏهاڪي ۾ وئي هئي، پر ان ۾ اظهاريل اذيت اسان سيني لاءِ اڄ بہ ساڳي آهي، محسوس ٿئي ٿو تہ ٽيهن سالن جو وقت تہ گذريو آهي پر سنڌ ۾ جڻ اڄ بہ اهو ساڳيو وقت آهي، سنڌي ماڻهوءَ لاءِ حالتون بہ اهي ئي آهن، جنهن ڪري ان وائي کي شايد وقت ڊگهي حياتي بخشي ڇڏي آهي، اسان جي ان کان وڌيڪ ڪهڙي بدنصيبي چئجي! جو اسان ۽ اسان جو سماج ۽ ان جو حالتون ٽيهن ورهين ۾ هڪ وک بہ اڳتي نہ وڌي سگهيون آهن، البت ہہ وکون پوئتي ضرور ويون آهن.

وک وک آهن ورديون،
ڇئہ واٽا چونڪيون،
ڪهڙي آهي زندگي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي مٿان،
تاڻيل جِـــي - تـريـون،
ڪهڙي آهي زندگي.
ڳيرن جي ڳولا پنيان،
ڇـتـيـون ايـجـنسيـون،
ڪهڙي آهي زندگي.
ايندي ويندي واٽ تي،
جُتِ بـٽـيـل جهـڙتـيـون،
ڪهڙي آهي زندگي.
ها! بس جيئون ٿا پيا،
نـرجـا نـڪ ڪنـيـون،

کهڙي آهي زندگي.

کهڙي/ڪين جهڙي زندگي، سنڌ ۾ سنڌين مني صدي گذاري آهي، گذاري ڇا آهي، ڀوڳي آهي ۽ ساڳين حالتن ۾ ئي سنڌ سفر ڪري رهي آهي. ڪجهہ بہ نہ بدليو آهي. ادل جڏهن مٿين وائي لکي هئي، تڏهوڪي سنڌ ۽ اڄوڪي سنڌ ڀنهي جي تصوير ساڳي آهي ۽ لڳاتار سنڌ وڃائيندي رهي آهي. جنهن جو اونو بہ فقط سنڌي شاعر/اديب کي آهي. اهو ئي پيڙا ڀوڳي رهيو آهي ۽ اڄ جو سياستدان ڪنهن بہ سودي بازيءَ لاءِ سمورو وقت تيار وينو آهي.

جنهن سودي بازيءَ جو عذاب وري بہ سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي اديب/شاعر ئي ڀوڳي ٿو. اهڙين حالتن ۾ تخليقڪار جي اڪيلائي ويڳاڻپ/ڪاوڙ ڪانئس ڇا ٿي لکرائي؟ اهو جيڪو، محمود درويش، لکيو، اهو جيڪو، پابلو نرودا لکيو، اهو جيڪو لورڪا لکيو اهو جيڪو قاضي نظرلاسلام لکيو ۽ اهو جيڪو اياز لکيو ۽ انهن جي پوئلڳي ۾ ادل سولنگي لکي رهيو آهي. اها لکڻ جي جنگ آهي، جيڪا وڙهي ويئي هئي، وڙهي وڃي پئي ۽ جيستائين ظلم آهي تيستائين وڙهي ويندي. ماڻهوءَ جي سمورن حقن لاءِ جيڪي حق هُن جي جيئڻ لاءِ آهن ۽ عالمي طور قبول ڪيا ويا آهن.

حيرت جي حد تائين وقت جي ساڳيائپ جو مثال ادل جي هڪ ٻي وائي بہ آهي، جيڪا پڻ ٽيهارو سال پهرئين لکيل آهي ۽ اڄ بہ تر جي حالتن جي نمائندگي ڪري رهي آهي:

بک وگهي آپگهات،
ڪري ونيءَ وَرُ،
ٿرتلي ۾ ٿر.

مان انهن گهڙين ۾ ان احساس جي دٻاءَ هيٺ آهيان، جن گهڙين ۾ ورجايان ٿو تہ، ادل جون حوالي طور آندل وايون ڪٽي، انهن جي تخليق ڪيل وقت بابت ٽيهہ سال لکي رهي آهيان.

مجبوري اها آهي تہ ادل جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن جي سڄي اڌ صديءَ جي ميڙي چونڊي شامل آهي. ان ڪري سندس پڙهندڙ، هن جي شعور جي تيزيءَ جو ۽ ساڳئي وقت ڪنهن تخليق جي دائميت جو اندازو ڪري سگهندو. بيءَ طرح ڪنهن بہ تخليق لاءِ زمان ۽ مڪان جو ڪو بہ قيد نہ آهي. پٿائي سميت دنيا جا سڀ عظيم تخليقڪار، هر دور ۾ نوان هوندا آهن. ائين شايد دنيا جا الميا بہ نوان هوندا آهن ۽ مستقل ڌرتيءَ ۽ انسان کي نئين نموني اذيت ڏيندا رهندا آهن. جن لاءِ زمان ۽ مڪان ڪا بہ اهميت نہ ٿو رکي. خوشي، ڏک، پيار، نفرت ۽ غصو پڻ ساڳئي دائري ۾ اچن ٿا. جيڪي ازل کان ابد تائين رهڻا آهن. ها! انهن جون صورتون الڳ ٿي سگهن ٿيون، ائين انهن جو تخليق ۾ اظهار بہ الڳ ٿي سگهي ٿو. باقي سڀ ڪجهہ ساڳيو رهڻو آهي، ازل ۽ ابد جي وچ تي. انسان ذات جي سفر جيان ۽ ان سفر ۾ انسان جي حالت ادل چواڻي ڪجهہ هيئن آهي:

پنڌ واريءَ جو،
اگهاڙا پير هن جا،
اندر ۾ اڃ جون،
هزارين انتهائون،
ڪنهن هينلي هرڻ جهڙو،
هن جو جيون.

(نظم اڃ جو پنڌ)

جيون جو سفر ڏکيو آهي، ڪائنات جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين، جنهن ۾ چانو آهي، اُس آهي، پاڻي آهي، زمين آهي، جيون کي سفر ڪرڻو آهي. پر هڪ ڳالهہ الڳ آهي اها هيءَ تہ، ادل جي نسل جي لکندڙ لاءِ پهرئين ڏينهن کان مٿان برندڙسج آهي پيرن هيٺان تتل واري آهي ۽ سفر اڻ کُٽ آهي، پوءِ بہ هن جو اتساهہ هن کي ٿڪجي ويهڻ نٿو ڏئي. هو مسلسل هلندو رهي ٿو، لکندو رهي ٿو.

اڄ لکندو رهڻ واري سفر ۾ هو اڪيلو نہ آهي، سندس آس پاڻ لکندڙن جي هڪ ڊگهي قطار آهي، هو انهيءَ قطار مان تيزيءَ مان اڳتي وڌي، ڪيئن پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ٿو، اهو هن ڪتاب اچڻ کان پوءِ سيني پڙهندڙن جي آڏو ظاهر ٿيندو. پاڻ پنهنجي سموري سفر جي ٿڪ ۽ سفر جي حاصلات سان گڏ. سندس حاصلات جيڪا هڪ ڪوتائي ڪتاب جي صورت ۾ هوندي. جنهن جو نالو هوندو ” خانہ بدوش لفظن جا قافلا“ ان کان پوءِ هوندو سندس اطمينان ۽ وري نئين سفر جي شروعات جي تياري.

ائين ڪيس سفر ۾ ئي رهڻو آهي، جيڪو شاعراڻو سفر آهي ۽ جيڪو ڪڏهن بہ ڪٽڻو نہ آهي، وچ ۾ ڪنهن بہ ماڳ تي حياتي ڪٽي وڃي ٿي، پويان رهجي وڃن ٿا پيرن جا نشان، جن کي ڏسي وري ڪي نوان مسافر ان پنڌ تي راهي ٿيڻا آهن ۽ بس!

**رڪيل مورائي**

06.12.2014

ڪراچي

امهاڳ

# ادل جي شاعري سنڌ جو گزيٽيئر آهي

سهڻيءَ سنڌ جي ڳوٺن تي ڇائنجندڙ شامون، واهڻن، وستين تي واهيرا ڪندڙ سنڌ جون سومهڻيون، پپلن، نِمن جي لامن تي چاندوڪين ۾ جهوليندڙ راتيون محراب پور جي آڏين ۾ سڏڪندڙ انيڪ خاموشيون ۽ انهن خاموشين جي وجود ۾ اڻ ڳڻيا پڙڪا، انتڪارن جون سڏڪندڙ صدائون، وڪ وڪ تي پوکڻائون پوکڻي ”لعل بخش“ عرف ادل سولنگي جڏهن پنهنجي شعوري بلوغت جون حدون ڇهي ٿو تہ سندس وجود جي ذري ذري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ لقائن کي پروڙڻ جي هڪ عجيب شڪتي ملڻ لڳي ٿي. هن کي پنهنجي حال تہ نهيو پر ماضيءَ جي مصري احرامن منجهان فرعوني گجڪارون، يوناني، اسپيني ۽ رومي سرزمينن تي ڊوڙندڙ جنگي گهوڙن جون هڻڪارون جنگي ميدانن ۾ وڄ جيان ورندڙ تلوارن جون جهنڪارون پڻ ٻجهڻ ۾ اچن ٿيون. هن کي پنهنجي روح جي پاتال مان پنهنجي روحاني رهبرن جون صدائون پڻ بنهہ چٽيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. هو شاهہ عنايت، سچل، سامي ۽ شاهہ ڀٽائيءَ جا الهامي پيام پنهنجي اندر ۾ اوتي ساڳيا سنديسا ڌرتيءَ جي بي حساب انيائن سان جنگ جوٽيندڙ جوڌن کي پڻ سٽائڻ جي پاڻ ۾ سگهہ محسوس ڪري هيئن ورنائي ٿو:

جيون جي ڇؤواٽي تي، آءٌ تنهنجي ڪارڻ آيو آهيان،
ڌرتي تنهنجيءَ ڏوڙ پنيان، آءٌ ڪنڌ ڪپائڻ آيو آهيان.
شاهہ عنايت، سچل، سامي، شاهہ ڀٽائيءَ جو پيغام،
ڌرتي تنهنجي جوڌن کي، آءٌ ٻڌائڻ آيو آهيان.

پهاڙن جي پنڌن جيان جيون جي وڪ وڪ جهاڳيندڙ ادل سولنگي پنهنجي حصي جي ڏيهن جون پٽون پوريندي، وياڪل من جي بي تحاشا آنڌ مانڌ کي شانت ڪرڻ لاءِ هو پنهنجيءَ وت آهر پوريون ڪارون ڪندو

رهي ٿو پر ادل جو اندر ڪو عام جو اندر نہ ڪونهي هڪ پوري حساس شاعر جو اشانت روح منجهس واسو ڪري ويو آهي تنهن ڪي مانار ڏيڻ شايد دنيا جي هر سچي شاعر جيان ادل جي بہ وس ۾ نہ هجي پر بہ هو پنهنجن ڪشتن ۽ ڪشالن ڪي مخاطب ٿي ورِ ورِ ورجهائيندو ٿو رهي:

پنڌ واريءَ جو
اُگهاڙا پير هن جا
اندر ۾ اُڃ جون هزارين انتهائون،
سانجهہ هن جي پنڌ ڪي
ڪيئي بند ڏئي ٿي
پاڻ ٿانيڪو ڪري هو ساھ ساهن ۾ سمائي
پير پيرن ۾ ڏئي
ڏور ڏهرن جي مٿان
هو چنڊ جا چارا ڏسي ٿو
هو هوريان هوريان
پنهنجي وک کڻي
سوجهري جي ماڪ ڏي
وڌندو رهي ٿو.

(ادل سولنگي)

سوجهرن جي ماڪن ڏانهن روان دوان رهڻ، ڏکن ڏوجهرن، درد جي رٽن ڪي ڇيڄن، شادمانن سان اُڪارڻ جي هنر ڪي شاعري ۽ اهڙين ڪرشماتي ڪارنامن ڪي ادا ڪندڙ ڪي شاعر ڪونجي ٿو. وقت جو ”ڪوي“ جڏهن پنهنجو سفر بخوبي جاري رکڻ جي صلاحيت ماڻي ٿو تہ پوءِ ڪيس مڃتائن جون اٿاھ وسعتون وڌي هن جي وک وک کان اول گهول ٿين ٿيون، آجيائن ۽ آشيروادن جا پاند وڌي هن ڪي پنهنجن پناهن ۾ ونن ٿا، هن ڪي نت نئينءَ رات جا سپ اجرا تارا سندس ڪلا جي سندرتا ڪي سلامي ڏيندا رهن ٿا، پر اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن شاعر پيڙائن جا پولار اورانگهيندي پنهنجين سوچن جي وشال اڏارن سميت

ڪن اڏرندڙ ڪتولين جيان دردن جي هڙني اوڙاهن، آڙاهن ڪي مات ڏئي امرتائن جي اپار ڪي تاڻي پنهنجون نندون قربان ڪري ٻنهي نيڻن جا نور نچوڙي پنهنجي ”هئڻ“ ڪي سڦلتائن ڏانهن وني هلي ٿو.

هيءَ دردن هٽي، مڪرن ۽ منافقن واري دنيا جڏهن، سچائين جي گسن تي هلندڙ سقراط ۽ يسوع جي ارواحن جا بوتا ناهي سندس وجود جي مٿيءَ هٽي جوتي، سوين سُيون ٽيوئي ڪنهن ويران ليسوڙيءَ هيٺان دفن ڪري ٿي تہ شاعر جو پَلُ پَلُ پنهنجي ذاتي عذاب ڪان وني قومي ۽ ساٽيهہ جي سورن کي محسوس ڪندي ڪُري پئي ٿو اهڙيون وارتائون ۽ ڪَربَ جون بلائون اُڪري پار پوڻ جو هنر ڪنهن ڪمال جي ڏات رکندڙ ڏاهي يا شاعر جي حصي ۾ مس اچي ٿو.

ادل سولنگي بہ ان ڪوتا نگر جي وشالتائن ڪي جهاڳيندڙ بي رحمين، بي وسين جي عميق جَرَ ۾ ٻُڏي هيڪاندو ٻڏڻ بجاءِ پنهنجي عطا ڪيل آرٽ سان وَرِ وَرِ سطح تي اپري پنهنجن سرتن جيڏن ۽ پنهنجن لفظن جي خانہ بدوش قافلن سان نت نوان ولولا ۽ اڌما ساري وري هلڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ هو پنهنجيءَ ڏات ۽ پنهنجيءَ ڏاهپ جو پروميٿس بہ خود ٻڄي پئي، هن ڪي پنهنجي وهہ جي وٿين ڪي ماڪيءَ جون ڏارائون ٻڻائڻ جو هنر بہ اچي ٿو ۽ ساڳي وقت هو وقت جي آمرن واري اندر ۾ پنهنجن ٿهڪن ڪي ٽاندا ٻڻائي منهن آڳ ۽ اُلا بہ ڏيڳي سگهي ٿو.

آئون سندس ڪاڻ ائين چئي سگهان ٿو تہ هو دراوڙن جي ديس جو وڍيل وجود ڪنيون پنهنجي ساٽيهہ جي سورن تي لچڻ سان گڏ ميگهہ رت ۾ ملهارون ٻڄي پنهنجن جيڏن، پاڻ ڏانهن متوجہ سنڌ واسين، جي من واري ڪور تي ڪو مور ٻڄي پنهنجن اجهل خانہ بدوش لفظن سان هو بخوبي ٿهوڪڻ بہ ڄاڻي ٿو سندس نظمن، غزلن جون بي حساب حُسناڪيون سندس شاعريءَ جون مڌرتائون هجومن ڪي موهي سگهن ٿيون ۽ في الوقت پڻ پرپور موهہ ڏئي رهيون آهن پر ان لاءِ سامعين جي سماعتن ڪي هن ڏانهن همہ تن گوش ٿيڻو پوندو. سندس اندر جون لازوال صدائون انهن سندرتائن جي سطحن وٽان ئي ٻڌٽيون پونديون

جتان هو پنهنجيءَ شاعريءَ جون پڪارون تاڻي رهيو آهي اسانجي ٽوري ڪن لاٽار هن ڪي ڏڪڻ بجاءِ اسان ڪي ئي سندس استعمال هيٺ ٻوليءَ جي امل ميراث کان محروم ڪري سگهي ٿي. هن وٽ ڀهراڙيءَ جي ٻوليءَ واري وکر سان گڏ شهري (civil society) سِوِل سوسائٽيءَ جا ڀهروپي ۽ نج ڏيک پڻ موجود آهن. هوداس ڪيپيٽال کان وٺي ساميءَ جي سلوڪن ۽ اياز جي رچنائن جي ڪينواس تان پنهنجيءَ شاعريءَ جي آبياري ڪرڻ جو ڏانءُ رکي ٿو هن جي شاعريءَ ۾ نظرين، عقيدن، ريتن، ڪُريتن، پاپ پُنَ نياءَ انياءَ جون باڪمال نندائون ۽ آجيائون ملن ٿيون سندس خيالن جي ورونهن مان پانت پانت جون ياترائون، تاريخ جي نون ورقن جون مهورتون پڻ ملن ٿيون. سندس خانہ بدوش لفظن جي قافلن ۾ ديسي پرديسي واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن جي بي حساب نُدرتن سان گڏ سنڌ ۾ موجود ريتن رسمن جي ناڪاري قدرن جون نوحہ خوانيون پڻ سٽ سٽ ۾ سمايل آهن، مان ائين چوان تہ هي شاعريءَ ۾ سنڌ جو گزيٽيئر آهي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جي سواد سان گڏ ادل جي شاعراڻي اسلوب سان سنڌ جي ماڳن، مڪانن اُڏمن، اُمنگن، ڪمند جي واڍين کان وٺي تماشامن ۽ روپلن، سيارن سانوٽن، وارن جي چڳن کان وٺي جي هوائن جا حسين احساس ۽ زندگيءَ جون بي پناهہ تنوارون جڻ لونءَ لونءَ مان تنوارينديون هجن، سندس هائيڪن ۽ بيتن ۾ سنڌ جي سونهن جوڀرپور منظرنامو موجود آهي.

اميد تہ ادل سولنگيءَ جي پيار جي پورهئي کي سيئي سنڌ واسي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ضرور ڏيندا ۽ سنڌ جا ساجاهہ وند ”تون ڇو آهين مان ڇو آهيان؟ تون ڇا معنيٰ مان ڇا معنيٰ؟“ جا امر آلاپ سٽي سندس ورلاپ ضرور ورائيندا.

**عبدالغفار تبسم**

ڪراچي

تاريخ 22 ڊسمبر 2014ع

# زندگيءَ جهڙو شخص

منهنجو مامو ادل سولنگي، هڪ بيحد احترام ۽ پيار ڏيندڙ شخص، زندگي ۽ رشتن جي روين جو زهر مرڪندي پيئندڙ ۽ زندگيءَ سان انتهائي پيار ڪندڙ. تکو ڪاڏو ڪائيندڙ ۽ تکو مزاج رکندڙ، هن شخص کي پنهنجي سگريٽ سان بہ ايڏو ئي پيار آهي جيڏو زندگيءَ سان. هو گلن پوڪڻ جو شوقين آهي، جيتوڻيڪ ڪيس سُڌ آهي تہ گلن سان گڏ ڪنڊا بہ هوندا آهن. پوءِ بہ هُن جو زندگيءَ سان مُوهہ آهي. جنهن جو اندازو سندس هن نظم مان لڳائي سگهجي ٿو.

زنـدگي بـيـڙيءَ اڏڙ نـاهي پرين!
جو وسامڻ ڪان ئي اڳ اجلائجي.

سندس مٿيون نظم اڄ ڪان ويهہ ورهيہ اڳ، جڏهن مون ٻڌو هئو تہ اهو پهريون پيرو هُئو جو ڪنهن شعر ٻڌڻ تي منهنجون اکيون پرجي آيون هيون. اڄ بہ اُن نظم جو اثر منهنجي ذهن توڻي روح تي اهڙو ئي تازو آهي، جهڙو ويهہ ورهيہ اڳ هُئو.

**ڪلثوم سولنگي**

**ڪراچي**

26.11.2014

# ادل سولنگي کي پيٽا

هي هالار جيان
اوچو ارڏو اڏول شاعر
محراب نالي ڳوٺ ۾
زندگيءَ جون حسين گهڙيون
گهاري پيو
لاٽ، اُوندھ ۾ ٻاري پيو
دور سفر کان موٽندي
سدائين اسان لئہ جو ڇپر ڇانوَ آ
سندس سٿ ۾
محمود درويش ۽ حمزا توف جيان
سمايل آهي ڪيتن جي خوشبوءِ
سدائين ظلم سان جهڙيندي
مُرڪون جڳ مان ميڙيندي
ديس پنهنجي لئہ جو گيت جوڙي پيو
سياري جي سرد راتين ۾
توٽي سانوٽيءَ جي لِڱ ساڙيندڙ لُڪن ۾
سگريٽ جو هٽي ڊگهو ڪش
سونهن ڌرتيءَ جي پسي پيو
گس امن ۽ پيار جا
ديس واسين کي ڏسي پيو.
هن جي ساٿ ۾ رهي
ٻڌو آهي هن کان اسان
پکين ۽ گُلن سان ڳالهائڻ
لفظن ۾ نيون تشبيهون
پنهنجن گيتن ۾ سمجهائڻ
هو جيڪو جيون ۾ انوکا نانوَ آ
سدائين اسان لئہ جو
ڇپر ڇانوَ آ.

(**نويد سنديلو**)

**شاعر جي قلم مان**

# خانہ بدوشيءَ جون ساروڻيون

منهنجو جسماني جنم ڳوٺ محراب پور/ ڏوڪريءَ ۾ ٿيو، جڏهن تہ منهنجو ادبي جنم جادوءَ جهڙي شهر دادوءَ ۾ ٿيو آهي، دادوءَ جي سامهون سنڌو درياهہ جي ڪاپي ڪناري آباد مورو آهي.

مورو- جنهن لاءِ منهنجي محبوب شاعر دوست سليمان سولنگيءَ چيو آهي تہ:

اڄ تہ ڪريون سودو،
ٻہ چميون، هڪ ياڪر،
پوءِ سارو مورو تنهنجو،
واڏو تورو تنهنجو.

مورو- جنهن ۾ سائين راشد مورائي عظيم سنڌي، محمد صديق پرهياڙ، سائين محمد لائق زرداري، فتح علي شاهہ، عبدالحق ميمڻ، ادريس جتوئي، نماڻي سنڌي، احمد سولنگي، خادم ٻگهيي، سڪندر ڪورائي، بادل ٻگهيي، هاشم ڪوسو، آفتاب ٻگهيي، عرفان عباسي، امداد سولنگي، ارباب چڇڙي، محبتي ملاح، رڪيل مورائي، رزاق مستوئي، رمضان نول، عبدالله جيسر، اسد سولنگي، اسلم عباسي، عزيز سولنگي سميت ڪوڙ سارن ادب دوست ساٿين وچ ۾ اٿندي ويهندي، انهن جي ادبي ڪچهرين مان جيڪو ڪجهہ پرايو/ حاصل ڪيو آهي. ان جي ڪا موٽ تہ نہ ٿو ڏئي سگهان پر اهو قبول ٿو ڪيان تہ منهنجي ادبي / شاعراڻي ميڙي چونديءَ ۾ هنن دوستن جو ساٿ ۽ سهڪار اهم محرڪ رهيو آهي.

موري جي ادب دوستن جيڪو مانُ ڪيو آهي، اهو ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهان پر جيڪو موري جي مائٽن اَپمان ڪيو آهي اهو بہ ڪڏهن وسري نہ سگهندو.

دادو- جنهن لاءِ استاد بخاريءَ جون پڇاڙڪيون سٽون آهن تہ:

تنهن پوندي استاد، دادوءَ جي دلڙي،
بخاريءَ ڪان مورو، متان موڪلائي.

يا منهنجي پياري دوست منظور سخيراڻيءَ جو ڳايل هي ڪلام:

دادوءَ ۾ ساهہ منهنجو،
دادوءَ ۾ چاهہ منهنجو،
هلي آ دادو.

دادو منهنجو ادبي جنم ڀومي - جنهن دادوءَ سان - مخدوم بلاول، حيدر شاهہ سنائي، علامہ آءِ آءِ قاضي، سائين جي ايم سيد، سائين محمد ابرهيم جويو، ايم ايچ پنهور، استاد بخاري ۽ تاج جويو، جهڙن عظيم انسانن جو تعلق رهيو آهي. دادو شهر جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت شاهہ آباد شاخ بہ هوندي هئي. جنهن جي پهرينءَ گڏجاڻيءَ جي صدارت ناليواري ڪهاڻيڪار ڪيهر شوڪت ڪئي هئي، جنهن ۾ سائين نور گهلو، ڊاڪٽر شمس سومرو، اطهر منگي، وزير منگي، شير زمان سومرو، گل شير سولنگي، اميد سنڌي، علي گوهر سومرو، شان راشدي سميت ڪوڙ سارن دوستن شرڪت ڪئي هئي. تنهن زماني ۾ سنگت جون گڏجاڻيون جڳت آباد پاڙي ۾ اطهر منگيءَ جي اوطاق تي ٿينديون هيون. جنهن ۾ احمد خان ملڪاڻي، فاروق سولنگي، سنڌو ميراڻي، سقراط سيتائي، قمر ڀان، مجيد پنهور، الطاف انصاري، وفا شبير جمالي، شير محمد پرڳڙي، عبدالله خان مگسي، عزيز ڪنگراڻي، منظور ٿهيم، خاڪي جويو، تاج جويو ۽ سائين راشد مورائي شريڪ ٿيندا هئا.

دادو، جنهن ۾ منهنجي جوانيءَ جا ويڙهاڪ ڏينهن ايم آر ڊي تحريڪ جي ورِ چڙهي ويا هئا ۽ مون کي موٽ ۾ مليون هيون رولاڪيون، روپوشيون ۽ معاشي بدحالي. ايم آر ڊيءَ جي حاصلات، جمهوريت جي بحالي جنهن جو پير مظهر جهڙن ماڻهن ڪتيو ڪاڏو، ايم آر ڊي شهيدن کي ايئن وساريو ويو جيئن اڄ سڄيءَ سنڌ کي وساريو

ويو آهي. سنڌ جي پينگ ايتري ڏارين ناهي ڪئي جيتري پينگ سنڌ جي اقتدار ڌُٽي پارٽي ڪري رهي آهي انهيءَ ڪان پوءِ منهنجو ڳوٺ محراب پور ۾ رهڻ ٿيو، جتي سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي ۽ ڏوڪري جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي.

لاڙڪاڻي ۾ - سائين سرڪش سنڌي، افضل قادري، محمد علي پناڻ، ملڪ آگاڻي، منٺار سولنگي، منظور ڪوهيار، رزاق مهر ۽ واجد منگي سميت ڪوڙ سارن ادب دوستن ڪان سکڻ جو موقعو مليو، ڏوڪري سنڌي ادبي سنگت ۾ ناصر زهراڻي، گلاب سومري، خير چني، عيسىٰ ميمڻ، عزيز منگي، شهمير سومري، حمزه علي سوهو. حاڪم مگريي، صلاح قاضي، هدنُ جيسر، منير سومري، ڪامريڊ حيدر جويي، حافظ رجب سولنگي، بچل سولنگي، عرفان موريي، ارشد ميراڻي، غفور زهراڻي، انور ابڙي، نثار ڪوڪر، ظهير بسمل، امام ٻٽ، عارف مگّريي، سجڻ سنڌي، فلڪ ٻٽ، علي گوهر ٻٽ، سميت ڪوڙ سارن دوستن ڪان پرائڻ جو موقعو مليو. تڏهن بگي، باڊهہ ۽ ڳيريلي شاخن ۾ بہ وڃڻ جو موقعو ملندو هو. جنهن ۾ عزيز منگي، مجيد زهراڻي، وفا صالع راڄپر، حبدار سولنگي، اصغر سنڌي، بحربوٽرائي، غلام نبي ڪولاچي، مير ڪولاچي ۽ ٻين سنگتين ڪان سکڻ جو موقعو مليو.

اٺويهہ سئو اٺانوي جو زمانو آهي. سِگا پاران ڪراچي ۾ انٽرنيشنل سچل سيمينار ڪونايو ويو آهي. آءٌ پرل ڪانتيننٽل هوٽل ڪراچي ۾ ٽيندڙ چئن ڏينهن وارين تقريبن ۾ شريڪ ٿيان ٿو.

آخري تقريب مشاعري جي آهي، جنهن جي صدارت مها ڪوي شيخ اياز ڪري رهيو آهي ۽ ان مشاعري جي ميزباني سنڌي ادبي سنگت جو اڳوٽو سيڪريٽري جنرل سائين شمشير الحيدري ڪري رهيو آهي. مشاعري ۾ استاد بخاري، تاجل بيوس، تاج بلوچ، تنوير عباسي، غلام حسين رنگريز، وينا شرنگي، قمر شهباز، هدايت بلوچ، ادل سومري ۽ اياز گل سميت سنڌ جي ناليوارن شاعرن پنهنجو شعر پڙهي مون ڪي هالار جيڏا حوصلا ڏياري چڏيا هئا.

ٻئي ڏينهن آءٌ پارس جي آفيس ۾ مجيد پنهور سان ملڻ لاءِ پهچان ٿو. منهنجي ملاقات سنڌي ڪهاڻيءَ جي ناليواري ليکڪ علي بابا سان ٿئي ٿي، علي بابا ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مون کي پارس ۾ ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪري ٿو ۽ آءٌ بنا ڪنهن هٻڪ جي اهڙي آڇ قبولي پارس ۾ ڪم ڪيان ٿو. پرسان سنڌيڪا اڪيڊمي هئي جتي پارس ڪمپوز ٿيندو هو. اتي ئي سائين نور احمد ميمڻ، علي حسن چانڊيي، انب گوپانگ سان سڃاڻپ ٿي. جڏهن تہ سهڻيءَ جي ايڊيٽر طارق اشرف ۽ ساجاهہ جي ايڊيٽر خاڪي جويي سان پڻ ملاقاتون ٿينديون هيون. جڏهن تہ رمپا پلازا تي سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون. تڏهن سنگت ڪراچيءَ جو سيڪريٽري جان خاصخيلي هوندو هئو.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جا تنقيدي ڪلاس مثالي ڪلاس اهڙي نموني هلندا هئا جو تهہ سياري ۾ پگهر ۽ آرهڙ جي ڏينهن ۾ ٿڌ وٺي ويندي هئي، ڪيترائي ورهيہ ڪراچي ادبي سنگت جي انهن گڏجاڻين ۾ شريڪ رهندي، ڪجهہ لکندي ۽ ڪجهہ پڙهندي اڳتي وڌيو آهيان تڏهن مون ڪراچيءَ کي پنهنجو گهر ٻڌائي ڇڏيو هو. اها ڪراچي جنهن لاءِ مها ڪوي شيخ اياز لکيو هيو تہ:

اي ڪراچي-
جهلملائيندڙ
ڪراچي.

۽ منهنجي پياري دوست حسن درس لکيو هيو تہ:

او – ڪراچي
تون اسان جو سچ آهين
۽ اسان سورج مُکي!

۽ آءُ ڪراچيءَ ۾ رهي پيو هوس.

ادب جو ڪينواس ڌرتي ۽ آڪاش جيڏو وسيع ۽ ويڪرو آهي جنهن جي گهرائپ سمنڊ جيڏي ۽ رنگت ڪائنات ۾ موجود رنگن کان بہ وڌيڪ ويڪري آهي. ۽ وري شاعري - ادب جو اهڙو حسين مُک آهي

جنهن جي سونهن تي لطيف، سچل، سامي، ڪيئلداس فاني، ڪشنچند بيوس، تنوير عباسي، شيخ اياز، استاد بخاري، شمشيرالحيدري، امداد حسيني، تاج بلوچ، تاجل بيوس، راشد مورائي، غلام حسين رنگريز، حڪيم ارشد، انور پيرزادي، حسن مجتبيٰ، ڊاڪٽر شمس سومري، مير محمد پيرزادي، اياز امر شيخ، اياز گل، ادل سومري، تاج جويو، ذوالفقار سيال، مختيار ملڪ، پارس حميد، مشتاق ڦل، اطهر منگي، نور گهلو، واجد منگي، نصير مرزا، حليم باغي، آڪاش انصاري، شاهه محمد پيرزادي، روبينہ ابڙو، عطيہ دائود، امر سندو، پشپا ولڀ، زيب نظاماڻي، اياز جاني، احمد سولنگي، بدر شاهہ، رڪيل مورائي، وسيم سومرو، حسن درس، نويد سنديلي، بخشڻ مهراڻوي، رمضان نول، نماڻي سنڌي، امر اقبال، ابرار ابڙو، بخشل باغي، ستار سندر، ماڻڪ ملاح، امتياز ابڙو، امداد سولنگي، انور ابڙو، عادل عباسي، حبدار سولنگي، محمد علي پناڻ، ممتاز عباسي، اظهرباڻيڻ، علي حسن چانڊيو، رحمت پيرزادي، امر پيرزادي، سميت هزارين سنڌ جي شاعرن، سنڌي ٻوليءَ ۾ سرجنڌڙ شاعريءَ سان نينهن لاتو ۽ خوب نڀايو آهي.

آءٌ شاعريءَ جي قافلي جو سڀ کان پويون پانڌيئڙو آهيان. ادب جي هن قافلي ۾ روز نوان تخليقڪار شامل ٿيندا رهن ٿا. زندگي انفرادي طور ڀلي ختم ٿيندي هجي پر اجتماعي زندگيءَ جو تسلسل برقرار رهي ٿو ۽ هر حال ۾ رهڻو آهي.

آءٌ مهين جي دڙي جي ڏراوڙن جو پويون نسل آهيان، منهنجي وڏڙن هزارين سالن جون ارتقائي منزلون طئي ڪندي نہ رڳو سنڌوءَ ڪناري ويد لکيا هئا، پر جڏهن سنڌو سلطنت جي گاديءَ واري شهر جي اڏاوت ڪئي هئي تہ ان شهر سنڌو سلطنت جي اعليٰ تهذيب جو چِٽ تہ اوچو مينار تعمير ڪري ڇڏيو هيو. مهين جو دڙو جيڪو نہ رڳو سنڌو سلطنت جو عظيم ثقافتي ورثو آهي پر اڄ جي دنيا جو گڏيل تاريخي ثقافتي ورثو بہ آهي. مهين جو دڙو جنهن دنيا جي اڄوڪي ترقيءَ جا مضبوط بنياد ڏهہ هزار سال اڳ رکيا هئا. ڪڏهن هن شهر ۾ بہ يورپ ۽

آمريڪا جهڙي ترقي هئي ۽ تمام گهڻي خوشحال زندگي هئي - ٺهڪ هئا - مرڪون هيون - گيت هيا - ناچ هيا - هڪڙي جيئري جاڳندي تهذيب هئي، وقت جي اوتر هن تهذيب کي پوري چڏيو - ۽ مهين جي دڙي جي ڏراوڙن جي هيءَ عظيم تهذيب تاريخ جي تہ خانن ۾ پوريل رهي - جنهن کي سر جان مارشل، مجمعدار ۽ سندن ساٿين ڳولي لڌو آهي. آءٌ سنڌو سلطنت جو اهو وارث ڏراوڙ آهيان، جنهن ڌرتيءَ تي ڪاهہ ڪندڙن سان پهريون مهاڏو اٽڪايو هئو.

آءٌ ان ڏراوڙ جي سڌ جو پڙاڏو آهيان، جنهن ڪاهہ ڪندڙن کي هڪلون ڏيندي للڪاريو هئو ۽ وطن جو رکوال بڻجي ويڙهاند ڪئي هئي. اڄ بہ پنهنجي وڏڙن جو وهيل رت منهنجي نيڻن جي پنبڙين مان وهي رهيو آهي.

مون پنهنجي سڄي ڄمار ان ”چرڪ“ ۾ جاڳندي گذاري آهي تہ متان اڄ وري ڪو نئون اوتر منهنجي سرزمين سنڌ کي ايٽمي سگهہ جي پناهہ گاهہ نہ بڻائي ڇڏي ۽ پوءِ تاريخ ۾ اسان کي بہ ڪنهن هيروشيما ۽ ناگا ساڪيءَ وانگر ياد ڪيو وڃي. منهنجي تر جي جابلو پٽين ۾ ايٽمي سگهہ کي محفوظ رکڻ جي نالي ۾ ڌرتي کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن. گڏيل قومن جو عالمي ادارو، اهڙي چرپر جو ڪوبہ نوٽيس ڪونہ ٿو وٺي. اهڙي عمل خلاف آواز اٿاريندڙ نوجوان قومي ڪارڪن کي ڪنيي گم ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪين ٽارچر سيلن ۾ بند رکي ڇچريل لاشن جي صورت ۾ رستن تي ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. عالمي ضمير، انساني حقن جون تنظيمون، ۽ جمهوري ملڪ اهڙي عمل تي مسلسل خاموش آهن - عالمي ضمير جي اهڙي خاموشي ۽ بي حسيءَ سبب مون سميت سنڌ جي سمورن سڄڻن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن ۽ اسين مسلسل جاڳي رهيا آهيون.

شاعري جاڳ جي پنڌ جو اهڙو وسيلو آهي جنهن جو هٿ وٺي پنهنجي منزل ڏانهن نہ رڳو وڌي سگهجي ٿو پر پنهنجي منزل تائين رسي بہ سگهجي ٿو. شاعري قومن جي جسم ۾ روح جيان هوندي آهي.

شاعري جوان جسمن ۾ عشق ۽ انقلاب جا ألا ٻاريندي آهي، شاعري قومن جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. شاعري اهڙو تحفو آهي جنهن جي ذريعي آزاديءَ جي جل پري ماڻي سگهجي ٿي. شاعري قومن جي جياپي جي شاهدي آهي، جنهن قوم وٽ شاعري آهي ان کي ڪا بہ طاقت مات نٿي ڏئي سگهي.

پراڻي ناري ڪناري تي آباد منهنجو ڳوٺ محراب پور صدين کان آباد آهي. علمي - ادبي - سياسي جاڳرتا ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندو پيو اچي.

هن ڳوٺ ۾ بزرگ خليفي صوبدار جتوئي ۽ عاشقِ رسول مولوي غلام رسول جتوئي جهڙيون شخصيتون بہ مدفون آهن. سياسي حوالي سان عزيز احمد جتوئي ٽيون پيرو ايم پي اي ٿيو آهي، جيڪو راجوٽن فيصلن ۾ نالو ڪمائيندڙ مرحوم حاجي غلام مصطفيٰ خان جتوئي جو ننڍو فرزند آهي. ادبي حوالي سان مولوي غلام رسول جتوئي جي خطبن تي ٻڌل ڪتاب ”خطباتِ رسولي“ ۽ سندس پوٽي منهنجي دوست آزاد جتوئي جي ڪهاڻين جو ڪتاب ”ڏکيو ڏيهہ – سندر سپنا“ ڳوٺ محراب پور جي ڪاتي ۾ چڙهيل آهي.

سماجي سجاڳيءَ جي حوالي سان حاجي شير محمد خان جتوئي جو ماضيءَ ۾ مثالي ڪردار رهيو آهي. جڏهن تہ سندس خاندان رهبر اعظم سائين جي ايم سيد جي فڪري ڌارا سان واڳيل آهي. قومي تحريڪ جي شروعاتي زماني ۾ محمد خان ۽ قربان جتوئي، جو بہ ڪردار رهيو آهي. جڏهن تہ اڄ سندن ننڍو ڀاءُ احمد انقلابي قومي تحريڪ ۾ مرڪزي اڳواڻ جي حيثيت سان قومي جدوجهد ۾ مصروفِ عمل آهي.

آءٌ ٿورائتو آهيان سنڌي ٻوليءَ جي نهايت ئي خوبصورت ۽ برجستي شاعر - ڀاءُ عبدالغفار تبسم، جو جنهن مون تي بہ اکر لکي منهنجي زندگي جا سمورا ٿڪ لاهي ڇڏيا ۽ احسان آهن مون تي منهنجي ننڍي ڀاءُ، دوست ۽ ادبي استاد رڪيل موررائيءَ جا جنهن منهنجي ڪتاب تي مهاڳ لکي منهنجي زندگي جي مختلف پاسن کي سموهي ذري مان

آفتاب ٻٽائي چڙيو آهي. رڪيل مورائي، منهنجي سموري ادبي، سياسي ۽ ذاتي زندگيءَ کي پليءَ پَتِ نہ صرف ڄاڻي ٿو پر مان سمجهان ٿو هو مونکي مونکان بہ وڌيڪ سمجهي ٿو. هي مهاڳ منهنجي لاءِ ڪنهن نوبل پرائيز کان گهٽ ناهي. ان کان سواءِ پنهنجي نياڻي ڪلثوم سولنگي جا بہ ٿورا جنهن مون تي بہ اکر لکيا. منهنجي دوست نورگهلوءَ ڪنهن جاءِ تي لکيو هيو تہ "وڪري وياسين موتين جيان، ڇڻ ڪو هار ٽُٽي پيو آهي" پر اڄ منهنجي نهايت ئي پياري دوست، ادبي ۽ سياسي همسفر ۽ ننڍڙي ڀاءُ عيسيٰ ميمڻ ان وکريل موتين کي سموهي وري هڪ هار جوڙيو آهي جنهن کي مون نالو ڏنو آهي "خانہ بدوش لفظن جا قافلا" جنهن جي ذريعي آءٌ سڄيءَ سنڌ ۾ موجود ادبي دوستن سان ڳنڍجي رهيو آهيان. منهنجي هن خانہ بدوش زندگيءَ کي سهيڙيندڙ منهنجن ننڍن ڀائرن علي بخش پناڻ ۽ مجيب نواب ميراڻي، جن جا بہ هميشہ احسان رهندا جن منهنجين هجتن ۽ ارڏاين کي سدائين محبت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ۽ خاص ٿورا پياري دوست ناميارى ڪهاڻيڪار ناصر زهراڻيءَ جا جن هن ڪتاب کي اوهان تائين پهچائڻ ۾ هميشہ ياد رکڻ جهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي آءٌ ٿورائتو آهيان پنهنجي احترام لائق محُسن دوست اياز گل جو جنهن هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل لاءِ پيار مان لکيو آهي - آءٌ ٿورائتو آهيان محترم سائين ادل سومري ۽ پيار دوست ساجد سومري جو جن منهنجيءَ رهاڻ ۾ اچي شرڪت ڪئي هئي ۽ مون تي ڳالهايو هيو.

منهنجون هي سڀ محبتون ۽ محنتون اوهان جي سامهون آهن، اوهان جي ملندڙ هر موٽ منهنجي لاءِ نہ صرف اتساهہ ۽ ويساهہ جو سبب بڻبي پر منهنجي باقي زندگيءَ ۾ بہ ان جو رهنمائيءَ وارو ڪردار رهندو.

سنڌ سلامت – ساٿ سلامت

**ادل سولنگي**

محراب پور

03448389326

تاريخ: 07.01.2015

# نظم



# انڌ نگر جا رهواسي

## تون سنڌ نگر مان ڇا ڄاڻين!

تو ڪڏهين سونهن ڏٺي ناهي،
تو ڪڏهين سونهن سني ناهي.
تو ڪڏهن باک ڏٺي ناهي،
تو باک جي ساک ڏٺي ناهي.
تو جرڙندي ايت ڏٺا ناهن،
تو ڦٽندي چيٽ ڏٺا ناهن.
تو پتنگن پار ڏٺا ناهن،
تو ڌرتيءَ يار ڏٺا ناهن.
تو ڪڏهين سج ڏٺو ناهي،
تو نينهن کي نچ ڏٺو ناهي.
تو ڪڏهين چنڊ ڏٺو ناهي،
تو موهه جو منڊ ڏٺو ناهي.
تو ڪڏهين سچ ڏٺو ناهي،
تو سچ جو مچ ڏٺو ناهي.
تو پُرندي ڪوهه ڏٺا ناهن،
تو رجندي لوهه ڏٺا ناهن.
تو تپندڙ ڏينهن ڏٺا ناهن،
تو ساوڻ مينهن ڏٺا ناهن.
تو چنريءَ چٽ ڏٺا ناهن،
تو متيءَ مٽ ڏٺا ناهن.
تو سهٽيءَ سڪ ڏٺي ناهي،
تو چاهه جي چڪ ڏٺي ناهي.

تـــو چـــر جـــي چـــڪ ڏنـــي نـــاهي،
تـــو پرنـــدڙ پـــڪ ڏنـــي نـــاهي.
تـــو ڏونگـــر ڏک ڏنـــي نـــاهي،
تـــو سســـئيءَ وک ڏنـــي نـــاهي.
تـــو ڪـــڏهين رج ڏنـــي نـــاهي،
تـــو ڪـــڏهين اج ڏنـــي نـــاهي.
تـــو موهـــ جـــا چوهـــ ڏنـــا نـــاهن،
تـــو لـــوڪ انبوهـــ ڏنـــا نـــاهن.
تـــو پريـــان لـــوءِ ڏنـــي نـــاهي،
تـــو ڳيـــرن لـــوءِ ڏنـــي نـــاهي.
تـــو کاروچـــاڻ ڏنـــو نـــاهي،
تـــو پـــاڳين پـــاڻ ڏنـــو نـــاهي.
تـــو ڪيهـــر شـــينهن ڏنـــا نـــاهن،
تـــو ڳيـــرن نيـــنهن ڏنـــا نـــاهن.
تـــو اوڍا مـــڙس ڏنـــا نـــاهن،
تـــو ســـوڍا مـــڙس ڏنـــا نـــاهن.
تـــو جـــوڌا مـــڙس ڏنـــا نـــاهن،
تـــو دوڌا مـــڙس ڏنـــا نـــاهن.
تـــو ڪـــڏهين ســـونهن ڏنـــي نـــاهي،
تـــو ڪـــڏهين ســـونهن ســـني نـــاهي.
انـــڌ نگـــر جـــا رهواســـي،
تـــون ســـنڌ نگـــر مـــان ڇـــا ڄـــاڻين.

تـــاريخ شناســـي ڇـــا ڄـــاڻين،
تـــون راءِ سهاســـي ڇـــا ڄـــاڻين.
تـــون راجـــا ڇـــچ مـــان ڇـــا ڄـــاڻين،
تـــون راءِ ڏيـــاچ مـــان ڇـــا ڄـــاڻين.

تون ڪونڌر جو ڪر ڇا ڄاڻين،
تون راجا ڏاهر ڇا ڄاڻين.
تون مبارڪ ڇام ڇا ڄاڻين،
تون ڇام نظام ڇا ڄاڻين.
تون مخدوم بلاول ڇا ڄاڻين،
تون سوڍو رڻمل ڇا ڄاڻين.
تون سارنگ سهتو ڇا ڄاڻين،
تون آيو پهتو ڇا ڄاڻين.
تون محمود خان مان ڇا ڄاڻين،
تون منڻ خان مان ڇا ڄاڻين.
تون لوڪ بغاوت ڇا ڄاڻين،
تون شاهه عنايت ڇا ڄاڻين.
تون هوشوءَ هوش مان ڇا ڄاڻين،
تون هيمونءَ جوش مان ڇا ڄاڻين.
تو پٽ جو شاهه ڏٺو ناهي،
تو سن جو ساهه ڏٺو ناهي.
تو ڪو اتساهه ڏٺو ناهي،
تو ڪو ويساهه ڏٺو ناهي.
تون سچل سامي ڇا ڄاڻين،
تون مست مدامي ڇا ڄاڻين.
تو شيخ اياز ڏٺو ناهي،
تو راز- نياز ڏٺو ناهي.
تون پورن ماسي ڇا ڄاڻين،
تنوير عباسي ڇا ڄاڻين.
تون ڌرتيءَ ياري ڇا ڄاڻين،
استاد بخاري ڇا ڄاڻين.
تون هري، حاسد ڇا ڄاڻين،

تـــون ارشـــد، راشـــد چـــا چـــاڻين.
تـــو حيـــدر بخـــش ڏنـــو نـــاهي،
تـــو كـــريم بخـــش ڏنـــو نـــاهي.
تـــون ديـــن وفـــا ئـــي چـــا چـــاڻين،
كـــريم گـــدائي چـــا چـــاڻين،
تـــون بيـــدل بـــيكس چـــا چـــاڻين،
تـــون تاجـــل بيـــوس چـــا چـــاڻين.
تـــون ٻـــيدل، روحـــل چـــا چـــاڻين،
تـــون ركيـــل، چيـــزل چـــا چـــاڻين.
تـــون پڳـــو تـــوڙو چـــا چـــاڻين،
ســـميع كلهـــوڙو چـــا چـــاڻين.
تـون سـڏكو- هـڏكي چـا چـاڻين،
تـــون ذلفـــي، پنكـــي چـــا چـــاڻين.
تـون كـارونجهر مـان چـا چـاڻين،
تـــون آريســـر مـــان چـــا چـــاڻين.
تـــون لـــوك كياســـي چـــا چـــاڻين،
نظيـــر عباســـي چـــا چـــاڻين.
تـــون مـــوهن- ســـويو چـــا چـــاڻين،
تـــون انـــور كـــاكو چـــا چـــاڻين.
تـــون محســـن، آثـــم چـــا چـــاڻين،
تـــون رحـــيم، حـــاكم چـــا چـــاڻين.
تـــون مـــوهن پڳـــت چـــا چـــاڻين،
تـــون كنـــور پڳـــت چـــا چـــاڻين.
تـــون تـــر جـــو كوســـو چـــا چـــاڻين،
تـــون مـــاڻو، موشـــو چـــا چـــاڻين.
تـون چـارڻ، چنـگ مـان چـا چـاڻين،
تـون وارن ونـگ مـان چـا چـاڻين.

تون گيتن گوليون جا ڄاڻين،
تون ڇڇڪا ڇوليون جا ڄاڻين.
تون جوڙن جوڙون جا ڄاڻين،
تون ماتي موڙون جا ڄاڻين.
تون رنگ رتولي جا ڄاڻين،
تون ڏياري- هولي جا ڄاڻين.

تو عيد جا رنگ ڏٺا ناهن،
تو ديد جا ڍنگ ڏٺا ناهن.
تون مکڻ ماکيون جا ڄاڻين،
تڏڙيون- ويساکيون جا ڄاڻين.
تون اندر اُلڪا جا ڄاڻين،
تون نيڻن ڇُلڪا جا ڄاڻين.
تون ساھ سنپارون جا ڄاڻين،
تون نيڻ نهارون جا ڄاڻين.
تون چنڊ جا چارا جا ڄاڻين،
تون مور اجارا جا ڄاڻين.
تون پرينءَ پُور مان جا ڄاڻين،
تون انبن ٻُور مان جا ڄاڻين.
تون کيتن راڪا جا ڄاڻين،
تون نيڻ نِنداکا جا ڄاڻين.
تون ڪٽڪن ناڙيون جا ڄاڻين،
تون ڪونجون آڙيون جا ڄاڻين.
تون ڄانپا، توريا جا ڄاڻين،
تون ڪرڙ، ڪکوريا جا ڄاڻين.
تون وونئڻن چوندا جا ڄاڻين،
تون ڪمندن واڍا جا ڄاڻين.

تــون ســارين رونبــا چــا ڄــاڻين،
تــون گــاھن، ڪانبــا چــا ڄــاڻين.
تــو ڪــڏھين ســونهن ڏنــي نــاھي،
تــو ڪــڏھين ســونهن ســني نــاھي.
انـــڌ نگـــر جـــا رھواســـي،
تــون ســنڌ نگــر مــان ڇــا ڄــاڻين.

تــون ڏوڙ انــڌاري ڇــا ڄــاڻين،
تــون تــر جــي واري ڇــا ڄــاڻين.
تــون اُتــر اوتــون ڇــا ڄــاڻين،
تــون جــوين جوتــون ڇــا ڄــاڻين.
تــون سِــوَ جــا پــارا ڇــا ڄــاڻين،
تــون تهــ ســيارا ڇــا ڄــاڻين.
تــون ســنڌوءَ ڌارا ڇــا ڄــاڻين،
تــون ســمنڊ ڪنــارا ڇــا ڄــاڻين.
تــون بيــٽ، ڇهوڪــا ڇــا ڄــاڻين،
تــون مــور، ٺهوڪــا ڇــا ڄــاڻين،
تــون مينــديءَ ٻوٽــا ڇــا ڄــاڻين،
تــون ننــڊ جــا جهوٽــا ڇــا ڄــاڻين.
تــون ڏانــدن جــوڙا ڇــا ڄــاڻين،
تــون پانــدن جــوڙا ڇــا ڄــاڻين.
تــون ھــر جــون اوڙون ڇــا ڄــاڻين،
تــون ڪڪــرن گــوڙون ڇــا ڄــاڻين.
تــون لــيمن لامــون ڇــا ڄــاڻين،
تــون ســانوڻ شــامون ڇــا ڄــاڻين.
تــون وَرھــ وڇــوڙا ڇــا ڄــاڻين،
تــون گــونگا ڳــوڙھا ڇــا ڄــاڻين.

تون لڙڪن لارون جا جاڳين،
تون ڪونج قطارون جا جاڳين.
تون سنڌوءَ ڇوليون جا جاڳين،
تون پيار پروليون جا جاڳين.
تون اَنڇر، منڇر جا جاڳين،
تون ڪينجهر جا جاڳين.
تو وڳهه ڪوٽ ڏنو ناهي،
تو اَمر ڪوٽ ڏنو ناهي.
تو ڏيجي ڪوٽ، ڏنو ناهي،
تو رني ڪوٽ، ڏنو ناهي.
تون روپا ماڙي جا جاڳين،
تون چوڪا ماڙي جا جاڳين.
تون هٿ، اُماڙي جا جاڳين،
تون ڪنڌ، ڪهاڙي جا جاڳين.
تون ڪوٽن ڪنگرا جا جاڳين،
تون ڇيلهه جا سندرا جا جاڳين.
تون سون سراپا جا جاڳين،
تون وچ وراڪا جا جاڳين.
تون پڳ ڳوٽ گيتا جا جاڳين،
تون سنڌ سيپيتا جا جاڳين.
تو ڪڏهين سونهن ڏني ناهي،
تو ڪڏهين سونهن سني ناهي.
انڌ نگر جا رهواسي،
تون سنڌ نگر مان جا جاڳين.

تو ڪارا در ڏنا ناهن،
تو منا در ڏنا ناهن.

تـــو واڳـــڙو در ڏنـــا نـــاهن،
تـــو هـــاتي در ڏنـــا نـــاهن.
تــو مـــاڙيون منگهـــ ڏنـــا نـــاهن،
تـــو آڏا لنگهـــ ڏنـــا نـــاهن.
تـــون ڪچـــا قلعـــا ڇـــا ڄـــاڻين،
تـــون پڪـــا قلعـــا ڇـــا ڄـــاڻين.
تـــون جيـــوڻ، جـــاڳڻ ڇـــا ڄـــاڻين،
ســـونيتي، بـــاڳڻ ڇـــا ڄـــاڻين.
تـــون حشـــو، ڪيـــرت ڇـــا ڄـــاڻين،
تـــون ســـونهن ۽ سيـــرت ڇـــا ڄـــاڻين.
تـــون گـوبنـــد مـــالهي ڇـــا ڄـــاڻين،
تـــون نـــم ۽ تـــالهي ڇـــا ڄـــاڻين.
هـــيءَ ڌرتـــي آهـــي دليـــرن جـــي،
هـــا- شـــيرن جـــي، شمشـــيرن جـــي.
جـــي گهـايـــا گهـــاٽي گهـــوٽ هتـــي،
سـي گهـوٽ بـہ سـپ اڻ مـوٽ هتـي.
جـــن پنهنجـــا ســـيس ســـهايا هـــا،
جـــن انـــڌ جـــا ڪنـــڌ جهڪايـــا هـــا.
هـــي ڌرتـــيءَ جـــا ســـپ پيـــٽ ڄٽيـــا،
جـــن ســـر ڏنـــا هـــن اڻ ڳٽيـــا.
جـــي پـــوڄن ســـنڌوءَ پـــاٽيءَ کـــي،
ســـي مـــان ڏيـــن ســـنڌ راڻـــيءَ کـــي.
سِـــرَ دان ڏيـــن تـــا ڌرتـــيءَ کـــي،
جـــيءَ دان ڏيـــن تـــا ڌرتـــيءَ کـــي.
جـــي مـــانُ ڏيـــن تـــا ميـــاڻيءَ کـــي،
ڄـــڻ ڌرتـــيءَ جـــي هـــر نيـــاڻيءَ کـــي.
تـــو ڪـــڏهين ســـونهن ڏنـــي نـــاهي،
تـــو ڪـــڏهين ســـونهن ســـني نـــاهي.
انـــڌ نگـــر جـــا رهواســـي،

تـــون ســـنڌ نگـــر مـــان ڇـــا ڇـــاڻين.

تـــون روح جـــو راڻـــو ڇـــا ڇـــاڻين،
تـــون مومـــل مـــاڻو ڇـــا ڇـــاڻين.
تـــون پيـــر حسام مـــان ڇـــا ڇاڻين،
نـــارائڻ شـــيام مـــان ڇـــا ڇـــاڻين.
تـــون جهونـــو جويـــو، ڇـــا ڇاڻين،
تـــون پوڙهـــو، ٻوهيـــو ڇـــا ڇـــاڻين.
ممتـــاز، جمـــال مـــان ڇـــا ڇـــاڻين،
تـــاج كمـــال مـــان ڇـــا ڇـــاڻين.
تـــون تيـــر ۽ تـــركش ڇـــا ڇاڻين،
آكـــاش ۽ ســـركش ڇـــا ڇـــاڻين.
تـــون مرنـــدي- مُركـــي ڇـــا ڇاڻين.
تـــون برفـــت - ســـركي ڇـــا ڇاڻين،
تون سسئيءَ كيچ مان ڇا ڇاڻين.
منشـــي - ســـرويچ مـــان ڇـــا ڇاڻين،
تـــون بشـــير قريشـــي ڇـــا ڇـــاڻين،
مقصـــود قريشـــي ڇـــا ڇـــاڻين.
تـــون ويـــس بـــدل مـــان ڇـــا ڇاڻين،
تـــون شـــمس - ادل مـــان ڇـــا ڇاڻين.
تـــو كـــڏهين ســـونهن ڏنـــي نـــاهي،
تـــو كـــڏهين ســـونهن ســـني نـــاهي.
انـــــڌ نگـــــر جـــــا رهواســـــي،
تـــون ســـنڌ نگـــر مـــان ڇـــا ڇـــاڻين.

# وچايل ڳوٺ جي ڳولا

هُــو ماضــي پنهنجــو ڦــولي ٿــو،
ڏڱـــاٽو خـــان ڳـــولي ٿـــو،

هــا-"مــوهن جــي دڙي" ويجهــو،
ڪنهــين "مَحــراب" جــي نــالي،
ڪــڏهن "نــاري" ڪنــاري ســان،
اســان جــو "ڳــوٺ" هونــدو هــو.

جــنهن جــي چئــوڌار، هيڪانــدا،
اَنــبن جــا "بــاغ" هونــدا هــا،
نِمــن جــي "ٻــورَ" ۾ واســيل،
ســمورو "ڳــوٺ" هونــدو هــو.

جــڏهن "آرس" پڇــي "ســورج"،
خُماريــل "نــينڍ" ڪٽنــدو هــو،
ڏرتــي "جرڪــي" پونــدي هئــي،
صــبح نئــين "آس" اُٿنــدو هــو.

اکــين کــي "جــاڳ" ٽينــدي هئــي،
پَکــين ۾ "ســاهَ" پونــدا هــا،
تــڏهن ڪئــي "ٻاجهــہ" پريــا هــٿ،
"دُعـــائن" لاءِ کڄنـــدا هـــا.

گهرن ۾ ”ايٽ“ جُڙندا ها،
بنين ۾ ”کيٽ“ ڪڙندا ها،
”اکيون مَهٽي ڪئي ٻالڪ“،
اَچي ”آڱنڊ“ تي مِڙندا ها.

جڏهن ”آڪاس مَندل“ تي،
”چوڏهينءَ جو چنڊ“ ڪڙندو هو،
تڏهن ”ناري ڪناري“ سان،
سمورو ”ڳوٺ“ مِڙندو هو.

”ستارا – چنڊ“ سان گڏجي،
سُهائيءَ ”ناچ“ نچندا ها،
”مُکن تي مرڪَ“ ترندي هئي،
”چپن تي ٽهڪ“ ٻُرندا ها.

”ڏکڻ جي هير“ گُهلندي هئي،
تڏهن ”کينجهر“ ڪنارن جان،
”ها - ڌرتيءَ جي ڏِسائن ۾“،
”جواني“ پيئي چُلندي هئي.

”چڙا – چنگ“ ساز وڄندا ها،
”عجب اِسرار“ لڳندا ها،
جڏهن ”ناري ڪناري“ سان،
اسان جو ”ڳوٺ“ هوندو هو.

”ڏيــاري – عيــد“ ايـنــدي هئـــي،
”دڳـــن ۾ ديـــد“ هونـــدي هئـــي،
”دردن جـــي ٻيڪـــڙن“ پويـــان،
”نماڻـــا نـــيڻ“ ڪڇنـــدا هـــا.

ڪئـي ”اڪ – ٽيـٽ“ ۾ ”نظـرون“،
”ٻڪين“ جـو پئجـي وينديون هـون،
”اڪـين تـــي ڪيــپ“ چڙهنــدا هـــا،
”اُڀهـــرا پيـــر“ ٽڙنـــدا هـــا.

تـــڏهن ڪـــي ”جهــونڙا“ مـــاڻهو،
”ســـلي ســـا ڳالهـــ“ وينـــدا هـــا،
ســموري ”ڳــوٺ“ ڪـــي ميـــڙي،
”اٺــائيءَ“ ڳالهـــ ڪـــي ”جهيـــڙي“.

جـــڏهن جـــو ”پـــارِ“ پونـــدا هـــا،
”نـــرالا نـــاچ“ نچنـــدا هـــا،
جـــڏهن جـــو ”ڪـــاڄَ“ ٿيننــدا هـــا،
ڪنـــي ڪئـــي ”راڄَ“ ٿيننـــدا هـــا.

ڪئي ”جهمريون - جمالا – گيت“،
ڪئـــي ”ســـنگيت“ وڄنـــدا هـــا،
جـــڏهن ”نـــاري ڪنـــاري“ ســـان،
اســـان جـــو ”ڳـــوٺ“ هونـــدو هـــو.

”وکـــر“ ”پريـــل جـــڏهن ٻيـــڙا“،
لنگـــر انـــداز ٿينـــدا هـــا،
گهٽـــين ۾ ”شـــور“ ٿينـــدو هـــو،
وڏا ”آواز“ اينـــــدا هـــــا.

اســان جــي ”ڳــوٺ بــازر“ ۾،
وڏا ”واپـــار“ ٿينـــدا هـــا،
”چانـديءَ جـي سـڪن“ عيـوض،
وڏا ”وهنـــوار“ ٿينـــدا هـــا.

جڏهن جـو ”سـانجهہ“ ٿينـدي هئـي،
مَنـدر ۾ ”جانجهـہ“ وڄنـدي هئـي،
ڪئـي ”هـٽ جـوڙ“ سـان مـاڻهو،
اگهـــاڙين ”پيـــر“ پُڄنـــدا هـــا.

پپـــر جـــي ”پـــاڙ“ ۾ ويهـــي،
هِڄايـــل ”هـــانوَ“ هـــا ڪيئـــي،
”الـــڪ – آلاپ“ ڏينـــدا هـــا،
”وڏا ورلاپ“ ٿينـــــدا هـــــا.

جـڏهن جـو ”ڳـوٺ“ منهنجـي ۾،
”يـارهينءَ جـي رات“ اينـدي هئـي،
”سـوين سِـرَ سـجدي“ وينـدا هـا،
سـوين سِـرَ ”ٻاجهـہ“ گهرنـدا هـا.

تــڏهن ”مســجد منــارن“ مــان،
”ٻُــري مولـــود“ پونـــدا هـــا،
”فکــر – فکــرات“ ٽينــدي هئــي،
”الاهـــي – لات“ ٽينـــدي هئـــي.

”رات جـــي ســـانت“ ۾ جـــڏهين،
”کـا - کويـل ڪُـوڪ“ ٽينـدي هئـي،
هِجـي ڪـئـي ”هــانوَ“ پونــدا هــا،
”انـــدر ۾ ووڪ“ ٽينـــدي هئـــي.

جـڏهن کـي ”آج جـون ٻـانهيون“،
کــا پهــري ”نــارَ“ اينــدي هئــي،
”ســمو ســڏکا“ پرينــدو هـــو،
سـجڻ جـي ”سـارَ“ اينـدي هئـي.

جــڏهن کـــي ”ويجهـــڙا مـــاڻهو“،
”اکـــين کـــان ڏور“ ٽينـــدا هـــا،
کـي – ”لارون لـڙک“ وهنـدا هـا،
”قطـــارون – لـــڙک“ وهنـــدا هـــا.

جـڏهن کـا- ”لُـکَ“ لڳنـدي هئـي،
جـڏهن کـــي – ”آکَ“ تپنـــدا هـــا،
”نِکـــر جـــي ٿـــانو ۾ مليـــل“،
”لگـــن تـــي ميـــٽ ملبـــا هـــا“.

جــڏهن جــو ”پوهــہَ پــارن“ ۾،
جــڏهن جــو ”تهــہ ســيارن“ ۾،
گهــرن ۾ ”مــچ“ مچنــدا هــا،
لڳــن کــي ”ســيک“ اينــدا هــا.

”ســياري – مُنــد“ گهــر گهــر ۾،
”پليــون ۽ ســاڳ“ پچنــدا هــا،
”جــوئر – ٻــاجهر“ جــي کيــتن ۾،
”کهــاڏا – نــارَ“ وهنــدا هــا.

وَلــو – يــارو – ٺبــو – هاشــم،
پَوهُــو – مُولــو، هَــرو – ٽــيکم،
کــو – ”کوٽــو مــل“ جــو ســاٽاري،
کــو – ســيٺيو ”چــين“ واپــاري.

”کــانيو خــان“ جهــڙو کــو،
”مٽيــرو مُــڙس“ ٻُجهنــدو هــو،
”تمــاچي ڄــام“ جهــڙو کــو،
”ٻَهــاول خــان“ رهنــدو هــو.

اَســان جــي ”ڳــوٺ“ ۾ تــڏهين،
ڪئــي ”يــٽ – يــانَ“ رهنــدا هــا،
ڪئــي ”عــالم – اَکــابر – ويــچ“،
ڪئــي ”درويــش“ رهنــدا هــا.

ڪنيـر - لوهار ۽ واڍا،
”سوين ڏاڍا“ ٻہ رهندا ها،
مگر هئي ”سَهپ“ ايڏي جو،
”مثالي ڳوٺ“ سڏبو هو.

اَسان جو ”ڳوٺ“ اهڙو هو،
”پرينءَ جي پار“ جهڙو هو،
”ورهاڱي واري اوتر ۾“،
سمورو ”ڳوٺ“ وڪري ويو.

اَڄ نہ ”نارو“ آ نہ ”ناري“ جو،
اُهو ”ساڳيو“ ڪنارو آ،
نہ ”ساڳيا ڳوٺ“ جا ماڻهو،
نہ ڪو ڪنهن جو ”سهارو“ آ.

ڪا – ”ناري ناوَ“ ڪانهي ڪا،
”ڪناري چانوَ“ ڪانهي ڪا،
نہ ساڳيا مَنگهہ ۽ ماڙيون،
نہ ساڳيون ”نيرڳيون – آڙيون“.

نہ ”ساڳيون – رونقون“ آهن،
نہ ”ساڳيون چاهتون“ آهن،
نہ ”نيڻن جون نهارون“ هِن،
نہ ”سڄڻن جون سنيارون“ هِن.

رکـــي ”گــوڏن تــي هــٿ“ پنهنجــا،
”ســنپاري ويتــو ســٽ“ پنهنجــا،
هــو ”هـــاري ســاپيائون ســـپ“،
اڏاري خـــواب نيـــڻن مـــان.

”لُڇــي – ڦتکـــي“ نهــاري تــو،
هـــو ماضــي پنهنجــو ســاري تــو،
هـــا – ”مــوهن جــي دڙي“ ويجهــو،
ڪَنهـــين ”محـــراب“ جـــي نـــالي.

ڪـــڏهن ”نـــاري“ ڪنـــاري ســـان،
اســـان جـــو ”ڳـــوٺ“ هونـــدو هـــو،
هـــو – ماضـــي پنهنجـــو ڦـــولي تـــو،
ڏڱـــاٽو خـــان ڳـــولي تـــو.

# ڳوٺ جون ڳليون

شهر جي ڏيکاءُ ڏيندڙ،
سونهن تي هرڪجي،
ڳوٺ سان پنهنجا سيپئي سڱ چني،
گهر، گهٽيون ۽ ڪچهريون،
پاڪرن واريون چميون،
اُڀرائي مان چڙي آيو هئو،
شهر جي ڏيکاءُ ڏيندڙ روشنين تي موهجي،
ڪوڙ سارا سال گهاري،
ڳوٺ جا رستا وساري،
هو جڏهن ٿڪجي پيو،
شهر جي ڏيکاءُ ڏيندڙ،
سونهن واريءُ مند مٿجڻ جا ڪيا سانپاها جڏهن،
لوهہ، سيمينٽ مان جڙيل،
شهر جون جايون تتيون،
روڊ ڏامر جا مٿس پيا ڏمرجي،
گهر مٿان جڏهن ٽيس گولين گذر،
۽ گهٽين مان اوپرائپ جا مٿس شڪ تي پيا،
ياد آيس!
چنڊ جي چانڊاڻ چوڏس،
ڪيت ساوا،
ماڪ وهنتل رات جا پل،
۽ ڏکڻ جي هير، ٿڌڙي، ڏينهن جي،
ها- وساريل،

ڪنهن پراڻي نينهن جي،
ڪنهن جي ياڪر،
۽ چمين، مرڪن ڪي ساري،
ماءُ پوڙهي ڏي ورڻ ڪان،
ڪنڌ پنهنجي ڪي نوائي،
شهر جي ڏيکاءُ ڏيندڙ سونهن ڪي ڏيئي پُٺي،
ڳوٺ جي ڳلين ڪي پوندي ياڪرين،
ٽنهڻن جي نگر ڏي ڪاهي پيو،
ڪالهه جيڪو نينگرو،
شهر جي ڏيکاءُ ڏيندڙ،
سونهن تي هرڪجي،
ڳوٺ جون ڳليون ڇڏي آيو هئو!

# ڪـــاش ڪـــوئي ڄاڻي سگهي

سُرت سنگهرين نہ قيد ٿيندي آ،
ڪاش ڪوئي هتي ڄاڻي سگهي.

قوم جيڪا بہ سست ٿيندي آ،
ماڳ پنهنجو نٿي ماڻي سگهي،
ڪاش ڪوئي هتي ڄاڻي سگهي.

لوڪ جڏهين بہ مجرجي پوندو،
پاڻ ئي پٽ ڪري پوندا پهرا،
لانگ ٻوٽن جي لوڌ چيريندي،

ڏوپجي ويندا مُرڪ سان چهرا،
ڪير اڳيان ۽ ڪير آ پويان؟
اهڙو ڪاتو ڪٿي نہ ٿيندو آ،

ماڳ ڏي ڊوڙندي وڏندڙ،
قوم جا ئي ڪندو آ مُکَ اُجرا.
سُرت سنگهرين نہ قيد ٿيندي آ،
ڪاش ڪوئي هتي ڄاڻي سگهي.

# زندگي آهي ٽڙيل رابيل جان

زندگي ايڏي ڪساري ۽ ڪڙي،
ناهي پرين،
جو ڏسڻ ۽ وائسڻ ڪان اڳ،
ڪٽي ٿوڪارجي،
زندگي پينار جو ڪستو نہ آ،
زندگي هالار جان ارڏي اڏول،
سچ ساپيان، سونهن سپنا،
جاڳ آهي زندگي،
محنتن ۽ محبتن جو ماڳ آهي زندگي،
ڪنوار جان ڪوري نڪوري،
ماڪ ورني زندگي،
مرڪ مينديءَ رنگ،
مٽي جا موڙ آهي زندگي.
ڪارونجهر جي ڪور،
نچندڙ مور آهي زندگي.
زندگي- چڻ شاهہ جي آ شاعري،
زندگي- سچل جي ڪافيءَ وانگيان،
زندگي- ساميءَ جا چڻ ڪي سلوڪ،
زندگي- اياز رچيا لوڪ گيت.
رات جي راڻي،
ڪينجهر جا ڪنول،
رُت بسنتي،
سرنهن جو ڦولار،
ڳاڙها ٻير، ماڪيءَ لار آهي زندگي.

زندگي، آهي ٽڙيل رابيل جان،
لوڪ مُکَ تي مرڪ،
سچ ڪرڻ جيان.
اڻ مئي مُرڪ.
من جو موهہ آهي زندگي.
چيٽ جي چانڊاڻ،
جهوٽا هير جا،
سون ورنا ڪيت،
ها- گهر گهر ولوڙا ڪير جا،
ڪينجهر ڪنڌيون،
منڇر ڪنڌيون، سنڌوءَ ڪنڌيون.
گاج جي گجگوڙ آهي زندگي.
زندگي تاريخ جو ورجاءُ آ.
جهوڪ- مياڻي - باغبان،
ديبل بندر،
روپاهہ ماڙي- سن- سيوستان،
ننگر ٺٽو،
رتو رني ڪوٽ، ها- موهن جو دڙو.
وقت جي هر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان،
اڻ ساهيءَ اتڪاءُ، آهي زندگي.
زندگي ايڏي ڪساري ۽ ڪڙي،
ناهي پرين،
جو ڏسڻ ۽ وائسڻ ڪان اڳ،
ڪٽي ٿوڪارجي.
زندگي دوکو نہ آ
جيءَ جو جوکو نہ آ،
زندگي ايڏي هچاري ڪانہ آ،
زندگي ايڏي ڏکاري ڪانہ آ،

جا ڪٽي آڙاھہ ۾ اڇلائجي،
يا- تاس جي پتن مٿان هارائجي.
زندگي ٻيڙيءَ اڌڙ ناهي پرين،
جو وسامڻ کان ئي اڳ اڇلائجي.
زندگيءَ جو ماڻ ۽ ماپو نہ ڪو،
زندگيءَ جا روپ ۽ ٻهروپ لک،
ڏرتتو ڏينهن،
پارا پوھہ جا،
بک، بيماري- هيڪاري،
پوءِ بہ پياري زندگي.
زندگي ملاح جي ٻيڙي جيان،
ڪوڙ سارا ڪُن،
آخر ڪنارا زندگي.
زندگي پڙ تي چڳندڙ ڳيرڙا،
زندگي ٻيلن اندر ٻرندڙ چڙا،
زندگي آ جوٽ هاريءَ هٿ ۾،
زندگي آ سون ناريءَ نٿ ۾،
زندگي وسڪار سارنگ جي پرين،
زندگي ٽڪار سارنگ جي پرين،
زندگي ٿر جي آهي ساوڪ پرين.
زندگي ئي مهڙ آهي.
توڙ آهي زندگي.
زندگي ڪي زندگي جان ڳهارجي.
زندگي ڪي آجپي تان وارجي.
زندگي ايڏي ڪساري ۽ ڪڙي،
ناهي پرين،
جو ڏسڻ ۽ وائسڻ کان اڳ،
ڪٽي ٿوڪارجي.

# زندگي ماءُ ڄڻ ڪا ماٽيلي

زندگي ماءُ ڄڻ ڪا ماٽيلي،
جُهڙ جي اُس جهڙي،
ٿي چماٽ هڻي.
روئي روئي،
اندر جي ماڻهوءَ جا،
لڙڪ نيڻن منجهان.
ڪٽي تا پون،
ٻاجهہ پريون،
نہ ٿيون ڪي ٻانهون وڌن،
جي ڪنهين موڙ ڪڍي پنهنجو ڪن.
آٿتون،
راتيون ڄڻ سياري جون،
پارتون،
سانوڻيءَ جي جهولن جان،
لوڪ جي روشِ،
ڀاسجي اهڙي،
جيئن ڪو سچ هجي ٽامڻيل،
ماڻهپي ساڻ،
جياپي جي وٿيءَ وارو سَندو،
ماڻهو ڀوڳي عذاب صدين جو.
لوڻ نظرون لڳن ٿيون گهوريندڙ،
ڦٽ پراڻو،
وجود ڄڻ پنهنجو،
زندگي ماءُ ڄڻ ڪا ماٽيلي،
جُهڙ جي اُس جهڙي ٿي چماٽ هڻي.

# زندگي

زندگي بارود جي،
سُرنگن مٿان،
جنهن باهہ ۾،
ڪو ٿچڪندڙ آهي چٽو.
ايٿوپيا- بيروت،
ٿر جي زندگي،
شام ويلا،
پاند پالهو،
جنهن هجي پينار جو.
زندگي نيو ٽران
ايٽم بم جي
آهي ٻڌي ٻانهي ٻٽيل.
وحشي سگهہ جي
ور چڙهيل آ زندگي.
وقت جي هر ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ سان
اٽڪاءَ ۾،
زندگي ڪو ست نہ آ ساري سگهي
جو زندگي ڪو ست نہ آ ساري سگهي!!؟؟
زندگي بارود جي،
سرنگن مٿان،
جنهن باهہ ۾،
ڪو ٿچڪندڙ آهي چٽو.

# ديوداس

ڪو نہ آهي چنڊ پنهنجو،
چاهہ پنهنجو،
ڪا ڪتي پنهنجي نہ آ،
آڪاس ۾،
پن چڻ جي مُندَ جهڙو،
پنهنجو جيون،
ها- اُميدن جو نہ ڪوئي،
چيٽ پنهنجو.
سانوڻيءَ جو مينهن،
نيڻن مان وسي،
سياري مُندَ ۾،
پاري ورتل احساس،
پاسن لوڪ جا،
ماڪ جي مهڪار،
جڻ آهي رُنل،
ڪاڻ پنهنجي پاڳ ۾،
”پارو“ نہ آهي.
روح رولاڪيون اندر ۾،
اڻ ڳڻيو اُلڪو اکين ۾،
پيار - پيڙا،
درد جو صحرا وسي،
اڻ ميو اوسيئڙو،
جاڳي اکين ۾،

۽ نہ پنهنجي آهي ڪا،
“چندر مُکي”.
زندگيءَ جي سفر ۾،
ڪوبہ پنهنجو ناهي ڪو،
“چُني ميان”.
پير پنهنجا، پنڌ پنهنجو،
پر نہ ڪا ڌرتي آ پنهنجي،
مرڪَ ڪنهنجي،
موهُ ڪنهنجو،
۽ نہ ڪو وشواس آهيان.
مان اَنائن جي اڏيءَ ور چڙهيل،
ويساهہ ڪنهنجو،
جنهن نڙيءَ هينئان،
هجي ڪو زهر اوتيل،
پير وڻ هينئان ڪوئي،
ٿمتائيندڙ حياتيءَ جو ڏيئو،
دربدر- رولاڪ - جڻ خانہ بدوش.
پنهنجو جيون.
رات ڪاري جَڻ اُماس.
مان بہ ڪوئي ديوداس.
مان بہ ڪوئي ديوداس.

# اُجاڙ

سنڌ ساري،
ساڙي ٻاري،
۽ اُجاڙي ٿي وجي.
اَنڌ ۽ انياءَ سامهون،
ڪا اُپي ناهي ڪهاڙي،
۽ نہ ڪا ٻاري اُماڙي ٿي وجي،
چؤ ڏسائون،
ديس پنهنجي ۾ وڌيل آهي،
وفائن جو ڏڪار.
بي حسيءَ جي،
ور چڙهيل آ،
لوڪ سارو.
اُٻهرايون- وحشتون،
ماڻهن مٿان مڃرجي،
ويڙهن اندر،
ويريون وجهن ٿيون،
اڻ ڀُنيو- اڻ ڄاڻ لوڪ،
درد پنهنجي ديس جو،
ڄاڻي نہ ٿو،
زندگي جي راهہ ۾،
ڪير پنهنجي ماڳ ڏي،
تاڻي نہ ٿو،
هر ڪو پنهنجي لاش ڪي،

ڏيئي ڪلهو،
پنهنجي ليکي،
روئندو رڙندو،
ها- رڙهندو وتي ٿو.
ڪير ڪنهن کي، ڪا رُکي آٿت،
ٿلهو ڪو آسرو،
اُميد ڪا ڏياري نہ ٿو،
ڪو جِهبو تر جيترو،
ڪنهن کي ڪڏهن،
ڪنهن تي اچي ئي ڪونہ ٿو.
ڪير ڪنهن کي،
ڳل ڳراٽي پائي،
پرچائي نہ ٿو.
سنڌ ساري،
ساڙي ٻاري،
۽ اُجاڙي ٿي وڃي.
ها- سنڌ ساري،
ساڙي ٻاري،
۽ اُجاڙي ٿي وڃي.

# ننڍڙن جو مسافر

توکي تنھنجا ٿھڪڙا،
مُرڪ، مھڪارون،
اک، ٽيٽ ۾،
نيڻن نھارون،
سانوڻيءَ جي شام واريون،
سپ سنپارون.
ڏينھن جون ٻيپھريون،
رات آڌي - ھير جھوٽا،
ءَ سيئي سوماھِڻيون،
گھر، گھٽيون ڪچھريون،
پاڪرن واريون چميون،
ويڪرا، اجرا اڱڻ،
چنڊ جي چانڊاڻ،
مينديءَ جو ھڳاءُ،
باک ويلا روشنيون،
سج ڪرٽا سوجھرا،
ڪيت ٻنيون ساوڪون،
ھا- وڏن واھن ڪنڌيون،
نم ٽالھين جا ھڙيئي چانورا،
تو طرف ايندڙ سمورا پيچرا.
او پرين،
توکي پُنا، توکي پُنا، توکي پُنا.
سرنھن، ڄانيي ساڳ،

مٺرن جون پليون،
سيڪيل آنيو- چٽن جون ڏڏڙيون،
ٻير صوفي ۽ ميها، زيتون سپ،
انب، ٽپڪا، ڦاروا،
ڏنگ، ڏوڪا، ڪارڪون،
ٻهہ، مڇي، لوڙهہ،
ڪوٽيون ڳُرگليون،
ڳُڙ مکڻ جون ٻسريون،
ٻوڙ واريون تسريون،
کير جا ڀريل گهڙا،
ها- لسيءَ جون گهاگهرون،
ڪٽڪ، ڪُٽيون چُوريون،
چانورن جون تاهريون،
ها- پرين تنهنجا - پلا،
تنهنجا پلاءَ
تو بنا ڪاڏي ڪنداسين.
او پرين،
تون ڏس ڪٿي،
توکي تنهنجون سپ شيون،
ها- خدائي نعمتون، نيبهہ هجن،
پاڻ پنهنجي ڌرتتي،
ها- تنهنڄ ڏي ٿا وجون.
ٻانهن ڪنگڻ، جهومڪيون،
هَسَ، ٻينسر نڪ ڦليون،
ايرينگ ۽ پازيب، تنهنجون ڌهريون،
آڱرين ۾ سونهندڙ هيرن منڊيون،
ڪيٽي، ڪاٽن، سلڪ، ريشم،

هرک، ململ، بوسڪيون،
رشتا، نا تا- سڳ سياپا،
اڻ ڪيل سڀ محبتون،
ها- لک ساريون عزتون،
راڄ ۽ رکوال سڀ،
توکي ڏٽي بخشي ڏئي.
پاڻ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ تنهڻن،
ڏي ٽا وجون،
ها- ڪڏهن توساڻ ملبو،
ڪل ڪا ڪانهي پرين.
توکي تنهنجا ٿهڪڙا نيبهہ هجن.
توکي تنهنجا ٿهڪڙا نيبهہ هجن.

# پرين تو پڄاڻان

پرين تو پڄاڻان، اسان جي اڱڻ تي،
نہ کي سج اُڀريو، نہ کي چنڊ اُڀريو،

نہ پلجي ڪڏهن پير چانڊاڻ پاتو،
نہ ڪائي ڏکڻ جي گُهلي هير ڪڏهين.
نہ ڪائي وقت جي چڙهي وير ڪڏهين.
نہ ڪا ماڪ جي مرڪ مهڪي وڻن تي
نہ ڪوئي ڪڪر پرجي برسيو اڱڻ تي.
پرين تو پڄاڻان- پرين تو پڄاڻان.

نہ کي اُڀريو اُوتر، نہ کي واءُ جهوتا،
نہ مهڪيا اسان وٽ، گلابن جا ٻوٽا.
نہ کي ٻورَ جو نورُ مينديءَ مان مرڪيو،
نہ کي سج اکين جي تلاون مان جرڪيو.
وکون وکرجي ويون، جڏهن ساهہ ساٽيو،
رڳي رج مان اج جي تانگهہ تاٽيو.
پرين تو پڄاڻان- پرين تو پڄاڻان.

نہ ڪا سانجهہ سُرمئي، نہ اجرو سويرو،
اندر منجهہ رهيو آ رڳي درد ديرو.
نہ کي ننهڻن مان ملي واندڪائي،
رڳي گهر گهٽين مان لڇي ماندڪائي.
رهي ٻارهو ئي آ اُلڪن جي موسم،
اُڏمن جي موسم ها- سڏڪن جي موسم.

پرين تو پڄاڻان- پرين تو پڄاڻان.
نہ رابيل رُت آ، نہ ڦولار ڪوئي،
نہ ڌرتي نہ آڪاس، پولار ڪوئي.
رهيو روح رولاڪ، خانہ بدوش،
هي تقدير جو يا نصيبن جو دوش.
نہ ڪا رُت رتائين نہ مرڪن جا ميلا،
اسان رڻن ۾ ڇڻ رهياسين اڪيلا.
پرين تو پڄاڻان - پرين تو پڄاڻان.

# تون تون آهين، مان مان آهيان

تون جو آهين، تون سو آهين،
مان جو آهيان، مان سو آهيان.
تون ڇو آهين؟ مان ڇو آهيان؟
تون ڇا معنيٰ؟ مان ڇا معنيٰ؟

تون ”ڪن فيڪون“ مظهر آهين،
مان ”ڪن فيڪون“ مظهر آهيان،
تون ڇو آهين؟ مان ڇو آهيان؟
تون ڇا معنيٰ؟ مان ڇا معنيٰ؟

تون پنهنجو آئينو آهين،
مان پنهنجو آئينو آهيان،
تون ڇو آهين؟ مان ڇو آهيان؟
تون ڇا معنيٰ؟ مان ڇا معنيٰ؟

تون پنهنجي دنيا ۾ آهين،
مان پنهنجي دنيا ۾ آهيان،
تون ڇو آهين؟ مان ڇو آهيان؟
تون ڇا معنيٰ؟ مان ڇا معنيٰ؟

تــون هُــن ڪنــاري تــي آهــين،
مــان هِــن ڪنــاري تــي آهيــان،
تـون ڇـو آهـين؟ مـان ڇـو آهيـان؟
تــون ڇـا معنــيٰ؟ مـان ڇـا معنــيٰ؟

تـــون جـــو تخليقڪـــار آهـــين،
مـــان جـــو تخليقڪـــار آهيـــان،
تـون ڇـو آهـين؟ مـان ڇـو آهيـان؟
تــون ڇـا معنــيٰ؟ مـان ڇـا معنــيٰ؟

تــون پــاڻ اُتــاهينءَ تــي آهــين،
مــان پــاڻ اُتــاهينءَ تــي آهيــان،
تـون ڇـو آهـين؟ مـان ڇـو آهيـان؟
تــون ڇـا معنــيٰ؟ مـان ڇـا معنــيٰ؟

تـــون ان الحـــق آواز آهـــين،
مـــان ان الحـــق آواز آهيـــان،
تـون ڇـو آهـين؟ مـان ڇـو آهيـان؟
تــون ڇـا معنــيٰ؟ مـان ڇـا معنــيٰ؟

تـون تـون آهـين- مـان مـان آهيـان،
تــون بــا معنــيٰ- مـان ڇـا معنــيٰ،
تـون تـون آهـين، تـون تـون آهـين.
مـان مـان آهيـان- مـان مـان آهيـان.

# چام شوري نہ وچ

شيشــي جهــڙا پــرين، جــيءَ جهــوري نــہ وچ.
پٽــرن جـــي شـــهر، چـــام شـــوري نـــہ وچ.
جـي مجـين تـو تـہ مـج ڳالهـہ هكـڙي پـرين،
جي وجين تو تہ وچ كنهن جي توري نہ وچ.

هـــا ٻُـــڌون تـــا اُتـــي درســـگاهون وڏيـــون.
پيـــار واريـــون دليـــون ۽ پنـــاهون وڏيـــون.
ٻاجهـــ پريـــل نهـــارون نگـــاهون وڏيـــون.
روح رولاكيـــــون، شـــــاهراهون وڏيـــــون.

ايٽريـــون ايٽريـــون جـــت هوائـــون وڏيـــون،
ريشـــمي ريشـــمي جـــت ادائـــون وڏيـــون.
مُـرڪ ۽ مَهـڪَ جـون جـت كٿـائون وڏيـون.
هـــا پهـــاڙن پنيـــان، جـــت صـــدائون وڏيـــون.

جـنهن شـهر تـو وجـين تـنهن تـي پهـرا وڏا.
ڇهـــري ڇهـــري ڇڙهيـــل كـــوڙ ڇهـــرا وڏا.
ســوپ جــا ســر مٿــان جنهنجــي ســهرا وڏا.

صبح کان شام کان، جت ہہ پهرا وڏا.

نظرين جون قطارون جهندا وڏا.
رياستي جبر جا اُيا ڏندا وڏا.
انتظامي روش جا هت کندا وڏا،
وک وک تي وچايل کندا وڏا.

جي مڃين ٿو تہ مڃ ڳالهہ هڪڙي پرين.
جي وڃين ٿو تہ وڃ ڪنهن جي ٿوري نہ وڃ.
شيشي جهڙا پرين جيءَ جهوري نہ وڃ.
پٿرن جي شهر ڇام شوري نہ وڃ.

# سياري جو وسڪارو

سياري جي مند واري
پهرئين وسڪاري،
شهر جي عمارتن جا
ميرا مک- ڌوئي اجرا ڪيا.
وڻ، ٻوٽا ۽ گل
ڪنهن نئين نويليءَ
ڪنوار جيان سينگار جي،
هوائن کي پاڪرين پيا.
ان ويلي، ها! ان ويلي،
امن ۽ اميدن جا،
ڪبوتر اڇا،
اپ ڏانهن اڏارون ڪندي،
ڦٿڪي اچي پَٽِ ڪريا.
انڊلٺ جا رنگ سمورا،
رتانوان ٿي،
وسڪاري سان گڏ،
ڌرتيءَ تي وسڻ لڳا.
ان ويلي ها! ان ويلي،
مک مک جي آ ڳنڌ تي،
مرڪن پنهنجا پاند ڦهلائي،
پاڻ وارڻ جا حيلا هلايا.
پر ڪنهن بہ آڳند تان سندن،
آجيان نہ ٿي،

۽ مرڪن کي مايوس، نراس ٿي،
موٽڻو پيو.
سياري جي مند واري،
پهرئين وسڪاري،
گدلي شهر جي عمارتن جا
مک ڌوئي اڇا اجرا تہ ڪيا،
پر - ماڻهن جا من، ساڳيا ئي ميرا رهيا،
ميرا رهيا!
ها- ميرا رهيا...!

# سو ديس مسافر منهنجوڙي

جت- سورج پنهنجي سموري سگهہ ڌرتيءَ کي اَرپي،
پهاڙن جي اوٽ ۾ آهِلي پوندو هجي،
جت- چنڊ کير ورني چادر اَوڙهي،
تارن ۽ کهکشائن جي ميڙي ۾،
رابيل وانگر ٽڙندو ۽ کڙندو هجي،
جت- چانڊاڻ اجالن جي ورکا کندي هجي،
جت- باک ۽ باک ڪانپوءِ،
روپهري اُس، ڪائنات جي سمورن رنگن،
سونهن ۽ هستيءَ کي نروار،
ڪري ڇڏيندي هجي،
ڏور ڏيهہ جا مسافر،
ڪيئي ڏيهہ ڏوري هتي پهچندڙ،
سونهن جا ڳولائو دوست،
روشني ۽ رنگن پريو ديس،
منهنجو ديس آهي
جت- سمنڊ، اُڀرين اُڀرين ويرن سان اُلري،
سامونڊين سان ڇِلولايون ڪندو هجي،
ڪنارن سان پسار ڪندڙ پشم جهڙن پيرن جو
سواد وني موٽ ڪائيندو هجي.
جت- هوائون مست ٿي ڪؤنرن ڪؤنرن بَدنن سان،
ڪيچلون ڪنديون هجن.
جت- سونهن ۽ ساپيا جا آبشار وهندا هجن.
جت- چؤڏسائن ۾ انساني انگن جي مخمور ڪندڙ

پگهر جي خوشبو، اُڏارون ڪندي هجي.
اهو پورهيتن ۽ پيار جو ديس منهنجو ديس آهي.
جت- ٻٽون، ٻڙا ۽ دڙا ڏسين،
جت- ڪارونجهر- هالار- گنجي ٽڪر
ٻڳي ٽوڙهي ۽ ڪيرٿر جون اُتاهيون ڏسين،
جت نيڻ نهار تائين ساوا ڪيت ڪڙيل ڏسين،
ڇهچ ساوا گاهہ - ڳم ۽ ٻنديرِ ماڪ ۾ وهنتل ڏسين،
جت- زيتونن جي وڻن تي پورين کي پيار ونڊيندو ڏسين،
جت- ٻٻر جي وڻن تي جهرڪين ۽ ڳيرن جا آکيرا ڏسين
اُڀ ۾ پاريهرن ۽ اڇن ڪبوترن جون اڏارون ڏسين،
بگڙا ۽ ڪارڙا تتر ٻوليندي ٻڌين،
ها- جت- فضائون، چئوڏس فطري آوازن جو،
عجيب جهان پيدا ڪنديون - محسوس ڪرين،
او! زندگيءَ جا ڳولائو، سونهن ڳولهيندڙ اجنبي،
پڪ پائنجانءِ اِهو ئي منهنجو ديس آهي.
جت- پٽن پر ڪبڙن جي ڇانوَ ۾ ويهي،
تتيءَ ٿڌيءَ کان بي نياز،
ڪنهن ڪويءَ کي زندگيءَ جا گيت رچيندو ڏسين،
جت- مورن کي ناچُ ڪندي ڏسين،
جت- هرڻن کي ڇال ڏيندي ڏسين،
جت- منڇر جي سونهن،
جوين جي ڪِهہُ سان دِسِيون واسيندي هجي،
جت- اُتر واءُ گلهڻ سان
ڪينجهر هندورو ٿي پوندي هُجي،
جت ڪنول جون پاتار تائين پاڙون پهتل هجن،
۽ آڪاس تائين پونئرن جي اڏار ٿيندي هجي،
اهو گلابن ۽ مينديءَ وارو ديس منهنجو ديس آهي.

جت- هماليہ جي سدا ملوڪ وڏ وَر ڏيءُ سنڌوءَ جو روپ ڌاري
سانوڻيءَ جي مند ۾ سڪار جا سنيها کڻي ايندي هجي
جت - ٻيلا ٻرندا ۽ ٻهڪندا ڏسين،
جت- ڌنارن جون جهونگارون، مينهن جون ڊِڪُون
چڙن جو آواز، ڀهراڙيءَ جي سادي سودي زندگي،
شاعرن کي تخليق جي پيچرن ڏانهن
وٺي ويندي هجي.
وردِ س ورٿ، شيلي ۽ شيڪسپيئر جيان
شاهہ ڀٽائي- سچل، سامي
خليفو قاسم ۽ شيخ اياز
زمان ۽ مڪان جون سرحدون اورانگهي
انسان ۽ فقط انسان جو آواز تي پوندا هجن.
اهو تخليق کي سونهن بخشيندڙ ديس
منهنجو ديس آهي.
جت- ڌرتي- ڌيهہ واسين ۽ ڌيهہ مرياداتي ڪيڏاري جا
داستان جڙيا هجن،
جت - نينگريون، اندر جي احساسن، اُڌمن ۽ امنگن کي،
لوڪ گيتن، ڳيچن- جُهمرين ۽ جمالن جو ويس ڍَڪائي
زندگي ۾ روز نوان نوان رنگ ڀرينديون هجن
جت- نوري ڄام تماچي- سورٺ- راءِ ڏياچ،
مومل راڻي- سسئي پنهون،
سهڻي ۽ ميهار توڙي موکي ۽ متارن جهڙا پيار ۽ پنهنجائپ جا
داستان جنم وٺندا هجن.
ڳانڍاپي، ميلاپ ۽ آدرشن جو ديس
مشرق جي آڳاٽن کان بہ آڳاٽو
لوڪ داستانن جو ديس
منهنجو ديس آهي،

جت- اُني جون هوائون، وارن جو چڱون،
چڱن سان نہ چجندڙ نينهن وانگر ملائي ڇڏينديون هجن-
جت- ڳيرو ڇيرين جي ڇم ڇم ۽
چوڙين جي ڇنن ڇنن تي ڳڇين جا ڳچ قربان ڪندا هجن
جت - وِنهيون توڙي ڪنگال
مهل پئي مَهلون ڪندڙ هجي
اهو آئي جي آذر جو ديس
منهنجو ديس آهي،
جت- سارين جا رونبا، ڪٽڪن جون ناڙيون،
ڪمند جي واڍي ۽ ڦٽين جا ڇوندا ڇيندا هجن،
جت مڪڻ جا چاٽا، ڏُڌَ جا وٽا، ماکيءَ جو تِسِريُون
کير جا گهڙ اِ۽ گيهہ بُسريون
مهمانيءَ جو معيار ۽ دلين جو قرار هجي،
جت- نرتڪي، سجاڳيءَ جي علامت هجي
جت ڪنور ڀڳت جهڙا صوفي منش راڳي
"نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو"
جهڙا امر گيت آلاپيندا هجن.
جت – فن ۽ فڪر،
احساس جي اُرهَہ مان،
ٽِج وانگر گوها ڏئي نڪرندو هجي
جت – امر جليل جا ڊائلاگ،
ابراهيم جويي جي سَرل ٻولي
سراج جا فڪري انسنا،
آغا سليم جي نثري موسيقي،
شمس سومري جا ويچار سونهان هجن
جت- شاهہ جو رسالو، سنڌوءَ جي ساجاهہ، پڙاڏو سوئي سڏ
اونداهي ڌرتي روشن هٿ ۽ موهن جو دڙو جهڙا

كتاب لکيا ويا هجن
جت - شيخ اياز شمشير – تنوير، امداد ۽ استاد بخاريءَ جي
شاعراڻي اڳواڻي،
سُرت ۽ ساڃاهہ بخشيندڙ هجي.
جت- ڪارونجهر جي ڪُک مان
روپلي جهڙا مانجهي
دودي ۽ ننگر جهڙا جوڌا
دولهہ درياهہ خان- هوش محمد- هيمون ڪالاڻي
ٻاگهل ٻائي، بختاور- مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت جهڙا
ڌرتيءَ دوست ماڻهو- سورهيائي جا سورج ٿي اڀرندا هجن.
جت اجاتل سوڍن ۽ اکٽ سورمن کي،
ڦٽڪن جي ڦهڪن ۾
مُرڪي مُرڪي
ڦاهيءَ گهاٽ ڏانهن،
پنهنجي پيرن تي ويندي ڏٺو ويندو هجي،
جت روپاهہ ماڙي، اروڙ- مياڻي، سيوستان، ننگر ٺٽي
لاکاٽ، احمد خان برهماڻي، ميهڙ، چاهہ شوري
دادو، موري ۽ ٽنڊي ٻهاول جهڙين وسندين،
ٻاهہ جي اُلن، گولين جي وسڪارن
۽ لانگ بوٽن جي شور ۾،
پنهنجو ڪنڌ نہ نوايو هجي.
جت- مارئيءَ جو سَتُ ۽ سيل انساني عزم ۽ حوصلي جو،
پرجهلو ۽ آٽت هجي،
"هڻُ هڪلڻ ٻيلي سارڻ" وارن مانجهين،
رُکَ ورنيءَ راند ۾ ڪو فرق نہ رکندڙ سورمن ۽
سورهين جو سدا ملوڪ ديس
منهنجو ئي ديس آهي

پرانهين پارَ کان پنڌ پيل،
اي دوست!
ايندڙ زماني جا سياح
هن وقت وطن وطن ووڙيندڙ مسافر،
تو قديم پستڪن، صحيفن ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾
جنهن سون، ڪپهہ ۽ کوهن واري ديس
يا سنڌو ماتريءَ جي وسندين بابت پڙهيو آهي
اهو ئي ديس- ديسن جو دلبر ديس،
سنڌو ديس - منهنجو ديس آهي.

# فاصلا

ڏرتتي، ڪاڙهو، اُبس،
چوڪٺي ئي ڪانہ ٿي؟
لُڪ ساڙيا لڳ،
اندر جا انسنا،
۽ جياپي جا سمورا وسوسا،
اندر رانپوٺي،
روئاري ٿا ڇڏين،
آئيندي جا خواب،
ساپيان ڪان اڀي،
اڪين ۾ ئي انت آڻي ٿا ڇڏين،
شام ويلا،
هير ٿڌڙيءَ جي کُلڻ جا فاصلا،
پل- پهر- اوسيئڙا،
اينگهہ چو وننڊا وجن ٿا.
شهر شهر بي حسيون،
ڳوٺ ڳوٺ ۾ جنيون،
لشڪر ڪشيءَ جان ٿيون وڌن،
بي حرمتيون، عزت اُجاڙ،
خودڪشيون، پٽڪن لتاڙ،
درد جا هي سلسلا،
جڻ ماتمن جا قافلا،
روز چو رمندا وتن ٿا
وقت جي بي رحم وڪ،

لانگ بوٽن جان لڳي ٿي.
چئو ڏسائون،
ديس منهنجي جون،
اندر ۾ وڍ ڪائيندي،
پڇن ٿيون؟
ڏرنتي ڪاڙهو، اُبس،
جو ڪٽي ئي ڪانہ ٿي،
شام ويلا،
هير ٿڏڙيءَ جي گهُلڻ جا،
چو وڏن ٿا فاصلا،
درد جا هي سلسلا،
جڻ ماتم جا قافلا.

# ساپيائن جي اڳڻ تي

جنوريءَ جي اڄ پنجين تاريخ آ،
سال سپنن سان جُڙيل چورانوي.
سون ورني سج جا ڪرڻا پرين،
ڏُنڌَ ۽ ڪوهيڙ ۾ ورتل هڙئي،
ذلتون نئون روپ ڌاري،
نئين سال جو اوڙهي لباس،
ساپيائن جي اڳڻ تي،
رت هاڻا، ڏند ٽيڙي ٽيون وڌن.
ڪوڙ ساريون اُڀرايون،
چيڪ ٽيون، گهُمنديون وتن،
جڻ اُميدن جا هڙئي رابيل،
پيلڻ ڪاڻ آهن جل چڙهيل.
جنوريءَ جي اڄ پنجين تاريخ آ،
سال سپنن سان جُڙيل چورانوي.

# سوال.....؟

سياڳي ڏرتيءَ جا،
اياڳا ماڻهو،
تون جاڳ جا،
هڙئي در ٻيڪڙي،
ماڻهپي ڪان،
سمورا سڱ ڇني،
اجتماعي واٽ ڪي،
پٺي ڏئي،
پنهنجن انفرادي مفادن جي،
رڻ ڏانهن،
وڌي رهيو آهين،
جڻ تاريخ جي،
ڏکي لڱن تي،
لوڻ ٻُرڪي رهيو آهين،
ها- پر،
ورهين پڇاڻان،
موت جو گس ڳوليندي،
ڪروڙين ماڻهن وچ ۾،
جڏهن تون، پنهنجو پاڻ کي اڻ سُڃاپو،
اوپرو - ۽ هيڪلو ڄاڻين،
جڏهن توکي،
ڪير بہ پنهنجو،
ڪري نہ سگهي،
تڏهن تون،
لوڪ آڏو ڪهڙو ڪَنڌُ ڪڍي هلندين؟

# بندوقن جي ٽاٽا

چؤڏس ۾ چؤواٽا سائين،
بندوقن جي ناٽا آهي.
اوچين ماڙين واريون وسنديون،
ايرن چپرن واريون وسنديون،
ڪَکَ پَنَ آهن آڳ اُلاڙي......
ڌرتي ٽاندا اوڳاڇي ٿي،
جڻ ڪا وچ ڪري پئي آهي،
ڪيڏو آهي روج ۾ راڙو،
پٽ تي زخمي پيءُ ڪراڙو،
ماءُ جو اندر اُلڪا اُلڪا،
پيڻ چپن تي سڏڪا سڏڪا،
ونيءَ چوڙيون چيهون چيهون،
لوڪ سمورو دانهون ڪيهون،
سنڌوءَ پر جا گهاٽا ٻيلا،
الا- هاڻي موت سان ميلا،
پنهنجي سگهہِ جا سينو تاڻي،
سا چؤڪنيي آهي گهاٽي،
جڳ منهنجي جا سارا رشتا،
پياري ڌرتيءَ وارا رشتا،
انڌ جي ور چڙهي ويا آهن.
منهنجا پنهنجا سندر سندر،
ڪير ۾ ماڪيءَ جهڙا رشتا،
آپگهات جي رڻ ۾ هاڻي،

ڪاهي پيا هن،
ڪير هجي جو تن کي روڪي،
۽ سمجهائي،
پيار پريون ٻانهون ڦهلائي،
ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ لائي،
ماڻهوءَ، ماڻهوءَ سامهون تاڻيل،
بندوقن جا رُخ مٽائي،
ماڻهن کي سَنئين دڳ تي لائي،
چوڌس ۽ چؤواٽا سائين،
بندوقن جي ٿاڻا آهي........!!

# والار

منهنجي ڌرتيءَ جي وسندين جا،
چارئي پاسا اوندهہ ۾،
ٻاهر وٽن تي وينل ڪيئي،
ڇپرن ٽولا، پاڻ مرادو،
پاڻ کي ڪوئي فاتح ڄاڻي،
ڏند تيڙن ٿا، ٺهڪ ڏين ٿا،
منهنجي من کي ڇيهاڙن ٿا - ڇهڪ ڏين ٿا.
پر پاسن ڪان،
ڪيئي ديس دروهي،
لوڀي نوڳي ماڻهو،
ڪيني واري اونهيءَ کڏ مان،
ڏيڏر وانگيان،
ٽان ٽان ڪن ٿا،
ڄڻ ڇپرن کي آتت ڏين ٿا،
مظلومن جو ويس ڍڪي،
ڏور پري ڪان،
ايندڙ ڪيئي ڦورو ٽولا،
منهنجي ڌرتي جي وسندين تي،
پنهنجي حق جي دعويٰ ڪن ٿا،
شهر-شهر ۽ ڳوٺ-ڳوٺ ۾،
چئونڪن ۽ چواٽن تي،
ديس ڌڻين کي،
ايندي ويندي للڪارن ٿا.

# شهيد دودو سومرو

جيڪڏهن تاريخ جي ڪُکِ مان،
چنيسر جهڙو ڪانئر نہ ڄمي ها،
تخت ۽ تاج جي هَبڇ ۾،
خلجيءَ سان گڏجي سنڌ مٿان نہ،
ڪاهي اچي ها- تہ،
سندس ڀاڳ ڀري ڀيڻ،
راڻي ٻاگهل ٻائي،
پريميڪا چولي ڪنيارڻ،
ڪڏهن بہ مهڻي هاب نہ ٿين ها.
۽ وقت جو ڪوبہ سالار خان،
دودي سومري سان اکيون ملائي نہ سگهي ها.
دودو سومرو تخت ڏٺي،
۽ ٻاگهل ٻائي راڄ راڻي هجي ها.
چنيسر جي چريائيءَ،
سومرن جي صاحبي جو انت آندو.
وڳهہ ڪوٽ ويران ٿيو،
روپاهہ ماڙي اجڙي وئي،
راڻي ٻاگهل ٻائي سامر،
دودو سومرو شهيد،
۽ ڌرتي پڙيانگ ٿي وئي.
سنڌ جا ماڻهو سوڳ ۾
ڪارا نيرا پٽڪا ٻڌڻ لڳا.

# شهيد دولهہ درياهہ خان

دولهہ درياهہ خان،
جنهن جي ڏاهپ، بهادري ۽ ارڏائپ ڪان،
ڄام نظام الدين ”ڄام نندو“
نندپڻ کان واقف هو.
جڏهن هو ”قبوليو“ هو.
دولهہ درياهہ خان،
جنهن کي ڄام نندو،
تلوار جي ڏک ۽ ڏار مان،
پرکي ونندو هو.
بدقسمت ڄام فيروز،
سازشي درٻارين جي،
ڳالهين ۾ ڦاسي،
اَرغونن کي ايڏو ويجهو نہ ٿئي ها.
ڄام فيروز پنهنجي هاڪاري حاڪم پيءُ جيان،
دولهہ درياهہ خان جي حب الوطنيءَ،
بهادريءَ، سورهيائيءَ، سچائيءَ،
۽ ڏاهپ تي ايڏوئي ويساهہ رکي ها تہ.
نہ ڄام فيروز پاڻ پنهنجو تخت وڃائي ها،
نہ دولهہ درياهہ خان شهيد ٿئي ها،
نہ سمن جي صاحبيءَ جو سج لهي ها،
نہ وري سنڌ پنهنجي مقدس آزادي وڃائي ويهي ها.

# شهيد مخدوم بلاول

شهيد مخدوم بلاول جي،
لازوال فاتحاڻي مُرڪ،
اڄ بہ وقت جي هر ارغون جي اکين ۾،
ڪنهن چڀيت جيان،
چُڀندي نظر ايندي آهي.
وقت جو ڪوبہ گهاڻو،
مخدوم بلاول جي حب الوطنيءَ کي،
گهائي ناهي سگهيو.
ڄام محمود ۽ منڻ خان،
رڻمل سوڍي ۽ سارنگ سهتي،
حيدر شاهہ سنائي ۽ جيئنم سيد جا پوئلڳ،
بلاولي تحريڪ ۾ روح ڦوڪي
قومي تحريڪ کي نئون روپ ڏئي رهيا آهن.
اروڙ- روپاهہ ماڙي،
ٿوڙي ڦاٽڪ،
باڪوڙي موري،
ڄام شوري،
سڪرنڊ جي شهيدن جا،
فڪري وارث - اڄ بہ،
سنڌ جي آزاديءَ جي،
ويڙهاند ۾،
مرڪندي، مَهڪندي
وطن جي ويڙهہ
وڙهندي نظر اچن ٿا.

# شهيد شاهہ عنايت

شهيد شاهہ عنايت،
جي انقلابي نعري،
"جوکيڙي- سو کائي"
سنڌ جي جاگيردارن جون-
ننڊون حرام ڪري ڇڏيون
"جوکيڙي سو کائي" واري آفاقي نعري
کي بنياد بنائي،
مغل سرڪار جا ڪن پريا ويا،
جاگيرداري سازشن،
هٽي وجي هنڌ ڪيو.
وقت جي ويڪائو ماڻهن،
جهوڪ جي جونجهار سان،
مهاڏو اٽڪايو.
جهوڪ جي فقيرن،
مرڪي پاڻ ملهايو.
رڻ گجيو، راڙو ٿيو.
شاهہ عنايت کي قرآن پاڪ وچ ۾ ڏئي،
ڳالهين لاءِ راضي ڪيو ويو.
مغل گورنر جي تنبوءَ مان،
ويساهہ گهاتيءَ جي ترارَ،
مياڻ مان ٻاهر نڪتي،
شهيد جو سرڌڙ کان ڌار ٿيو.
سچ ٿيڙ کائي وجي اولهہ ۾ ڪريو،
سنڌ مٿان ڪاري رات ڇائنجي وئي.
شاهہ شهيد جو ريٽو رت،
سنڌوءَ جي وهڪري سان گڏجي،
انڊس ڊيلٽا ۾ وجي چوڙُ ڪيو.

# جنرل هوش محمد شهيد

ارڙهن سئو ٽيتاليهن ۾،
انگريزن خلاف،
ڌرتيءَ جي ننگ ۽ ناموس لاءِ،
وطن جي ويڙهه وڙهندڙ،
سنڌ جي حلالي فرزند،
جنرل هوش محمد شهيد،
جنهن بهادريءَ سان،
پنهنجي مادر وطن، جي رکوالي ڪئي،
جنهن انگريز سامراج کي للڪاريندي،
آفاقي نعرو بُلند ڪيو هو تہ:
“مرسون- مرسون، سنڌ نہ ڏيسون”
ها- ديس دروهين هٿان،
جيڪڏهن سندس گولا بارود نہ ساڙيو وڃي ها
۽ سنڌ جا جاگيردار،
چارلس نيپئر جا پُڇَ لٽڪائو نہ ٿين ها تہ،
حيدرآباد جي قلعي مٿان،
برطانيا جو جهنڊو،
نہ ڦڙڪي سگهي ها.
سنڌ جا غدار جاگيردار،
نيپئر جي پيرن تي پنهنجون پڳون رکي،
جاگيرن جون “سندون“ نہ وٺن ها تہ،
سنڌ ۾ انگريز راڄ خلاف،
هڪ صديءَ جي مسلسل جنگ جاري رهي ها.
اٺويهہ سئو سٽيتاليهن ۾، انگريز سامراڄ،
پنجابي فوجين کي پنهنجي خدمتن عيوض،
هي ملڪ- سوکڙي ڪري نہ ڏين ها،
نہ وري “سنڌ” لڳاتار ڪاري سامراڄ جي غلاميءَ هيٺ رهي ها.

# شهيد روپلو ڪولهي

ڪارونجهر جي ڪُکِ مان،
جنم ونندڙ”روپلو ڪولهي“،
سنڌ، سوڍن ۽ ڪارونجهر سان،
ساٿ نڀائيندي،
انگريز جنرل ”تروٽ“ سان
جيڪي چوٽون کاڌيون،
جنهن لوڀ لالچ ۽ خوف کي،
اندر مان نيڪالي ڏئي،
ڏاهپ ۽ بهادري سان،
فرنگين کي ڏينهن جا تارا،
ڏيکاري ڇڏيا.
ڌرتيءَ جي رکوالي ڪندڙ جهونجهار
تاريخ ۾ اڄ بہ ڪارونجهر جان،
اوچي ڳاٽ ٻيڻل نظر اچي ٿو.
سانوڻيءَ جي اوڙڪن ۾،
مور ٽهوڪن ۾،
هو نئون جنم وٺي،
ڌرن مٿان ڏيئن جان،
جهمڪي رهيو آهي.
روپلو ڪولهي
روپلوڪولهي.

# شهيد هيمون ڪالاڻي

جنهن وقت،
سکر جيل ۾ قيد،
شهيد هيمون ڪالاڻي،
ڦاهيءَ جي ڦندي کي چُمي،
پنهنجي اوچي ڳاٽ ۾،
وجهي رهيو هو،
ان ويلي- ڦاهيءَ جو ڦندو،
فخر سان اُوچو ۽ ويڪرو ٿي ويو هو.
هيمون ڪالاڻي جي امڙ،
پنهنجي حلالي پُٽ جي حب الوطني،
بهادري ۽ سورهيائيءَ کي،
سلام ڪندي،
وڏي فخر سان،
کيس پنهنجي سيني سان لائي،
پنهنجي ”مقدس تَج“ بخشي هئي.
جنهن وڏي شان ۽ مان سان،
پنهنجي شهيد پٽ کي،
ڌرتي ماءُ جي جهوليءَ حوالي ڪيو هو.
تڏهن چندر شيکر آزاد،
ڀڳت سنگهہ، سک ديو ۽ راج گرو،
کيس هزارين شهيدن جي جلوس ۾،
شاندار آجياڻو ڏنو هو.

# ديس جو ڏراوڙ

لوڪ شاهي راڄ جا،
خواب نيڻن ۾ اُٿي،
درد ساري ديس جو،
پنهنجي ڪُلهي- سِرَ تي کڻي،
لوڪ کي هِن ديس جو،
سمجهي ڏٺي.
آمرن جي اکين ۾، اکيون وجهي،
فاتحاڻي مُرڪَ سان،
جو ڪين گهوريندو رهيو.
ٽاندا ٽاندا ٿهڪ جنهن جا،
آمرن جي اندر ۾ جو،
آڳ اوتيندو رهيو.
شهر شهر،
ڳوٺ ڳوٺ،
ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾،
ننڊ ۾ گهيريل،
آياڻي لوڪ جي،
جاڳ جا ۽ ياڳ جا،
در ڳوليندو ۽ کوليندو رهيو.
جنهن جي گلابي جسم جي،
نيرين رڳن ۾،
سنڌوءَ جو پاڻي لڙاٽيل،
رت ٻڻجي ڊوڙون پائيندو رهيو،
هو جو ڏراوڙ ديس جو واسي هيو،
جو آمرن جي اَندر ۾

ڪنهن اَڇاتي خوف واري ڪانَ جان،
ڪُڪندو رهيو، ڪپندو رهيو.
جو ڪڏهن ”پروميٿس“ جيان،
لوڪ کي ”ڏاهپ“ ڏيڻ جي ڏوهه ۾،
مڪار پهريدارين جي دوهه ۾،
اڻ کيل ڪنهن وارتا جي آڙ ۾،
سيني اندر سانديل ڪنهن پراڻي ساڙ ۾،
جو زندان ۾ واڙيو ويو،
ديس جي دستور کي ڦاڙيو ويو،
سونهن کي ساڙيو ويو،
چاهُ چيهاڙيو ويو.
لوڪ شاهي راڄ جي،
مقدس ايوان ۾،
خاڪي وردي ءَ وارو ڪو،
بد روح ويهاريو ويو.
هو جو پنهنجي سماجي رَوِش ۾،
منصور ڪو سرمد ڪوئي،
جڻ ڪوئي دارا شڪوهه،
وقت اورنگزيب آڏو،
جڻ ڪوئي هالار،
ڪوئي ڪير ٿر،
جڻ ڪو ڪارونجهر هيو،
هو جو ”رُڪ“ هيو، ريشم هيو،
هو جو ”پٿر“ هيو پشم هيو،
هو جو ڪڏهين وهه وٿيون،
جو ڪڏهن ماکي ءَ جي ڌارا هيو،
هو نوجواني ءَ جا انگل آرا هيو.
ٽنهڻ ۾ چانورن جو،

اڻ ميو احساس هيو،
ٻاجهہ جو ڪوئي ڪڪر،
اُميد هو، وشواس هيو،
هو چيٽ جي چانداڻِ هيو،
ڄڻ سانوڻيءَ جو مينهن هيو،
ڪنهن ننڍي نيٽي جو،
ڪنهن ننڍيءَ نيٽيءَ سان ڪوئي،
نئون نڪورو نينهن هيو،
هو اُجاري پونءِ جي پڙيانگ،
ڪنهن ڏرتتيءَ جي دانهن هيو،
لوڪ شاهي راڄ جي ورانڊ واريءَ ويڙهہ ۾،
هو ڄڻ تہ ڪوئي احتجاجي ڏينهن هيو،
تاريخ جي ڏڪي لڱن مٿان ملجندڙ،
هوڪائي ”مرهم“ هيو،
ٻوڙن ڪنن ۾ گونجندڙ ڪا چيخ،
گونگن ڪاڻ اِشارن جي زبان،
لوڪ گيتن ۾ سمايل،
ڪنهن ”المياتي“ درد جو آلاپ هو.
آٿتن ۽ پارتن جو آبشار،
ماٺيپي جي ماڳ جو راهي هيو،
جو ڪنهن ڪراڙي جي،
پراڻي نينهن جو نياپو هيو،
هو جو ڪڏهين ڪوٽ ڪنگرو،
چيلهہ سندرو ۽ ڪڏهن پٽڪي جو ورُ،
ڪنهن ناريءَ ڪي اوڍيل،
ڄڻ چُنيءَ جو چِٽُ هيو،
ڪنهن سانوريءَ جي،
ڳچ جو شيشو هيو.

ڪنهن جي سنهڙيءَ چيچ ۾،
پاتل ڪوئي چانديءَ ڇلو،
ڪنهن مٽي جي موڙ جو مٽيو هيو.
هو ماءُ جي اُميد جو "سورج"،
ڪنهن پيءُ جي آسيس جو "چنڊ"،
هو جمالا، جهمريون، هو ناچ هيو،
ساز، ٻيجل يا ته ڪوئي ڏياچ هيو.
هو درياهي وهڪرن جي،
اور هيو، پرار هيو،
تاريخ جي ڪا تيغ هيو، ترار هيو،
جو همالي جي اُتاهين،
هيو ڪڏهين،
جو ڊيلٽائن جي هيناهين هيو.
سچ ڪنهن سنگين آڏو
سِر جهڪايو ڪونہ هيو،
هُن ٻہ ڪنهن سنگين سامهن،
سِرُ نوايو ڪونہ هو،
آمريت جي جهنگ ۾،
هو تہ ڪوئي شينهن هيو،
هو تہ اهڙو شينهن هيو،
جو رات جي بگهڙن هٿان،
ويساهہ ۾ ماريو ويو،
جو ديس پنهنجي جي مٽان،
ويڙهاند ۾ ماريو ويو.
هو جو هڪڙو شخص هيو،
جو هزارين سورمن جو،
خوبصورت عڪس هيو.

# اُجَ جو پَنڌُ

پنڌ واريءَ جو،
اُگھاڙا پير ھُن جا،
اندر ۾ اُڃ جون
ھزارين اَنتھائون،
ڪنھن ھينلي ھرڻ جھڙو،
جنھن جو جيون.
اَندر واري اُڃ،
اُجھائڻ ڪاڻ جيڪو،
رُڃَ جو راھي ٿئي ٿو.
زندگيءَ جي ٿتھڻن ۾،
ٿوھرن جي ڇانوَ کي،
سمجھي پناھ.
اُجَ ۾،
ڪنھن رڃ ۾،
ھا سَوَ ڪوھيءَ سُڃَ ۾
بي نور نيڻن ۾،
اُٽيل ڪنھن خواب جان،
ساپيائن جي،
ٽيندڙ اَنت تي،
جو لُڇي ڦٿڪي پوي ٿو،
پنھنجي مُنھن پٽڪي ڇوي ٿو،
ھاءِ!
حياتي، پنڌ اوکو،

جيءَ جوکو،
ڇڻ تہ ڪو دوکو هجي ٿو.
هن کي وڃڻو هو،
پرانهين پار ڏي،
پٽن جي ٻئي پار،
هن جي تاڙ ۾،
ڪنهن شڪاريءَ جون،
ڪليل وحشي اکيون،
بندوق جي نالين جيان،
هن کي لڳن ٿيون.
ڏور اولهہ ۾،
ڀهاڙن جي پنيان،
سج ٽاٻڙجي ڪِري ٿو.
سانجهہ هن جي پنڌ کي،
ڪيئي بند ڏئي ٿي،
پاڻ ٽانيڪو ڪري،
هو ساهہ ساهن ۾ سمائي،
پير پيرن ۾ ڏئي،
ڏور ڏهرن جي مٿان،
هو چنڊ جا چارا ڏسي ٿو،
هو هوريان هوريان،
وک ڪٽندي،
سوجهري جي ماڳ ڏي،
وڌندو رهي ٿو،
رات ڪاري کي ڇڏي هو پوئتان،
ماڳ پنهنجي کي وڌي ويجهو ٿئي ٿو.
ڏور اوير مان،

اکيون مهٽي،
اُتي پئي سج ٿو،
سج ڪرڻن ساڻ،
پوندي ياڪرين،
مُرڪي پئي ٿو.
سوجهري جي ساٿ ۾،
هاسي سوڍي- سارنگ سهتي،
روپلي ڪولهيءَ ڪي ساري،
اُڃ ڪي،
رُڄَ ڪي،
ها سَوَ ڪوهيءَ سج ڪي،
ورندو وساري،
هو اڃا اڳتي ،
اڃا اڳتي،
اڃا اڳتي وڌي ٿو.

# سنڌ ساڳي آهي ؟

سنڌ ساڳي آهي،
سنڌ جو سنڌو درياهہ،
ساڳيو نہ آهي.
ڪو سهاسي راءِ،
راجا چچ - مها راجا ڏاهر،
ڪو بہ ڏاهر سين ڄائو ڪونہ آهي.
ڇئو ڏسائون ڄڻ ڇنيسر،
اجڙيل روپاهہ ماڙي،
ڪوبہ دودو ڪونہ آهي.
ڪو بہ درياهہ خان ڪوئي ڄام نندو ڪونہ آهي.
ڪو عنايت، شاهہ لطيف،
ڪوئي سچل يا بلاول ڪونہ آهي.
ڪنهن پڳي ٽوڙي،
موهن جي دڙي،
ڪيرٿر،
ڪنهن ڪارونجهر جي ڪُڪ ۾،
ڪو روپلو ڪولهي نہ آهي.
ڪوبہ جهونا ڳڙهہ ۾،
ٻيجل ڪونہ آهي،
۽ نہ آهي ڪو وري راءِ ڏياچ،
۽ نہ ڪا سورٺ رهي آ.
ڪوئي عمر ڄائو نہ آ،
ٿرديس ۾،

**ڪابہ مارئي،**
**ڀالوا ۾ ڪونہ آهي.**
**هوش محمد جي مياڻي،**
**هيمون ڪالاڻيءَ جي سکر،**
**لاڙڪاڻو- ساهہ سيباڻو نہ آهي،**
**مورو تورو ٿي ويو آ،**
**هاڻ دادو ۾ رهيو جادو نہ آهي.**
**هاڻي سنڌ ۾،**
**ڪونہ رهيو آهي ڪو بشير خان.**
**شاهہ سائين وارو جکرو،**
**ڪو بداماڻي نہ پنرو،**
**لکن جهڙي لوڏ وارو،**
**لاڪو ڦلاڻي ڪونہ آهي.**
**رات ڪاري ٻاٽ آهي،**
**ڪا اُماڙي ڪانہ آهي،**
**ڪو اُيو ڏاتو نہ آهي،**
**انڌ ۾ انياءُ سامهون،**
**ها- اُلاريل ڪا ڪهاڙي ڪانہ آهي.**
**هاڻ ساڳيو سج ڪونهي،**
**۽ نہ ساڳيو چنڊ آهي،**
**موهہ ناهي، منڊ ناهي.**
**لوڪ سارو لوڻ ورنو**
**ڪو ڪير ناهي، ڪنڊ ناهي.**
**ڏکڻ واري هير ڪانهي،**
**اُتر واري سير ڪانهي،**
**دوستيون سڀ اوپريون،**
**دشمنيون ساڳيون نہ آهن،**

ڪٽڪ ناڙيون ڪونہ آهن،
نيرڳيون- آڙيون نہ آهن،
منگهہ ماڙيون ڪونہ آهن،
ساڳي ڪينجهر جي ڪنڌي،
هاڻ ڪا نوري نماڻي ڪانہ آهي.
پيار جي پالوٺ وارو،
ڪو تماچي ڄام ناهي.
ڪا سونيتي ڪانہ آهي،
مير باگو ڪونہ آهي.
هاڻ سهڻي ڪيئن گهڙي درياهہ ۾،
جنهن ڪنڌيءَ ڪي ڪانهن ناهن،
۽ نہ ڪو هُن پار ڪو ميهار آهي.
ڪابہ موڪي ڪانهي ڪوهستان ۾،
مڌ متوالا متارا ڪونہ آهن،
ڪابہ هاٺي ڪاڪ ڪانهي،
ڪا بہ مومل،
ڪوبہ راڻو ڪونہ آهي.
ڪوبہ رني ڪوٽ جو رکوال ڪونهي،
۽ نہ نيرون ڪوٽ جو واهي ڪو آهي.
نيڻ آلا، جهول خالي،
هٿن ۾ ڪشڪول خالي،
ڪونہ رهيو ڪو هتي ڏاتار آهي.
ڄام ڪانپيو خان جهڙو،
ڪو هتي پوتار نہ آهي،
درد جو درياهہ سارو ديس آهي.
خواب نيڻن ۾ نتا نپجن نوان
۽ نوان سرجن نتا ڪي لوڪ گيت،

ڪي بہ جهمريون ۽ جمالا ڪونہ آهن،
ڪي بہ ميلا ۽ ملهلا ڪونہ آهن.
اُج آهي رُج آهي،
سَوَ ڪوهي سج آهي.
ماڻهو ماڻهو ميسَ ماريل،
جڻ تہ ڪائي مُج آهي.
ڄام منڻ خان يا محمود خان،
ڄام سارنگ خان سهتو،
۽ نہ ڪو سوڍو آرٽمل،
ڪو رهيو ناهي پرين جيئينم شاهہ،
راءِ سهاسيءَ واري سنڌ،
راجا ڏاهر واري سنڌ،
پونگر ننگر واري سنڌ،
ڄام نظام واري سنڌ،
غلام شاهہ واري سنڌ،
حيدر شاهہ واري سنڌ،
سا سنڌ ساڳي ڪانہ آهي،
ها - سنڌ ساڳي ڪانہ آهي.
ڪابہ بختاور نہ ڄائي پونءِ تي،
ڪوبہ حيدر بخش جتوئي ڪونہ آهي.
هاڻ نتي جي گهتين ۾ ڪوئي سرمد،
ڪو اَپيچند ڪونہ آهي.
هاڻ سورهيہ بادشاهہ جي ديس ۾،
بچو جهڙو بادشاهہ،
پيرو وزير-
گلو جهڙي گورنمينٽ ڪونہ آهي.
حرن جون هڪلون هلائون،

رات جا راتاها،
ڏينهن واري ساڄ ٻار،
شينهن مڙسن جا جتا،
مکيءَ واري ڍنڍ پر،
آچپي جون کي صدائون کونہ آهن.
ويڙها، ويرين ور چڙهي ويا،
اگٺ سوڙها، گدليون گهٽيون،
اوطاقن جو انت آهي.
کي ڪچهريون، ڏور بيت،
شاهہ سائين جون کي وايون،
کو چڙو، چنگ، چپڙيون،
کوبہ يڪتارو، دنبورو کونہ آهي.
هاڻي منجر ۾ مهاڻيءَ کي،
وهيءَ جو چوهہ ناهي،
کنهن بہ ٻيروءَ کي الائي،
چو مِٽيءَ جو موهہ ناهي.
سنڌ ساڳي آهي!!؟؟
سنڌ ساڳي آهي!!؟؟

# خوف

ڪو نٿو ڄاڻي تہ هاڻي،
يا سياڻي،
صبح گهر مان نڪرندي،
يا شام جو گهر موٽندي،
ها- ڪنهن گهٽيءَ مان گذرندي،
ڪارن، نقابن پوئتان،
وحشي اکين جي گهور مان،
پاڻ پنهنجو مان،
لڪائيندس تہ ڪيئن!؟
ڪو نٿو ڄاڻي - ڪو نٿو ڄاڻي.
ڪو نٿو ڄاڻي تہ گولين مينهن مان،
ڪنهن ڇپر جي ڇانوَ هيٺان،
يا ڪنهين پٽ اوٽ ۾،
ڪيس ڇئي پنهنجي پناهہَ
ماڳ تائين مان رسي سگهندس تہ ڪيئن!؟
ڪو نٿو ڄاڻي - ڪو نٿو ڄاڻي.
ڪو نٿو ڄاڻي تہ هاڻي،
نفرتن جي انڌ ۾،
ويڙهيل دروهي شهر جي،
رت هاڻين وسندين جي وچ ۾،
ڪن بندي ها- ساهہ ٻوساٽي،
رهي سگهندس تہ ڪيئن!؟
ڪو نٿو ڄاڻي - ڪو نٿو ڄاڻي.

"سن ستيتاليهہ جان"
شهر جي هر چونڪ تي،
موت جون پرندڙ ڏسي،
ڳاڙهيون بتيون،
اَندر ۾ اُلڪا اُمالڪ چرڪجن،
وهشت جا ننهن اندر ۾ چڙ ڪُپن،
جهنگ جهڙي شهر جي،
ڪنهن سٽائي پار مان،
سئين لڱين،
ها- سئين لڱين،
آخر رسي سگهندس تہ ڪيئن!؟
ڪو نٿو ڄاڻي، ڪو نٿو ڄاڻي.
ٻورين بند لاش -
ها- ٽارچر سيلن جون
سهي ڪيئي اذيتون،
ڪامي، پڄي، پچري
لُڇي، ڦٿڪي
ماڳ پنهنجي ڏانهن مان
آخر رسي سگهندس تہ ڪيئن!؟
ڪو نٿو ڄاڻي- ڪو نٿو ڄاڻي.

# سرنهن جو ڦولار

اڄ وري ورهين پڄاڻان،
آس جا ڪرڻا،
اَياڳيءَ نند مان جاڳي پيا،
نفرتن جي انڌ ۾،
پاڻ جيڪو ٻاريو هو،
پيار جو ڏيئو اجا ٽمڪي پيو.
اڄ وري ورهين پڄاڻان،
خوشبوءِ جي سنسار ڏي،
ڪاهي هلڻ وارا اُهي،
پيار جا رابيل،
گڏجي پوکڄڻ وارا اُهي،
ساڳيا هنيلا اندر جا اُڌما،
وري جاڳي پيا.
مُرڪ اوتي سپ پرينءَ جي نانءَ ڪن تا.
چنڊ جي پاڇي ۾ ويهي،
اوپرائپ جي سڃي ميراڻ کي لوڏي ڪڍي،
ياد تنهنجي هير ٻڻجي آ گهلي.
آءُ تہ گڏجي ماڪ جيان،
سرنهن جي ڦولار ۾ هڪ ٿي وجون،
ورهين پڄاڻان اڄ وري،
آس جا ڪرڻا اياڳيءَ نند مان جاڳي پيا.

# دپ

مان ۽ منهنجي وسندين جا لوڪ،

ڪاٺي جي ميز تي پيل،

ڪنهن ٽِشو پيپر جيان،

اڻ ڏٺل ڍاون هٿن ۾،

مروٽجڻ واري،

وايومنڊل ۾،

زندگي گهاري رهيا آهيون.

# فيصلو

مون جي خط لکيا ها تو ڏي!
سي سڀ جا سڀ ڦاڙي ڇڏجانءِ،
مون کي هاڻ وساري ڇڏجانءِ.
مون کي بخش ڪجانءِ او سانئڻ،
مان تنهنجو پوڄاري هوندي،
توکان ئي انڪاري ٿيندي،
تنهنجوئي ڏوهاري ٿيندي،
توکي هٿ ٻڌان ٿو سانئڻ،
مون کي هاڻ وساري ڇڏجانءِ.
ڌرتي ماتا جي تڄ عيوض،
پنهنجي سگهه سهيڙڻ ڪارڻ،
گهاٽن ٻيلن جي هن پاسي،
پنهنجو ساٿ سموهڻ ڪارڻ،
تنهنجو ساٿ ڇڏڻ ٿو چاهيان.
ريتيءَ ڪان رستي کي روڪي،
آچپي جي اڄ جي سامهون،
پنهنجو پاڻ ۽ توکي - موکي،
توکي مُرکي مُرڪ ڏيڻ ڪان،
ڏاڍ جي اڪ سان اڪ ملائي،
جيئڻ لاءِ جهيڙيندڙ ڏُر سان،
پنهنجو سارو سَٽُ سلهاڙي،
وڃڻو آهيان.
هونئن ڪڏهن ڏوراپو ڏين ها،

يا، ڪوئي پاراتو ڏين ها.
تنهن ڪان اڳ ۾،
ٿورو آءٌ چوڻ ٿو چاهيان،
ڪالهہ جڏهن مون ويني - ويني،
پنهنجي ليکي،
تنهنجا ڪورا چپ چميا ها،
انهيءَ ويلا- گهاٽا ٻيلا،
روئي پيا ها،
پر مون ٺهڪ ڏنا ها.
ها- ها- ها- ها-
پر مون ٺهڪ ڏنا ها.
سوچان ٿو، او منهنجي سانئڻ،
پنهنجي پريت نہ مرڻي آهي،
ويس مٽائي ورڻي آهي.
ها- پر
هن جنم ۾ شايد پنهنجو پاڻ ملڻ بہ شايد،
(ناممڪن جيان اٽڙ ناهي)
ها هيءُ صرف جدائيءَ ويلو،
ڄاڻي سگهجانءِ،
ٻئي يگ ويلي پوءِ بہ ملبو،
هن ڌرتيءَ تي.
جيڪا تنهنجي مُنهنجي هوندي،
وڏڙن جان آسيس بہ ڏيندي،
تيستائين جي تون چاهين،
مون کي هاڻ وساري ڇڏجانءِ،
مون جي خط لکيا ها تو ڏي،
سي سڀ جا سڀ ڦاڙي ڇڏجانءِ.

# تو بنا او پرين!

تو بنا او پرين!
وهہ پريل گهاگهرون،
ڏيهہ جون سانوٽيون،
اوپريون، اوپريون،
ماڪ وهنجاريل،
سونهن چانڊوڪيون.
ها پرين، ها پرين!
قول رابيل جا،
ٿوهرن وانگيان،
هٿ ڦٽي تا وڃن،
لوڪ جا ٺهڪڙا،
جڻ تہ ٽاندا هجن،
هير جا جهوٽڙا،
آڳ جان پاسجن،
اوپرو، اوپرو،
لوڪ انبوهہ ۾.
جڻ تہ آهيان ڪڙيل،
ڪنهن وڏي ٻوهہ ۾،
پنهنجي ڌرتيءَ تان،
جڻ ڌڪاريل هجان،
ساٿ تنهنجي بنا،
آءٌ پينوءَ جيان،
جهول پنهنجو جهلي،
پيار پنندو هجان،

ڀٽرن جي جڙيل،
اوپري لوڪ ڪان،
تنهنجو ڏس ڪيئن پڇان،
سمنڊ جيڏو شهر،
آءٌ ٻيڙيءَ جيان،
ڪَل ڪانهي پرين!
ڪنهن ڪناري وڃان.
هيڏي سنسار ۾،
ڀٽڪندو ٿو وتان،
اڻ ڏٺي ڄارَ ۾،
ڦٿڪندو ٿو وتان،
ڌرتتي ڏينهن ۾،
ڇانوَ جيڪر ملي،
يا وري ڪو ڪکر،
اُڀ تي ايري اچي،
پيار تنهنجي جيان،
من جي ويران ها،
نوٽ ڌرتيءَ مٿان،
مرڪ اوتي وجهي،
ڪنوڻ جي روشني،
روپ تنهنجو رچي،
تنهنجي وسنديءَ جي،
گس جو ڏسُ پوي،
آءٌ پل ۾ پرين!
ڪنهن پکيءَ وانگيان،
اُڏرندو، مُرڪندو،
مُرڪندو، اُڏرندو،

تنهنجي آ ڳنڍ مٿان،
پير پنهنجا رکان،
ٻانهن ڦهلائي تنهنجي ڪلهن تي رکان.
درد پنهنجي جيان،
توکي ياڪر پري،
پنهنجي سيني سان توکي لائي ڇڏيان،
هن سڄي لوڪ کان،
توکي نيٽن ۾ آءُ،
بس لڪائي ڇڏيان،
توبنا او پرين!
هيڏي سنسار ۾،
هيڪلو هيڪلو،
پاڻ کي پاڻ ڄڻ،
اوپرو- اوپرو- اوپرو ٿو لڳان،
او پرين! او پرين!
چنڊ جهڙا پرين.

# جلاوطن

توکان،
تنهنجي مرڪن کان،
پري،
تمام پري،
ڏور ڪتي ويرانن ۾،
جلاوطن آهيان.
چاهيان ٿو،
تنهنجو ساٿ،
ڳوليان ٿو اُهي پيچرا،
جتي،
تنهنجي مرڪن جي،
سڳنڌ آ،
۽ تنهنجو ساٿ.
توکان،
تنهنجي مرڪن کان،
پري،
تمام پري،
ڏور ڪتي ويرانن ۾،
جلاوطن آهيان.
ها -
مان جلاوطن آهيان.

# تند، ڪٽارو، ڪنڌ

اڻ پليو آ،
اڻ جهليو آ،
اڻ مَيو آ پيار پنهنجو،
جيئن ڪلهي پاٽل هجي،
ڪو ڪينرو.
تند، ڪٽاري، ڪَنڌ جهڙو،
اڻ چيو آ پيار پنهنجو.
بولويا جي،
چي گويرا جهڙو چاهہ،
سارتر جي رت ۾،
رمندو رهي،
جيئن فينن جو فرانس.
آلندي جي پيار،
پبگ مٺ يار،
پئبلو نرودا،
جيئن چاهيو هو چليءَ کي.
گيت ڳائي، لورڪا،
جيئن جاڳائي ڇڏيو اِسپين کي.
ڪاسترو
ڪيوبا جي ڪاڻِ،
جيئن هو چريو.
وينزويلا ساڻ
جيئن هوگوءَ جو پيار.
ست پنهنجي کي سموهي،

مائوءَ جيئن،
موهي وڏو هو چين کي.
جيئن برما،
آنگ سوچيءَ جو پيار.
نذرالاسلام ۽ مجيب جي،
تخليقيل سونار بنگلاديش جهڙو،
پيار پنهنجو.
آفريڪي آچپي واريءَ مندبيءَ ۾،
هيري جيان جرڪي
منديلا نيلسن.
هوچي منهہ جي اندر مان،
اُيري پوي جيئن،
نئون نڪورو ويٽنام.
الجزائر جون اکيون،
جيئن بومدين.
آئني فرينڪ جهڙو،
لازوال،
ليلا خالد جهڙو ڪوئي،
بي مثال،
پيار پنهنجو.
فلسطيني ويڙهہ ۾،
باهہ پڙڪائي وجهن،
نظم جيئن درويش جا.
جيئن خيالن جا ڪبوتر،
اڏارو ڪن پيا،
جبران جي لبنان ۾.
وردس ورٿ،
جيئن فطرت کي اظهاري،

پنهنجي تخليق ۾.
جيئن حمزه توف جو،
آوار ٻوليءَ سان پيار.
جيئن مصر جو مان هو،
ناصر جمال،
جيئن ترڪيءَ جو،
اتاترڪ، ڪمال.
طيب اردگان جهڙو،
پيار پنهنجو.
چيڪ جا ايذاءَ گهر،
جيئن اورنگهي وڏيو،
فيوچڪ هيو.
ڀڳت سنگهہ جيئن،
پاڻ ارپيو هند کي،
هيمون ڪالاڻي جيئن،
ساهہ ارپيو سنڌ کي،
راجا ڏاهر،
دولهہ درياهہ خان جهڙو،
پيار پنهنجو.
جيئن ڪارونجهر سان،
ڪولهي روپلو، پيو پاڪرين.
جيئن بلاول گهوٽ،
گهاٽي کي هو گهائي چڙيو.
جيئن عنايت شاهہ،
جرڪائي چڙيو هو جهوڪ کي،
جيئن هوشوءَ جي مهابي،
مانُ مياڻي کي مليو.
“سن جي سقراط” جيئن،

رت، ست ۽ روح پنهنجي کي،
سلهاڙيو ديش سان.
سورهين جي بادشاهہ،
جيئن چيو هو،
پاڻ کي گهرجي "وطن تہ يا ڪفن".
جيئن وڏو ميدان ماري ويو هليو،
جيئن وڏو ويساهہ ڏياري ويو هليو.
جيئن ڪولاچي، ڪلهوڙو،
جيئن کهاوڙ ۽ پتو، جيئن پنهور سولنگي،
جيئن تنيو- چولياڻي،
جيئن بليدي، ڏهر، ميمڻ، سومرو،
جيئن ڪوئي ڪوهارو،
جيئن لانگاهہ يا سرويچ ڪو،
آجپي جي راهہ ۾،
ويا مارجي،
وطن ۽ ويساهہ تان ويا وارجي.
ايشيا جي دل اندر ڌڙڪن جيان
ٽنگيل هجي تصوير ڪا.
ٽئگور، ٽريسا ۽ بدي گانڌيءَ جي،
اور توتان- گهور توتان،
جند منهنجي،
امڙ جي ٿڃ جيان،
مقدس سنڌ منهنجي.
تنهنجي- مسجد جي منارن
تنهنجي سنڌوءَ جي ڪنارن
مندرن جي جانجهہ سان
صبح سان
ها- سانجهہ سان

تنهنجي جهوليءَ
تنهنجي لوليءَ
تنهنجي ٻوليءَ ساڻ پنهنجو
اڻ پليو آ،
اڻ جهليو آ،
اڻ مَيو آ پيار پنهنجو،
جيئن ڪُلهي پاتل هجي ڪو ڪينرو.
تند، ڪٿاري، ڪنڌ جهڙو،
اڻ ڇيو آ پيار پنهنجو.

# احساس

پرھ ڦٽيءَ کان،
سانجھيءَ تائين.
جيون جڳ جي،
من آڳر تي- او ناري،
تون سندر سپنا جوڙين ٿي،
ڇڻ پنھنجو رت ولوڙين ٿي.
تنھنجي سپنن ساپيان ڪارڻ.
اڻ پورو ھان آءٌ.
منھنجو جيون
کندر کندر.
منھنجا گيت اُباڻڪا،
چو منھنجي اوسيئڙي ۾،
ويھي،
پنھنجو پاڻ پتوڙين ٿي،
چو سندر سپنا جوڙين ٿي،
تون پنھنجو رت ولوڙين ٿي،
ڇڻ منھنجو رت ولوڙين ٿي.

# سِنڌُو

اَمرت جهڙو پاڻي تنهنجو،
چانديءَ جهڙا ٻيٽ،
لهرون لهرون ماڻڪ آڇن،
ڪنڌيون ساوڪ سيج.
ڌرتيءَ ماتا جي سيني تي
تون صدين کان ڊوڙين پيو.
تون ئي منهنجو مانُ
سنڌو!
تون ئي منهنجو شانُ.

# هاريءَ جيوت

ٽاندن جهڙي،
ٽاڪ منجهند،
سِوَ جي آڌيءَ رات سمي،
سونا سنگ،
اُپائڻ وارو،
لوڪ جا لڳ،
ڏڪائڻ وارو،
پيٽ بکايل،
انگ اگهاڙو،
هر هلائي،
ڪيتن ۾.

# يـــاد

تون گهڻو ياد
گهڻو ياد
ڪندين او ساٿي
تنهنجي نيڻن ڪان
جڏهن ڏور هليو ويندس مان!
تنهنجي مرڪڻ تي جي نہ ڪو مرڪي،
تنهنجي سڏڪڻ تي جي نہ ڪو سڏڪي،
تون گهڻو ياد،
گهڻو ياد ڪندين او ساٿي!
تنهنجي نيڻن ڪان!
جڏهن ڏور هليو ويندس مان،
تنهنجي نيڻن ۾ جي نہ سپنو جڙي،
تنهنجي آڳند تي جي نہ چندڊ ڪِڙي،
تون گهڻو ياد
گهڻو ياد ڪندين او ساٿي!
تنهنجي نيڻن ڪان
جڏهن ڏور گهڻو هوندس مان!!!

# ڪاري رات

ڪاري رات،
ڪڪاوان گهر،
باهوڙين ڪتا،
نيڻ نندا ڪا،
ساٽا سَنڌَ،
اجا ڪين ستا،
پورهيت- ست سهانگو،
ڪيڏو مايا لوڪ منا!
ليڙون لٽڙا،
وڪريل وار،
مون ٻالڪ ڪوڙ ڏٺا.
ڏاڍ جا وار،
سائين.
مون سيني سنا،
مون ڏٺا!
مون ڏٺا!
چنڊ جهڙا چٽا،
ماڪ جهڙا نرم
ٽياس تي ها ٽنگيل
ڪورا
احساس- سپنا
اڌورا خواب.

# سڪل وڻ جون ٽاريون

آءٌ تنها
پارڪ ۾
ويا ڪل، ويا ڪل
سوچن ۾ گم
وينو آهيان
سامهون منهنجو
ساٿي هڪڙو
مون وانگر چپ
ويڳاڻن جان وينو آهي.
مون کي ائين لڳي ٿو ڄڻ
ٻئي
سڪل وڻ جون ٽاريون آهيون.

# جنم جنم تائين

تون منهنجي پريت کي
وقت جو وهڪرو
نہ چاڙ
تنهنجي يادن جا عڪس
منهنجي ذهن تي
اجا بہ چِٽيا پيا آهن
تنهنجو سات
پل، اپل جو سهي
پر منهنجي پريت اَمر آهي.
آءٌ تو سان پريت ڪندو رهندس
هن جنم کان هُنَ جنم تائين
جنم جنم تائين
جُڳن جُڳن تائين.

# غربت

ميرا ڪپڙا
اڇو رنگ
ڇوري ڏاڍو اٿئي ڍنگ؟
در در
پنڻ مان ڇا ورندئي.
ڪول تون پنھنجي ڍڪيل ڳنڍ
”پنڻ منھنجو پيشو ناھي او ياڙي!!“
مان لاھيارڻ آھيان، لاڙي.
ڇوري ڏاڍي سرڪش آھين.
ڏس ڀلا تون آھين ڪير؟
”منھنجو نالو،
غربت آھي،
جيڪا توکان،
وٺندي وير.“

# سات جي نانءِ

رات انڌاري.
ويران رستو.
گُهگهہ انڌيرو
گهٽ ٻوساٽ
هٿ هٿن ۾
ٿهڪ ئي ٿهڪ
ٿهڪ ائين
ڄڻ
هير جا جهوٽا.

# آوازن جا چهڪ

مونکي پنهنجو
پاڻ سان ئي
پيار آهي
ڇو؟
انهيءَ لاءِ
جو.
دنيا جنهن انسان کان
نفرت،
ڪئي آ.
مون ان انسان سان ئي.
محبت
ڪئي آ.

# اسان جي جنگ جاري آ

اَجهـــي ڳـــولا ڪنـــدي، ســـائين،
ڳيـــي ڳـــولا ڪنـــدي، ســـائين،
خبـــر نـــاهي تـــہ ڪيـــئن گـــذري،
ســـموري زنـــدگي، ســـائين.

نـــہ ڪـــنهن جـــا قـــرض لاتاســـين،
نـــہ پنهنجـــا فـــرض لاتاســـين.

نـــہ ڪـــنهن پرڻـــي تـــي پهتاســـين،
نـــہ ڪـــنهن مرڻـــي تـــي پهتاســـين.

نـــہ ڪـــنهن ســـان پيـــر پاتوســـين،
نـــہ ڪـــنهن ســـان ويـــر پاتوســـين.

نـــہ ڪـــنهن ڪـــي ايـــرُ ڄاتوســـين،
نـــہ ڪـــنهن ڪـــي غيـــر ڄاتوســـين،

نـــہ ڪـــو ويســـاهہ پاتوســـين،
نـــہ ڪـــو اُتســـاهُ پاتوســـين.

وقـــت جـــي ســـنگِ بـــاري آ،
اســـان جـــي جنـــگ جـــاري آ.

اَجهـــي ڳـــولا ڪنـــدي، ســـائين،
ڳيـــي ڳـــولا ڪنـــدي، ســـائين،
خبـــر نـــاهي تـــہ ڪيـــئن گـــذري،
ســـموري زنـــدگي، ســـائين.

# خانہ بدوش

ويهين صديءَ جي مُهڙ ۾
گولين جي وسندڙ مينهن ۾
قاهرا جي ڪُکِ مان ڄيو هيو،
جنهنجو جنم........
ڦوهہ جوانيءَ ۾
جنهن جي هڪ هٿ ۾،
زيتون جي ٽاري
ٻئي هٿ ۾ رائيفل جهليل هئي.
عرب صحرائن ۾ ڀٽڪندڙ
خانہ بدوشن کي
فلسطيني قوم جي
سڃاڻپ ڏيندڙ،
جنهن عالمي ضمير کي،
بي حسيءَ جي اگهور ننڊ مان
جهنجهوڙي جاڳائي چيو:
”آءٌ فلسطين آهيان“
اڄ منهنجي هڪ هٿ ۾
زيتون جي ٽاري
ٻئي هٿ ۾ بندوق آهي.
آءٌ آزادي پسندن جو اڳواڻ بڻجي،
وڏي واڪي،
دنيا آڏو وري وري
ساڳيا لفظ ورجايان ٿو.

”اڄ منهنجي هڪ هٿ ۾
زيتون جي ٽاري
ٻئي هٿ ۾ بندوق آهي.“
منهنجي هٿن مان
زيتون جي ٽاريءَ کي
هيٺ ڪِرڻ نہ ڏيو.
بندوق جي نال کي
آءٌ پاڻ هيٺ ٿو ڪري ڇڏيان.
هن چيو!
آءٌ فلسطين جو آواز آهيان.
مون ڪان ڪن لاٿار ڪري
عالمي امن واري خواب جي،
ساپيان نہ ٿي ماٽي سگهجي
هن چيو!
مون کي ٻڌو-
مون کي سمجهو - مون کي قبوليو.
جڏهن دنيا هن جي هٿ ۾ جهليل،
زيتون جي ٽاري کي،
قبوليت ڏني
تڏهن هن ٻئي هٿ ۾ جهليل،
بندوق کي پنهنجي سيرانديءَ هينان رکي ڇڏيو.
هن چيو!
آءُ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ،
پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ مٿان،
جهدوجهد جا نوان رستا
نوان گس ۽ پيچرا جوڙيندس.
”الفتح“ پنهنجي وطن جي مڪمل فتح تائين

ويڙهہ جا رخ تبديل ڪندي
اڳتي وڌندي رهندي.
هن چيو:
عالمي امن جي حاصلات ڪاڻ
”الفتح“ ڪابہ گوريلا ويڙهہ نہ ڪندي
هُن ويڙهہ جو هڪ نئون انداز سيکاريو.
جنهن اسرائيل جي بارودي سرنگهن
ٽئنڪن ۽ جهازن جو
فلسطيني غليل سان
مقابلو ڪيو.
ويڙهہ جو هي احتجاجي طريقو ڏسي،
دنيا دنگ رهجي وئي.
اڌ صديءَ جي ويڙهاند ڪانپوءِ،
عالمي ضمير ڪي ڇهندڙيون لڳيون،
جنهن ڪن لاٿاري روش کي
ٿُڏي ڇڏيو.
فلسطينين جي آزادي واري
قومي هلچل کي قبول ڪيو.
قاهرا جي ڪُک مان
جنم وٺندڙ - ابو عمار... ياسر عرفات
آزاديءَ جي مقدس ويڙهاند جي،
اڳواٽي ڪندڙ،
پنهنجي ويڙهاڪ ساٿي،
ابو جهاد (خليل وزير) سان گڏجي،
ڇي گويرا جهڙي
گوريلا ويڙهہ وڙهي.
ايڊورڊ سعيد

حنان اشراوي جي
فڪري ساٿ سان
فلسطين جي ڌرتيءَ مٿان
ڇانيل غلاميءَ جي ڪاريءَ رات ۾
محمود درويش جي
نظمن جون ڏياٽيون ٻاري
وڄائجي ويل آزاديءَ جي ڳولا ڪئي.
قاهرا - ڪويت، اردن، لبنان
بيروت ۽ يروشلم جي گهٽين مان
آزاديءَ جا نعرا گونجيا
صيهونيت سامهون
وڏي للڪار بڻجي
الفتح
فلسطيني قوم کي
پنهنجي وڃايل آزادي
۽ قومي سڃاڻپ جو
هڪ نئون احساس ڏياريو
وطن ۽ ويساهه جو سنبال (Symbol)
ارڏو - اڻ جهل ۽ ويڙهاڪ
ياسر عرفات - الفتح جو روح
گوريلا ويڙهاڪن جو هيرو
جيڪو رملا ڪمپائونڊ وال ۾ ماريو ويو
جو ديس پنهنجي مٿان واريو ويو.
هن جي هٿ ۾ جهليل
زيتون جي ٽاري
هن سان گڏ دفن ٿي ويئي.

# جانور

جانور ڳالهائيندا ناهن،

تڏهن بہ هو، ڏسندا، ٻڌندا،

۽ گهڻو ڪجهہ سمجهندا آهن.

تاريخ ۾ ڪڏهن بہ،

گڏهن ڪو احتجاج ناهي ڪيو،

جڻ مٿن سرمائيداري جو،

ڪو بہ بار،

يا جبر ناهي هوندو.

## انقلاب

انقلابي فلاسافي،

زميني حقيقتن جي،

اعليٰ ادارڪ جو،

نالو آهي.

## فطرت

پکي فطرت جا رکوال هوندا آهن.

منجهن،

انسانن کان وڌيڪ،

سهپ - رواداري،

پيار ۽ پنهنجائپ ملندي آهي.

## آمريت

آمريت جي چانورن کان،

جمهوريت جون ٺٺهڙون،

هزار ڀيرا بهتر هونديون آهن.

## آپگهاتي بمبار

هاٽي تہ پڪين بہ وڳر ڪري،
اڏرڻ ڇڏي ڏنو آهي،
ڪين ڊپ آهي تہ،
منجهن ڪوئي ساٿي،
آپگهاتي بمبار نہ،
بڻجي ويو هجي.

## قومي سوال

گڏهن جي سامهون،
قومي سوال،
ڪابہ معنيٰ نہ ٿو رکي،
ڇا ڪاڻ جو،
گڏهن ڪي تہ اول ۽ آخر،
پرائو بار ئي ڍوئڻو،
هوندو آهي.

# پـــريـــــن

وار تنهنجا،
ککر ڪارونيار جيان.
نيڻ تنهنجا چڻ تہ،
منڇر جون ڪنڌيون.
ڳل تنهنجا ٽا لڳن،
ڪينجهر ڪنول.
ڳاٽ تنهنجو آهي،
ڪارونجهر جبل.
مرڪ تنهنجي چڻ تہ،
سنڌوءَ جي اٿل.
چپ چورين ٿي،
ٽڙن رابيل ٽا.
روپ تنهنجو،
چنڊ جو جوڀن پرين،
سات تنهنجو آهي،
پارس جو ڇهاءُ،
تنهنجو اوسيئڙو،
سدائين ساهہ کي،
منهنجي من جي،
مايا ۽ ميراث تون،
منهنجي سپنن جي،
شهر جي روشني،
ڏور ڀل مون کان،

ڪٽي ڪيڏو هجين،
پوءِ بہ منهنجي روح ۾،
پئي ٿي رچين!
جڳ ساري ڪان اتم،
منهنجا پرين-
شاهہ سائين جي رسالي جو قسم،
تو بنان،
ساري حياتي ڄڻ ٻُسي،
۽ ٻُسي ڪائنات ساري تو بنا او پرين.

انقلابي رومانس جو شاعر

# فيض احمد فيض

هو جيڪو ويلنٽائن ڏينهن کان،
هڪ ڏينهن اڳ 13 فيبروري 1911ع تي،
پنجن درياهن جي ديس جي،
سيال ڪوٽ شهر ۾ جنميو،
توڙي جو هن جي مک تي ڪو بہ تر نہ هو،
پر پنجابي شاعريءَ ۾،
هن جي سڃاڻپ هن طرح بہ آهي تہ.
تيري مکڙي دا ڪالا ڪالا تل وي،
ميرا ڪڍ ڪي لي گيا دل وي،
او منديا سيال ڪوٽيا.
هو جيڪو ساون ڪيتن جي وچ ۾ پلجي،
جوان ۽ مَهان ٿيو،
هو جيڪو استاد هو، جيڪو سپاهي هو،
هو جيڪو اديب هو، دانشور هو،
هو جيڪو انقلاب ۽ رومانس جو شاعر هو،
جنهن جي علم، ادب ۽ ڏاهپ جون،
انقلابي مشعلون اڄ بہ ٻري رهيون آهن،
جنهن ديس جي مظلوم ماڻهن جي،
غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي،
انڌيرن مان پار پهچائڻ لاءِ،
ڪين آزادي ۽ سوجهري جو،

اڻ مَيو اتساهہ ۽ ويساهہ ڏياريو،
جنهن جي جدوجهد ڪاٻي ڌرجي ميراث بڻي،
اها ڪاٻي ڌر جنهن "ڪارل مارڪس" جي،
"داس ڪيپيٽال" جي ڇانو ۾،
ترقي پسند قافلي جي اڳواڻي ڪئي،
جنهن جي انسان دوستي، روشن خيالي،
سڄاڳي علامت ۽ انساني آجپو سڃاڻپ آهي،
جنهن اردو ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي،
دور/ زماني جي زبان ۾،
پورهيتن ۽ مظلومن کي جاڳايو،
جنهن چيو تہ:
"اس مال کي دهن مين ڦرتي تي،
تاجرپي بهت، رهزن پي ڪئي،
هي چور نگر، يا مفلس کي،
گر جان بچي تو، آن گئي."
گرونانڪ، وارث شاهہ، هير ۽ امرتا پريتم، جو ديس واسي،
جتي بسنت مند ۾، ڏکڻ ۽ گهاٽن وڻن ۾،
پينگهون ٻَڌي ناريون، لوڪ گيت آلاپينديون آهن،
سرنهن جي ساڳ- مڪئي جي ماني،
مکڻ، کير ۽ لسيءَ سان، چاهہ رکندڙن جي ڌرتيءَ جائو،
جنهن چيو تہ:
"ڪٽتي يي چلو، بڑهتي يي چلو، بازو يي بهت هين، سر يي بهت،
چلتي يي چلو، کي اب ديري، منزل پہ ڈالين جائين گي،
اي خاڪ نشينو اٹ بينو، وه وقت قريب آ پنهنچا هي،

جب تخت گرائي جائين گي، جب تاج اڇلائي جائين گي“.
جنهن جي شاعريءَ ۾ انقلاب ۽ رومانس جو،
ميلاپ ۽ سنگم آهي،
جنهن انسانيت جي مهانتا لاءِ،
جنهن مظلوميت جي متيرائپ لاءِ،
اُميد ۽ اتساهہ پيدا ڪيو،
چولستان جي واري ۽ درياهن جي ڌرتي کان،
جنهن بيروت جي گهٽين کان ماسڪو تائين،
شعور ۽ سجاڳيءَ جو پنڌ ڪيو،
جنهن ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾،
غريبن توڙي اميرن جي ميڙاڪن ۾،
سدائين پنهنجي آدرش ۽ اصولن ڪي مٿاهون ڄاتو،
جيڪو پنهنجي مقصد تان ترجيترو بہ نہ هٽيو،
جنهن سموري ڄمار انقلاب ڪي اَرپي ڇڏي،
جنهن تي، ڪابي ڌر ۽ ترقي پسند فڪر،
۽ اردو ادب فخر ڪري ٿو،
سنڌ جو سيڪيولر ۽ روشن خيال ماڻهو،
ادب ۾ انقلابي رومانس تخليق ڪندڙ اديب،
دانشور ۽ شاعر ڪي فيض احمد فيض جي،
نالي ۽ حوالي سان ڄاڻي ٿو.
فيض احمد فيض جنهن چيو تہ:
جو رکے تو کوہِ گراں تھے ہم
جو چلے تو جاں سے گذر گئے
رہے یار ہم نے قدم قدم
تجھے یادگار بنادیا

اهو فيض احمد فيض جيڪو،
سنڌي ٻوليءَ جي مها ڪوي، شيخ اياز جو سنگتي هو،
جيڪو ڪيس پاڻ کان وڏو شاعر چوندو هو،
فيض احمد فيض،
جنهن پنجاب جي روايتي اقتداري هَٻچ کي ٽڏي،
ڌرمن، ڌرتين، ٻولين ۽ تهذيبن،
کي مانُ ڏنو ۽ انهن جي آبياري ڪئي،
جنهن سُرخ گلابن جهڙا انقلابي رومانس جا نظم تخليق ڪيا،
جنهن ديس جي نوجوانن جي دلين کي هڪجهڙي ڌڙڪن ڏني،
اهو فيض احمد فيض جنهن چيو تہ:
زندگی کیا کسی مفلس کی قبا ہے
ہر گھڑی درد کے پیرہن لگائے جائے
جنهن چيو تہ:
تجھ سے بھی دلفریب ہیں غمِ روزگار کے
فيض احمد فيض جنهن جي جسم مان، 20 نومبر 1984ع تي.
ساهہ جو اڇو ڪبوتر پڙڪا ڏئي، پولارن ڏانهن اڏامي ويو.
سندس روح جي گهرائين مان تخليق ڪيل شاعري،
اڄ بہ هن ديس جي مظلومن لاءِ،
هڪ آٿت آهي، اتساهہ آهي، آدرش آهي.
سنڌ جو شعور، پنهنجي سموريءَ سچائيءَ سان،
فيض احمد فيض جي ڏاهپ، ادبي تخليق،
قابليت ۽ بهادريءَ کي مان ڏئي ٿو،
فيض احمد فيض مستقبل جي انسانن جي،
روح ۾ پيهي سدائين دلين جيان ڌڙڪندو رهندو،

۽ سندس نيٽن ۾ اٽيل انساني آجپي واري سپني کي،
سونهن ورني ساپيان ضرور ملندي.
هن ديس جو انسان، هن ڌرتيءَ جو انسان، آزادي ۽ خوشحالي،
جي اعليٰ منزل ضرور ماڻيندو.
تڏهن هر مظلوم ماڻهوءَ جي مُرڪ مان،
فيض احمد فيض پنهنجي جوڀن سان،
هن ديس جي درياهن، کيتن، ٻنين،
سَهرن، لاڏن ۽ لوڪ گيتن مان مُرڪندي ملندو.
بلي شاهہ، فريدڻ، باهو، رحمان بابا، مست توڪلي،
شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ جا ڌرتيءَ واسي،
فيض احمد فيض جي شاعريءَ کي،
عظيم کان عظيم ترين پيٽا ۽ مجتا ڏيندا،
”بول کي لب آزاد هين تيري“
فيض احمد فيض،
جنهن لاءِ مها ڪوي شيخ اياز چيو هو تہ،
فيض احمد فيض منهنجي نظر ۾،
ناظم حڪمت ۽ پئبلو نرودا جي پائي جو شاعر آهي.
فيض احمد فيض جنهن، ڪڏهن انتهائي مايوسيءَ ۾،
چيو هو تہ:
مجھ سے پہلی سی محبت، میرے محبوب نہ مانگ۔
۽ اسان ڪيس، اهائي پهرين محبت، ڏيئي رهيا آهيون،
جيڪا محبت سندس انقلابي رومانس وارا نظم ٻڌي/ پڙهي،
اسان هن جي پرپُٽ هن سان ڪئي هئي.
اسان جي من پاتال تائين،

هن دنيا جي انسان دوست تخليقڪارن لاءِ،
سدائين ساڳي ئي محبت رهندي.
فيض احمد فيض،
جنهن اسٽيبلشمنٽ جي سازشن، ۽ بغاوتن جي الزامن هيٺ،
زندگيءَ جا خوبصورت ڏينهن جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ گذاريا،
فيض احمد فيض جنهن جي،
پيرن جا نشان، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وسندين ۾ ملن ٿا،
جنهن جي تخليقيل شاعري،
سنڌ جي شعور جي سهڪاري آهي.
فيض احمد فيض جنهن، ادب جو ”لينن ايوارڊ“ ماڻيو،
۽ هن ديس جي هزارين،
ڌڙڪندڙ دلين ۽ مُرڪندڙ اکين ۾،
پيار ۽ پنهنجائپ حاصل ڪئي،
توڙي جو بيورو ڪريسي ۽ اردو دانن جو مٿيون طبقو،
فيض کي پنهنجو شاعر سمجهي ٿو،
پر فيض احمد فيض ادب جي آڪاش تي اڇي اجري ڪبوتر جي اڏار آهي،
جيڪا دنيا ۾، هڪ انقلابي رومانس، جي سچائپ ۽ علامت آهي.

# او پيٿائي پٽ ڏٽي، توکي سلام

او پيٿائي پٽ ڏٽي، توکي سلام

عشق جو اَوتار آهين،
ذات جو ڏاتار آهين،
اهڙو ڪوِتاڪار آهين،
جڻ پرينءَ جو پار آهين.

او پيٿائي، پٽ ڏٽي، توکي سلام.
او پيٿائي، پٽ ڏٽي، توکي سلام.

روح جو ڪو راڳ آهين،
وِرهہَ جو ويراڳ آهين،
محبتن جو ماڳ آهين.
پيونءِ جو ڪو پاڳ آهين،

او پيٿائي، پٽ ڏٽي، توکي سلام.
او پيٿائي، پٽ ڏٽي، توکي سلام.

الهامي آواز آهين،
صدين جو ڪو ساز آهين،
فطرت جو ڪو راز آهين،
پرهہ جو پرواز آهين.

او پيٿائي، پٽ ڏٽي، توکي سلام.
او پيٿائي، پٽ ڏٽي، توکي سلام.

موســـمن جـــو مَنـــڊ آهـــين،
چـــاهتن جـــو چنـــڊ آهـــين،
جبلـــتن جـــو جنـــڊ آهـــين،
مصـــري، مـــاکي کنـــڊ آهـــين.

او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.

ســاٽيھ جــو کــو ســاھُ آهــين،
اڻ مَيـــو اُتســـاھ آهـــين،
درد جـــو درياهـــ آهـــين،
وقـــت جـــو ويســـاھ آهـــين.

او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.

اُپ جــو کــو ميــنهن آهــين،
نــپ جــو کــو نيــنهن آهــين،
شــوق جــو کــو شــينهن آهــين،
عيــد جــو کــو ڏيــنهن آهــين.

او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.

کـنهن کنڌيءَ جي کـانهن آهـين،
درد واري دانهـــــن آهـــــين،
ٻڌنـــديءَ جـــي ٻـــانهن آهـــين،
نـــاٿ جـــي کـــا، نـــانهن آهـــين.

او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڏٽـي، تـوکي سـلام.

تــون جــو ســهڻيءَ ســڌ آهــين،
تــون جــو سســئيءَ هــڌ آهــين،
تــون جــو مــارئيءَ مــڌ آهــين،
تــون جــو گهــاتن گــڌ آهــين.

او پتـائي، پـٽ ڌڻـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڌڻـي، تـوکي سـلام.

تــون ڪتــارو، ڪنــڌ آهــين،
تــون، تنبــورو، تنــد آهــين،
تــون پرانهــون پنــڌ آهــين،
تــون جــو هينئــڙي، هنــڌ آهــين.

او پتـائي، پـٽ ڌڻـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڌڻـي، تـوکي سـلام.

چنڊ جي چئوڌار جيئن تارا ڪڙيا،
تنهنجي آڳنڊ جي مٿان ماٿهو مڙيا،
تنهنجا عاشق تنهنجا سيئي راڳڙيا،
تنهنجا ڪاهوڙي هي تنهنجا آڳڙيا.

او پتـائي، پـٽ ڌڻـي، تـوکي سـلام.
او پتـائي، پـٽ ڌڻـي، تـوکي سـلام.

# غزل



سپنو سپنو، گلاب وانگي آ.
ساپيا ساپيا، عذاب وانگي آ.

منزلون، ماڳ، ڏُند، ڪوهيڙو،
مُک تي اوڙهيل، نقاب وانگي آ،

خون پنهنجو، گلاس شيشي جا،
اوتجي ويو، شراب وانگي آ.

لوک ياسي تو ٻاٻرا ٽاندا،
مرک پنهنجي، ڪباب وانگي آ.

دوستي سوال جي نشانيءَ جان،
دشمني ڄڻ، جواب وانگي آ.

زندگي اُڀ تي ڪبوتر اجرو.
موت وحشي، عُقاب وانگي آ.

ســــنڌ تنهنجـــون عاشـــقيون جـــاڳي پيـــون،
ســـورمن جـــون سرڪشـــيون جـــاڳي پيـــون.

پـاهڻن جـا پـنـڌ جاڳيـا، ڪونـڌرن جـا ڪـنـڌ جاڳيـا،
موهہَ جاڳيا، مَنڌ جاڳيا، مئہ ڪشيون جاڳي پيون.

ڏاهـرن جـا ڏاهـہ جاڳيـا، وطـن جـا ويسـاهہ جاڳيـا،
چيـٿ جهــڙا چاهــہ جاڳيــا، چـاهتون جـاڳي پيـون.

جـوڌا جُنـگ جـوان جاڳيـا، دودا، دريـا خـان جاڳيـا،
ارڏا اڄ انســان جاڳيــا، عظمتــون جــاڳي پيــون.

آجپـي جـا گيـت جاڳيـا، سـوپ جـا سـنگيت جاڳيـا،
مــن مُهڻــا ميــت جاڳيــا، محبتــون جــاڳي پيــون.

پونءِ جاڳي، پاڳ جاڳيا، سونهن جا سپ ماڳ جاڳيا،
جـاڳ جـا سـپ راڳ جاڳيـا، رهبريـون جـاڳي پيـون.

بـاک اجـرا رنـگ جاڳيـا، ديـس جـا سـپ دنـگ جاڳيـا،
نـاچڻيءَ جـا انـگ جاڳيـا، نرتڪيـون جـاڳي پيـون.

نيڻ جاڳيا نينهن جاڳيا، سانورا سپ شينهن جاڳيا،
منـڌ جـاڳي، ميـنهن جاڳيـا، سـاوڪون جـاڳي پيـون.

الســتي آواز جاڳيــا، سرمســتيءَ جــا ســاز جاڳيــا،
ادل ۽ ايـــاز جاڳيـــا، جرئتـــون جـــاڳي پيـــون.

ســــنڌ تنهنجـــون، عاشـــقيون جـــاڳي پيـــون،
ســـورمن جـــون سرڪشـــيون جـــاڳي پيـــون.

هر گهڙيءَ جو گهاءُ، تو ماري وجهي،
پيار جو پچتاءُ، تو ماري وجهي.

اڱڻ جن کي کلندي کيڪاريو اسان،
تن جو ئي ورتاءُ، تو ماري وجهي.

پنهنجا گهر تڙ ۽ بنيون بارا ڏيڻ،
ڪالهہ جو کهڪاءُ، تو ماري وجهي.

جن جي ڪارڻ سير هئو، سارڻ ڏکيو،
تن کي ڏيندي پاءُ، تو ماري وجهي.

ڪيترا طوفان آيا ويا هليا.
اڄ تہ هلڪو واءُ، تو ماري وجهي.

شهر راڪاس تي ويو آهي،
ڳاڙهو آڪاس تي ويو آهي.

ماڻهپي، مارجڻ جو منصوبو،
هاڻ ڄڻ راس تي ويو آهي.

پٽرن مان جُڙيل هجن ماڻهو،
اهڙو احساس تي ويو آهي.

ڪير ڪنهنجي نتو ٻڌي هاڻي،
لوڪ ٻي ڪياس تي ويو آهي.

جيـون جـي چـؤواٽي تـي، آءٌ تنهنجـي ڪـارڻ آيـو هـان!
ڌرتـي تنهنجـي ڌوڙ پنيـان، آءٌ ڪنـڌ ڪپـائڻ آيـو هـان!

دودو، هوشـو، هيمـون، دولهـہ، پنهنجـو پـاڻ ملهـائي ويـا!
پنهنجي رت ۾ ست سان تنهنجي سينڌ سنوارڻ آيو هان!

شـاهہ عنايـت، سـچل، سـامي، شـاهہ يٽـائي جـو پيغـام!
ڌرتـــي تنهنجـــي جـــوڏن ڪـــي، آءٌ ٻـــڌائڻ آيـــو هـــان!

منهنجـــو عـــزم پهـــاڙ جيـــان آءٌ فـــولادي انســـان!
تنهنجـــي ويـــرين لاءِ او ڌرتـــي ٻـــارڻ ٻـــارڻ آيـــو هـــان!

گيت هجي سنگيت هجي بس ڌرتي تنهنجي جيت هجي!
”ادل“ قهـــري ڪـــوتن ڪـــي آءٌ ڪيـــرائڻ آيـــو هـــان!

جيـــون جهـــڙو زهـــر جـــا ڍُڪ،
پــوءِ بـــہ پيـــان پيـــو پريـــو ٻُـــڪ.

تـــڏڙين هيـــرن جـــا جهوتـــا،
تـــوبن چـــڻ نـــانگن جـــا چـــڪ.

ڪيـــڏا ويچـــا ڪيـــڏا ڪيـــڏ،
اڪيـــون روز وهـــائن لُـــڙڪ.

تنهنجـــي ڪـــارڻ وينـــو آهيـــان،
واجهـــہ وجهـــون ســـاڳيءَ سَـــڙڪ.

جيـــون جـــوپن کهـــڙو هونـــدو،
جـــي نـــہ مُيَسّـــر هونـــدي مُـــرڪ.

اَوت ۾ جيڏيون خطائون،
مُوت ۾ اوڏيون سزائون.

هٿ ڪٽي ٽڪجي پياسين،
ڪين اگهيون التجائون.

جهول ۾ ڪشڪول خالي،
دربدر ساريون صدائون.

اُڃ جهڙا خواب پنهنجا،
رُڃ جهڙيون ساپيائون.

ننڊ هيريل نيڻ آهن،
بي حسيءَ جون وارتائون.

لوڪ مايا موهه ۾ آ،
ديس سان ڪهڙيون وفائون.

آءٌ وجايل صدين کان تو پاڻ کي ڳوليان صحرا ۾،
آءٌ اجايل هرڻ جيان تو واجهہ وجهان صحرا ۾.

آءٌ تہ چاهيان تو مرجهايل مکڙيون مهکن.
دل چاهي تي بادل بڻجي مينهن وسايان صحرا ۾.

روح وساٽل هيکل هينئڙو آءٌ اکيلو آهيان.
پوءِ بہ پيارا ساتي کڏهين غافل ناهيان صحرا ۾.

محنت ۾ منهنجو پختو آهي ايمان ازل کان.
گهٽيءَ گهٽيءَ گلشن ٽيندا تو هر هلايان صحرا ۾.

آءٌ ”ادل“ سان جڏهين ملندس، وسري ويندا سارا سور.
پاڻ وجائي شل مان پنهنجو نينهن نيايان صحرا ۾.

رات جي سانت کي يار ٽوڙي ڇڏيو،
وقت جو وهڪرو هاڻ موڙي ڇڏيو.

پرهہ جي پهر ۾ هر هٿن ۾ ڪٽي،
ٿوڪ ڏرتيءَ تي ساوڪ پکيڙي ڇڏيو.

سچ جي راهہ ۾ سِيس واسينگ جا،
عزم ۽ حوصلي سان مروڙي ڇڏيو.

”ادل“ جا گيت ليکون سڏيون اڄ سڏيون،
سچ جي آئيني ۾ پروڙي ڇڏيو.

ڳاڙهي رت جو پِيلو رنگ.
ڏيھہ سجو ئي گھاٽو جھنگ،

ماٺھو ماٺھو منجھي ويو آ،
دوکن جو کو ناهي دنگ.

ڪيت اجارا نتھڻ اُس،
ساٺو ساٺو آ هر سنگ.

ٿليون، پور، چڙا ۽ چير،
چپ ڪيڏو چارڻ جو چنگ.

جن کي جيون ڪل نہ ڪائي،
تن کي ڏرتيءَ کھڙو ننگ.

اوچتـــو اوچتـــو، مِلـــيس هُـــن ســـان.
دل تـــي پٿـــر رکـــي، ڪِلـــيُس هُـــن ســـان

هن جو پنهنجو هو، منهنجو پنهنجو دڳ،
بـــس - اســـٽاپ تـــي رَلـــيس هُـــن ســـان.

هُـــن چيـــو وقـــت ڪيـــئن ٽـــو گـــذرئي،
نيـــڪ آهـــي چئـــي اَلـــيُس هُـــن ســـان.

هُـــن چيـــو اڄ تـــہ گـــڏجي چانهـــہ پيئـــون،
هـــو وڏيـــو مـــان گـــڏ هَلـــيُس هُـــن ســـان.

هُـــن چيـــو رنجشـــون گهٽـــائي ڇـــڏيون،
مـــان بـــہ جـــڻ ســـهمتي ٿِـــيُس هُـــن ســـان.

ٽياس ٽنگيون سُندر سوچون،
پوءِ ٻہ کوجھو جيون پوڄون.

پونءِ پيلي ويون پنيرڪي ۾
چيڪ شودن جون چڏيل گوليون.

ٻُہ جيان پرجي ويو ڪن پل ۾
ڄاري ورتل اَنڌاريون ڪوليون.

لاش لاڪات ۾ لهوءَ هاڻا.
رت روئن پيون سنڌو چوليون.

سنگ سارين چڏيا سيئي چاڻي
اُپ تائين ڪڄن پيون جهوليون.

اڙي وقـــت تـــوتي هـــزارين ميـــارون،
ڏئي وئين اسان کي تـون دَر دَر ڌِڪـارون.

دَرياهہَ شـاهہَ ”تاتـارَ“ ٻـڄي هـو ڪَڙِڪيـو،
پيـجي بنـدَ وجـايئين اسـان جـون ڇمـارون.

ويـو شـهر ٻـوڙي ۽ وسـنديون ٻِهـوڙي،
ٻُڏئين کونہ سُڏڪا، اَندر جون پُڪارون.

هــي رولاڪِيُـون ۽ هــي خانــہ بدوشـيون،
گسي مُرڪ مُک تان، ڏِنئين لُڙِڪ لارون.

ڪِڙيـل کيـتَ سـاوا، ٽـڏيريون هَوائـون،
گسِـيئي ڳـوٺَ ڳليـون - سـڄڻن سنيارون.

ننـڊيپڻ جـون رانـديون، جـوانيءَ جا مـيلا،
گسِـيئي پيـارَ پنهنجـا ۽ نِيـڻن نِهـارون.

اَتـي جـو، لَتـي جـو، اَجهـي جـو ڏَتـو ڏئـي،
رُڳِــي بيگــرون ۽ وَهــايئي وَنگــارون.

سيئي راڳ ويـراڳ وياڪُـل ڪـري وَئـين،
ڇَـڏيئي کونہ ڇپـرين، تَنبـوري تنـوارون.

نہ ڪو چيٺُ پنھنجو، نہ ڪائي ڪَتي آ،
ڪُلهي پانڌَ پالهو، ڳِيي لاءِ قَطارون.

نہ سارينِ جا رونبا، نہ ڪَٽڪُن جون ناڙيون،
نہ وونئٽن جا چوندا، پڪين جون اُڏارون.

سياري جا پارا ۽ سانوڻ جا جھولا،
سرءُ مُندَ ڏِئي چو، ڪسي وئين بَھارون.

نہ ميندي ھٿن تي، نہ موڙون مٿن تي،
نہ ٻانھن ۾ ڳانا، نہ سرگس نہ ڪارون.

سيئي راڄ رڪوال، ويري بڻايئي،
ڏئي منھن پجي ويا، لڏن ڪونہ سارون.

سنگتِ ساٿ رِشتن جي معنيٰ ڪسي وئين،
ڪريون ھاڻ ڪھڙيون، پرين جون پچارون.

اڙي وقت توتي ھزارين ميارون،
ڏئي وئين اسان کي تون در در ڏکارون.

# وايون



چنڊ وٽــن جــي اوٽ مــان،
لــيئــا تـــو پـــائـــي.
كنهن جي ڪاڻ الائي!؟

ســـانوڻ رُت ۾ ســـانوري،
چـــوڙيـــون ڪٽڪـــائي.
كنهن جي ڪاڻ الائي!؟

ســرنهن جــي قــولار مــان،
كــوئـــي واجـهــائــــي.
كنهن جي ڪاڻ الائي!؟

چـــپ يڪــوڙي پاهنجــا،
پـــازيـــبون پـــائـــي.
كنهن جي ڪاڻ الائي!؟

ســـورج ڪـــرڻن ســـامهان،
چـــوري شـــرمـــائـــي.
كنهن جي ڪاڻ الائي!؟
كنهن جي ڪاڻ الائي!؟

ياد آرس پيڳو،
چنڊ جي چانوَ ۾.
تون نہ آئين اجا.

رات مُرڪي پئي،
ڇَهڪ ڏئي هانوَ ۾.
تون نہ آئين اجا.

چاڪ ڪيڏا چڪيا،
آس جي ناوَ ۾.
تون نہ آئين اجا.

پرهہ جو پڌر تي،
لات هئي ڪانوَ ۾.
تون نہ آئين اجا.
تون نہ آئين اجا.

ويـنـگــس چـوڙيـــا وار.
چڻ ڪا رُت بسنت جي.

پــرينءَ جــي پازيــب جــا،
ٻُــريـــا سُــر ٻِـيـهـــار.
چڻ ڪا رُت بسنت جي.

ڪـڙيـا ڪـيـت گــلاب جــا،
مـيـنـــديءَ جهليـــا ڏار.
چڻ ڪا رُت بسنت جي.

ســاوا ســلا ســونهن جــا،
ڦُـتـــي پـيـــا چـــوڌار.
چڻ ڪا رُت بسنت جي.

جـويــن رســيـل چـانورا،
انگــن جـــا اُيـــــار.
چڻ ڪا رُت بسنت جي.
چڻ ڪا رُت بسنت جي.

وِک وِک آهــــن وردِيــــون.
چئـــــوواتــــــا چوکيـــــون.
کهڙي آهي زندگي.

مـاڻهوءَ مـاڻهوءَ جـي متـان،
تاڻيـــــل جـــــي - ٽريــــون.
کهڙي آهي زندگي.

ڳيـرن جــي ڳــولا پنيــان،
چتيــــــــون ايجنســيون.
کهڙي آهي زندگي.

اينــدي وينــدي وات تـــي،
جُــــتِ ٻٽيــل جهڙتيــون.
کهڙي آهي زندگي.

هــا بــس جيئــون تــا پيــا،
نِرجـــــا نـــــک کنيــون.
کهڙي آهي زندگي.
کهڙي آهي زندگي.

سج پهاڙن اوٽ ۾،
اونداهو، آڪاس.
چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

تارا سڀ جلاوطن،
ويڳاڻو، وشواس.
چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

ڌرتي، ڌپ - ڌُونهون،
رتائون، احساس.
چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

اڇي، اجري لوڪ جي،
اندر منجهہ، اُماس.
چنڊ بہ ڪونهي ڪو.
چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

سمنڊ ڪناري ماڻهن ميلو،
ڪوئي شخص اڪيلو.

ڪيڏا باک ڦٽيءَ جا، سپنا،
ساپيان سانجهيءَ ويلو.
ڪوئي شخص اڪيلو.

ڪهڙو مارڳ، ڪهڙي منزل،
ڪهڙو سونهن سويلو.
ڪوئي شخص اڪيلو.

رستا راهون، رلندي رلندي،
موٽيو آهي اويلو،
ڪوئي شخص اڪيلو.

مُرڪن هوندي مات قبولي،
ڪيڏو آهي ڀِڪيلو،
ڪوئي شخص اڪيلو.
ڪوئي شخص اڪيلو.

بــک وگهـي آ پگهـات، کـري ونـيءَ ورُ.
ترتلي ۾ تر.

پــورا پــورا پــونءِ جــي، آئيـنـدي جـو پـرُ.
ترتلي ۾ تر.

لوک لپون لوڻ جون، ڄيون ڄرکن ڄرُ.
ترتلي ۾ تر.

روح جـــي روج ۾، بيوســـيءَ جـــو بَــرُ.
ترتلي ۾ تر.

هيــل هاجـا هــانوَ ۾، پُــوڙجي پيــو پَــرُ.
ترتلي ۾ تر.
ترتلي ۾ تر.

ٽيـــاس ٽنگيـــل چـــؤواٽن تـــي،
پـــــــــارڻ روز پـــــــــري.
منهنجو جيءُ جهري.

ڪومـــل گـــل ڪوماٽـــا آهـــن،
ڪهـــــڙي پـــــاپ ڪـــــري.
منهنجو جيءُ جهري.

ريـــــتن رســـــمن ســـــامهون،
محبـــــــت روز مـــــــري.
منهنجو جيءُ جهري.

”ادل“ ڪيـــــڏو پيـــــار جـــــو،
تـــــي ويـــــو پنـــــڌ پـــــري.
منهنجو جيءُ جهري.
منهنجو جيءُ جهري.

هــــو جـــو پوڙهـــو جهـــور.
نچوئي نور
لوچي وينو لوڪ لئہ.

جاڳـــائي پيـــو جـــوءِ جـــو،
هـــــاري ۽ مـــــــزدور.
نچوئي نور
لوچي وينو لوڪ لئہ.

آزاديءَ جـــــي ويڙهـــــــ ۾،
آڻ نــــ مجـــي مـــــــور.
نچوئي نور
لوچي وينو لوڪ لئہ.

پـــــار پُڄـــــڻ لاءِ پـــــاتٽي،
پچـائـــــي پيـــــو پـــــور.
نچوئي نور
لوچي وينو لوڪ لئہ.
لوچي وينو لوڪ لئہ.

جيــون جــڳ منجهــان،
مُرڪـــون ميــڙينــدي.
هٿ پيا ڦٽجي.

اَجهــي جـــو اُلـــڪو،
ڳيـــو ڳــولــيـنــدي.
هٿ پيا ڦٽجي.

وارن منجهـــــــ اچـــا،
ڦُـنـيـون چـــوندبينــدي.
هٿ پيا ڦٽجي.

تنهنجـــي يـــادن جـــا،
ڪــاڳـــر ڦـــوليندي.
هٿ پيا ڦٽجي.
هٿ پيا ڦٽجي.

# بيت



وسن ٿر ۾ مينهڙا، ڦٽن ساوا گاهہ،
سرها ٿين ساهہ، مارُن جا ته ملير ۾.

مارُن جا ته ملير ۾، ڇيلا ڏين ڇال،
ماروئڙا ۽ مال، سکيا رهن سنڌ ۾.

سکيا رهن سنڌ ۾، پنهنجا سپ پنهوار،
ڳئون ۽ ڳنوار، جيئرا رهن جڳ ۾.

جيئرا رهن جڳ ۾، مارو سپ مسڪين،
”ادل“ سنڌ زمين، سائي رهندي صديون.

جيــڏا جهريــل جهــوپڙا اوڏا روشــن مــن،
تــاڻيو پنهنجــا تــن، بينــا آهــن گهــٽ تــي.

بينــا آهــن گهــٽ تــي، ســورهيہ ۽ ســروانُ،
مـوج پريو مهرانُ، ورڻـو آهـي ڪِـين ڪِـي.

ورڻــو آهــي ڪِـين ڪِـي، اڳتــي پاتــل پيــر،
چمڪي پوندي چير، ماڻيندا سين ماڳ ڪي.

ماڻيندا سين ماڳ ڪي، ڪيريندا سين ڪوٽ،
”ادل“ڪنهن جي اوٽ، وٺي آهي ڪِين ڪِي.

نپيــــا ناهوڪــــا، بنــــيءَ رواتــــن،
ڄَرون تـا ڄـرڪن، ڏاتـا منهنجـي ڏيهـہ جـا.

نپيــا ناهوڪــا، بنــيءَ باهـــ روات،
ڪهــاڙا ۽ ڪــات، اُيــا آهــن اُبِ ۾.

# هائيڪا



ڳيــــــرو ڳـوتـاٽــــــا،
درس بنــــا- ڏاڙ جــــا،
ٻـٽيـــــا تـڪاٽــــــا.

ماٽھـــو ڪيـــڏا مــــور،
ٽـــور وسـاري پنھنجـــي،
ٻـٽجـــــي ويـتــــــا ڊور.

ڪـــرڙ ڪڪـوريـا ھيـل،
مـــاڪ ڀـنــيءَ چانــداڻ ۾،
ٽـــڙي پيـــا رابيــــــل.

ڳيي ڳولا ڪاڻ،
منگهن واري شهر ۾،
ماڻهو رَتو چاڻ.

ڳيي جي ڳولا،
آيو ايمبولنس ۾،
سانجهيءَ جي ويلا.

ناريءَ ڪن ۾ ڦُلَ،
سونهنِ سنڌوءَ ڪپ تي،
جيئن پتر جا گل.

ڪائن وينا ٻارَ،
پري پنهنجا جهولڙا،
پڪا لال ليار.



# گـيـــت

سرنهن ڦلاري، ڪڙڪون نسريون،
اَنبن جهليو ٻور، او ساجن.
تون چو مون کان ڏور.

ساڳ چڻن، مترن، ڄانين جو.
مون نہ چکيو آ مور، او ساجن.
تون چو مون کان ڏور.

روز نهاريان نڪري تو لئہ
پٽ پهريون پور، او ساجن.
تون چو مون کان ڏور.

تنهنجي اوسيئڙي ۾ لڇندي.
جوين ٿئي پيو جهور، او ساجن.
تون چو مون کان ڏور.
تون چو مون کان ڏور.

جيئرا ديس ۾ ڪوڙ
دودا اجـــــــــان،
لـڙڪ لاڙيـن متـان،
هيـانءُ هـارين متـان،
سـنڌ منهنجـي امـان-
سـنڌ منهنجـي امـان.

زندگي توتـان گهـوري چـڏيان، هـر خوشـي توتـان واري چـڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

رت پنهنجو ڏئي، ست پنهنجو ڏئي، سينڌ تنهنجي سنواري ڇڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

تـون جي مرڪـي پـوين، جڳ جرڪـي پـوي، تـوکي اهـڙو بنـائي ڇـڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

گيت تـوکي ڏئي، جيت تـوکي ڏئي، پاڻ پنهنجـو اجاري ڇڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

تنهنجـي جيـون متـان، تنهنجـي جـوين متـان، روپ سـاوڪ سـجائي ڇـڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

رات کي مـات ڏئي، صبح کي مـاڪ ڏئي، سـج سـک جـو اپـاري ڇـڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

تـون سدائين هلـين، ڳـات اوچـو ڪٽـي، تـوکي امـر بڻـائي ڇـڏيان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.
تون نہ رو تون نہ رو- منهنجي جيجل امان.

جهـــــڙا ٿوهـــــــ ڪســــــارا،
تهـــــڙي آهـــــي هـــــاڻ حيـــــاتي،
او جيـــون ســـاٿي- مـــوٽي اچ تـــون.

جيـــــون دوکـــــو دوکـــــو ويتـــــر،
ڪئـــــي تـــــو ويســـــهہ گهـــــاتي.
او جيـــون ســـاٿي- مـــوٽي اچ تـــون.

ليـــــڙون ليـــــڙون لتـــــڙن مـــــان،
پيـــــو جـــــوين پـــــائي جهـــــاتي.
او جيـــون ســـاٿي- مـــوٽي اچ تـــون.

منهنجـــــا گيـــــت اڌورا تـــــوبن،
منهنجـــــــي مـــــــرک ممـــــــاتي.
او جيـــون ســـاٿي- مـــوٽي اچ تـــون.

تنهنجـــي مـــرک پســـڻ لاءِ آهـــي،
منهنجـــــــــي دلـــــــــڙي آتـــــــــي
او جيـــون ســـاٿي- مـــوٽي اچ تـــون.

تنهنجي مک تي گُهنج پسان مان،
ڪنـــــڊ وهايـــــان ڪـــــاتي.
او جيـــون ســـاٿي- مـــوٽي اچ تـــون.

# ڀاڳليءَ جي ناليءَ

نيڻ پنهنجا کڻي،
مُرڪندي
مُرڪندي،
مُرڪندي تي اچي،
سانوري نينگري.
ٻانوري نينگري.

چوڏهينءَ چنڊ جان،
دل جي ڌرتيءَ مٿان.
اُڀرندي،
اُڀرندي،
اُڀرندي تي اچي،
سانوري نينگري.
ٻانوري نينگري.

ها- نئين ڳاج جان،
ڪيرٿر جي مٿان.
اُلرندي،
اُلرندي،
اُلرندي تي اچي،
سانوري نينگري.
ٻانوري نينگري.

مورڙيءَ ٽور جان،
ڪارونجهر جي مٿان.
ٺُلڪندي،
ٺُلڪندي،
ٺُلڪندي تي اچي،
سانوري نينگري.
ٻانوري نينگري.

ڪيرَ ڳهاڳهر جيان،
پنهنجي ڪپڙن مٿان.
ڇُلڪندي،
ڇُلڪندي،
ڇُلڪندي تي اچي،
سانوري نينگري.
ٻانوري نينگري.


هڪ ڏينهن خبر تي ويندا سين،
بئي ڏينهن قبر تي ويندا سين،
ڪنهن پريم ڪٿا جي پيرا جي،
ڪا زيرَ زبرَ تي ويندا سين.


خانہ بدوش لفظن جا قافلا
(شاعري)
ادل سولنگي
اياز گل